
# تاريخ سنڌ

مصنف

منشي ٽوپڻ مل حيدرآبادي



سنڌي ادبي بورڊ

# تاريخ سنڌ


مصنف:

منشي ٽوپڻ مل حيدرآبادي

سنڌيڪار:

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري



سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو سنڌ

2008ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو ٻيو          سال 2008ع          تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ پنجاهه رپيا
[Price Rs. 150-00]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداري لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ گلبدن جاويد مرزا قائم مقام، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

تاريخ جو علم انسان جي شعور واري اک پٽجڻ کان پوءِ واري انساني گروهن جي زندگيءَ جي احوال کان شروع ٿئي ٿو پر ان جا پيرا انسان ذات جي رولاڪي واري سفر، ڏوٽي، شڪاري ۽ مالوٽد دور کان ٿيندو انسان ذات جي ٿانيڪي ٿيڻ ۽ وسنديون جوڙي هڪ انساني تهذيب جي شروعات ڪرڻ تائين جاري ۽ ساري آهي، انهيءَ سفر جي اوج تي انسان چنڊ تي وڃي ڪمند وڌا ۽ ڪير ڏارن جا ڳجهه ڳولي ۽ لولهي رهيو آهي.

سنڌو ماٿري انساني تهذيب جي هڪ قديم ڪهاڻي پنهنجي وجود ۾ رکي ٿي. ان جا اهڃاڻ سڄي نئيءَ ڪنڌ ۽ ان کان ٻاهر موجود آهن، جيڪي انهيءَ عظيم سنڌو سلطنت جي ڪهاڻي بيان ڪن ٿا، جنهن جو حدون 10 لک چورس ميلن تائين پکڙيل هيون.

سنڌ جي راءِ ۽ برهمڻ گهراڻي جي دور واري سنڌو سلطنت ۾ هڪ وسيع نظام حڪومت رکندڙ هئي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات تائين پکڙيل هيون. اِها سنڌ جي معلوم تاريخ راءِ، برهمڻ ۽ عرب دور کان چٽي نموني شروع ٿئي ٿي، جڏهن تہ سنڌ جي قديم تاريخ جا اهڃاڻ مهاڀارت جي رزميہ داستانن ۾ لڀن ٿا.

سنڌ جي تاريخ تي ٻهرين لکيل ڪتاب علي بن حامد ڪوفي جو عربي کان فارسي ۾ ترجمو ڪيل فتح نامہ عرف چچ نامہ آهي، جنهن جو اصل عربي مخطوطو اڃا تائين هٿ ڪونہ آيو آهي. ان ريت تاريخ سنڌ (از: نوين مل) سنڌ جي قلمي تاريخ جي خزاني ۾ مليل پندرهن (15) ڪتابن مان چوڏهن (14) نمبر تي آهي ۽ اهو لب تاريخ سنڌ کان 24 ورهيہ اڳ لکيو ويو هو. سنڌي ادبي بورڊ کي هيءَ ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هٿ ڪري ڏنو پاڻ اهو ڪتاب پنجاب يونيورسٽيءَ مان 50 سال ٻهرين هٿ ڪيو هو. ان جي سنڌي ترجمي جي ڇپجڻ جو سلسلو 2006ع

ڪان بورڊ پاران شروع ڪيو ويو. ڊاڪٽر عبدالرسول قادري وڏي محنت سان ڪيترائي ٻيا نسخا ڀيٽي ان جو معياري متن وارو سنڌيءَ ۾ ترجمو جوڙي بورڊ کي پيش ڪيو. ان لاءِ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب جي خدمتون پڻ شامل رهيون آهن.

سنڌ جي تاريخ جي هن اهم ماخذ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڇپائڻ سان هن ملڪ جي ويجهڙ واري تاريخ تي وڌيڪ روشني پوندي. هيءُ ڪتاب تاريخ جي علم سان دلچسپي رکندڙن وٽ ذوق ۽ شوق سان هٿو هٿ ورتو ويندو.

| | |
|---|---|
| ڄام شورو سنڌ | گلبدن جاويد مرزا |
| اڱارو ٢٨ شوال ١٤٢٩هه | قائم مقام سيڪريٽري |
| بمطابق ـ28 آڪٽوبر 2008ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# سنڌ جي ڏکايل صورتحال

سنڌ ۾ ڪهڙو فتنو فساد پيدا ٿيو آهي؟ ڄڻ تہ قيامت برپا ٿي آهي. جيئن تہ سنڌ، جهان ۾ امن امان جو گهوارو آهي. چاچوان، افسوس! ڇا مان ڇا ٿي ويو؟ هر جُهڳو جهڻ، هر گهر ڍهي سڙي مٽي برابر پَٽ ٿي ويو آهي. هر دنيا دولت وارو گداگر بنجي ويو. هر تاج ۽ ڇٽ رڪندڙ پڳدار، مٽي ۽ پيرين اگهاڙو ٿيو. ماڻهن جي دلين مان صبر نڪري ويو. ماءُ، پُٽ کان ۽ پُٽ ماءُ کان – سِر ڌڙ کان ۽ ڌڙ سر کان جدا ٿي ويا. هر ماڻهو اُن جي داٽي ڪٽي لاءِ سرگردان ٿيو. گلن جهڙن نازڪ بدن ماڻهن جا، صحرا جي ڪنڊن سان هٿ پير بہ مينديءَ وانگر رت سان ڳاڙها ٿي ويا.

اهڙي دکدائڪ صورتحال ٿي، جو پردي دار عورت جي مٿي تان پردو يا برقعو بہ لهي ويو. سون چانديءَ، پيسو پنجڙ جان جي حفاظت تان گهور ٿي ويا ۽ جانيون وري عزت آبرو تان قربان ٿي ويون.... هڪ ظلم تہ نہ ٿيو پر تمام گهڻا بہ سو ظلم ٿيا. هڪ ٿهري ڪم نہ ٿيو پر ڪيئي ڪم ظلم ٿيا. جيڪي ڳالهيون مؤمنن لاءِ روا هيون، الله جو قسم تہ ناجائز ڪم ٿيڻ لڳا. زمين وارن تي عجب مصيبتون، ڄڻ تہ هڪڙو ئي دفعو آسمان تان اچي ڪڙڪيون.

هن ظلم ستم کان دل خون ٿي وئي، اهو سڀ ڪجهہ تقدير سان ٿيو. نيڪ پارسائن اهڙي بي پردگيءَ کان سوين آهون دانهون ٿي ڪيون. مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي امت کان هي ڪهڙو ظلم آهي؟ جو اڄ مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي آل اولاد تي ٿي رهيو آهي; ڄڻ تہ يارهن سؤ سال اڳ وانگر عراق وارو واقعو رونما ٿيو آهي. "نظام" جڏهن هن احوال يا واقعي جو سال ڳوليم، تہ غيبي آواز ٿيو: "سلطنت سنڌ ڄڻ تہ ڪربلا ٿي."

– مير بجار خان ٽالپر جي صحبتي ۽ دوست غياز الدين خان طرفان شعرن ۾ بيان ڪيل سنڌ جي مشڪل ۽ ڏکويل صورتحال ۽ واقعات.

# فهرست

## باب پهريون


| صفحو | مضمون |
|---|---|
| الف | ❖ پيش لفظ (پروفيسر غلام محمد لاکو) |
| 17 | ❖ مقدمو (ڊاڪٽر عبدالرسول قادري) |
| 33 | ❖ مصنف جو مقدمو |
| 33 | ❖ تيمور شاهه بادشاهه جي بادشاهيءَ جو احوال |
| 34 | ❖ حالات همايوني |
| 34 | ❖ همايون جي دم زني |
| 35 | ❖ شير خان ۽ سليم خان افغان جو همايون کي حق چوڻ |
| 35 | ❖ افغان سپهه سالارن جي همايون بادشاهه سان لڙائي |
| 36 | ❖ همايون جي هار ۽ ڀاڄ |
| 37 | ❖ همايون جو سنڌ ۾ اچڻ |
| 38 | ❖ همايون طرفان خراسان جي بادشاهه کي مدد جو خط موڪلڻ |
| 38 | ❖ خراسان جي بادشاهه طرفان خوش آمديد جو جواب ڏيڻ |
| 38 | ❖ بادشاهه خراسان طرفان همايون جو والهانه استقبال |
| 40 | ❖ همايون طرفان مشهد مقدس جي مزارن جي زيارت جو شوق ۽ پنهنجي قسمت بابت رباعي |
| 41 | ❖ محفل موسيقي |
| 42 | ❖ بادشاهه خراسان طرفان لشڪر جي مدد ۽ همايون طرفان هيرو تحفو ڏيڻ |
| 42 | ❖ همايون جو ڏکن ڏاکڙن وارو سفر ۽ هندستان جو مختصر احوال |
| 42 | ❖ عمرڪوٽ قلعي جي ٻاهران "اڪبر" جي ولادت |
| 43 | ❖ همايون جو عمرڪوٽ مان قنڌار ۽ خراسان وڃڻ جو ارادو |
| 44 | ❖ حادثه همايوني: همايون کان پوءِ شير شاهه، سليم شاهه ۽ هيمون بقال "وڪرماجيت" جي حڪومت |

❖ همايون جو ڪابل قنڌار وارد ٿيڻ، الله تعاليٰ جي عنايت ۽
فتح سان ملڪ هندستان ڏي رخ ڪرڻ وغيره 45
❖ همايون هٿان ميمون بقال جو مارجڻ 46
❖ همايون جي وفات 46
❖ اڪبر بادشاهه جو تخت نشين ٿيڻ 47
❖ دعا 47
❖ حڪومت جو انتظام 47
❖ بيرم خان ۽ سندس مارجڻ جو احوال 48
❖ خان خانان جو ٺٽي ۾ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اچڻ 50
❖ ٻن درويشن جي پيشن گوئي 50
❖ خان خانان جي ملتان آمد ۽ مخدوم نوح جي جنازي نماز
۽ دعا ۾ حاضري 57
❖ اڪبر بادشاهه جي وفات ۽ جهانگير جي تخت نشيني 52
❖ ڪشمير جو سير ۽ جهانگير جي وفات جو انوکو واقعو 53
❖ شاهجهان جي بادشاهي ۽ وفات 53
❖ اورنگ زيب عالمگير جي بادشاهي جو احوال 54
❖ شاهجهان جا چار پٽ 54
❖ شاهجهان طرفان حال حياتيءَ ۾ داراشڪوه کي حڪومت
حوالي ڪرڻ 54
❖ دارا شڪوه ۽ اورنگ زيب ۾ اٿبٽت ۽ لڙائي 55
❖ دارا شڪوه جو مارجڻ ۽ شاهجهان جي نظربندي 56
❖ اورنگ زيب عالمگير جي شخصيت 57
❖ اورنگ زيب عالمگير جي وفات 58
❖ بهادر شاهه، فرخ سير، رفيع الدرجات ۽ رفيع الدوله جو هڪ
ٻي پٺيان بادشاهي تخت تي ويهڻ 59
❖ محمد شاهه جو بادشاهه ٿيڻ 60

❖ بادشاهي عيش عشرت، وزير جي اندروني مخالفت، نادر شاهہ کي ڳجهو خط ۽ هندستان تي نادري حملو 60
❖ نادر شاهہ بادشاهہ جي حڪومت جو احوال 63
❖ نادري ظلم ۽ ستم 63
❖ نادر شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ 64
❖ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي بيوسي ۽ ڏنڊ ڏيڻ 64
❖ نادر شاهہ جو خراسان ايران موٽڻ، بخت ڦِٽڻ ۽ مارجڻ 64
❖ نادر شاهہ جو قزلباشن هٿان مارجڻ جو انوکو احوال 65
❖ احمد شاهہ ابدالي دراني جو خزانو ڪٽڻ ۽ حڪومت سنڀالڻ 67

## باب ٻيو

سومرن ۽ سمن جي سلطنت جو احوال: 69_75
❖ سما سلاطين جو احوال 69
❖ ڄام تماچيءَ جو عشق ۽ نوريءَ سان شادي 70
❖ ڄام تماچي جو شاهجهان آباد ۾ قيد رهڻ ۽ درويش جي دعا سان آزاد ٿي بادشاهہ ٿيڻ. ان دوران ڄام جوڻي جي وفات جو انوکو احوال 70

بادشاهہ دلو راءِ جي حڪومت جو احوال: 72
❖ راجپوتن جو سمن تي ظلم ستم 72
❖ سمن جو ڏنڌو ۽ ڪِرت 73
❖ راجپوتن طرفان اروڙ تخت مقرر ڪرڻ 73
❖ دلو راءِ جو ظلم ۽ زيادتي 73
❖ راءِ سهاسي جي بادشاهي 73
❖ منشي چچ برهمڻ ۽ راڻي سوهنديءَ جو عشق 73
❖ راءِ سهاسي جي حڪومت ۽ مٽن ماٽن جو خاتمو 74
❖ چچ ۽ سندس پٽن جي بادشاهي ۽ ظلم 74

## باب ٽيون


عرب دور: 78_76

❖ بغداد مان عربن جي لشڪر جو ڪيچ مڪران ۽ سنڌ ۾ اچڻ 76

❖ ديبل جي فتح (شهپور = ديبل؟) 76

❖ ننگر ٺٽي ۽ نيرون ڪوٽ جو احوال 77

❖ برهمڻ آباد فتح ٿيڻ ۽ راءِ جو مارجڻ 78

❖ حجاج وٽ بادشاهه جي ٻن ڌيئرن جو ٻُهتان مڙهڻ ۽ نتيجي ۾ محمد بن قاسم جو انوکو موت 78


## باب چوٿون


ارغون: 84_80

❖ شاهه حسن ارغون 80

❖ ارغون ۽ ترخان 80

❖ مرزا باقي اڌ مغزي بادشاهه 80

❖ اڪبر بادشاهه جي حڪم سان ملتان ۽ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ خان خانان جو مقرر ٿيڻ ۽ اچڻ 81

❖ سنڌ ۾ صوبه دار يا نواب مقرر ٿيڻ 82

❖ محمد شاهه بادشاهه طرفان عيش عشرت ۾ سنڌ ڳائٽيءَ کي ڏيڻ ۽ صادق علي خان جي ڳائٽيءَ کان سنڌ زرخريد ڪرڻ ۽ ٺٽي ۾ اچڻ 83


## باب پنجون


عباسين (ڪلهوڙن) جي حڪومت جو احوال: 143_85

❖ ڪلهوڙن ۽ پنهورن ۾ لڙائي 85

❖ پنهورن جي ميان نصير محمد ڪلهوڙي خلاف مرڪز شاهجهان آباد ۾ دانهن ڪٽي وڃڻ ۽ اتان معز الدين جو اچڻ 86

❖ معز الدين هٿان ميان دين محمد ڪلهوڙي جو مارجڻ ۽ ميان يار محمد مسند نشين ٿيڻ 86

❖ ميان يار محمد طرفان ديوان موٽومل کي مرڪز ۾ حڪومتي فرمان وٺڻ لاءِ موڪلڻ ۽ فرمان جو جواب ۽ رڳو باراني زمين آبادي لاءِ ملڻ 87
❖ ديوان موٽومل جي ٻيهر ڪوشش سان فرمان جاري ٿيڻ 88
❖ شاهه عنايت الله جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو 88

## ميان نور محمد ڪلهوڙو

❖ خدايار خان (ميان نور محمد ڪلهوڙي) کي حڪومت ملڻ جو بيان 91
❖ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي شخصيت، ڪردار ۽ انتظام 91
❖ مير بهرام پٽ مير شهداد ٽالپر وفادار منتظم 93
❖ مير عبدالله بروهي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ماٺهن ۾ لڙائي ۽ ميان جي ماٺهن جي ڪاميابي 93
❖ ميان داؤد عباسي جي سرڪشي ۽ مير حڪيم عبدالرزاق جفار طلسمي هندستانيءَ جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ ان جو انوکو احوال 94
❖ مير عبدارلزاق حڪيم طلسم باز جو سيوهڻ ويجهو درياءَ ۾ ٻڏڻ 96
❖ سوداگرن کان سيوهڻ وٽ ڦرلٽ جو واقعو 96
❖ نادر شاهه جو سنڌ تي حملو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور انديشي ۽ عمرڪوٽ ۾ هڪ ڪروڙ ڏنڊ ڀرڻ ۽ ٻه پٽ يرغمال ٿيڻ 97
❖ لطف الله وڪيل عرف مير متاري جي ڏاهپ، ان جي ڳالهين کان متاثر ٿي نادر شاهه، ميان نور محمد کي ملڪ موٽائي ڏنو 97
❖ نادر شاهه جو مارجڻ ۽ احمد شاهه دراني جي بادشاهي 98
❖ احمد شاهه درانيءَ جو لاڙڪاڻي سنڌ اچڻ ۽ ميان تي خراج مڙهڻ 98

❖ احمد شاهہ جو بہ هندستان تي حملو ۽ ظلم ستم ڪرڻ 99
❖ شيخ عزيز الله ۽ شيخ شڪر الله سيوهاڻي جو مسلمانن تي،
سرڪاري خدمت بجا آڻڻ 99
❖ نئي جي ڪاردار گل محمد خراساني طرفان ڳروڻيڪس مڙهڻ 100
❖ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ٽر ۾ وفات، منشور الوصيت
۽ مدفن 101

## ميان محمد مراد ياب خان

❖ محمد مراد ياب خان جو حڪومت جي تخت تي ويهڻ ۽
بدانتظامي، ٿارو ڪاسائي ۽ ديوان ڀانو مل جي منتظمي 103
❖ آمدني ۾ گهٽتائي ۽ خدا آبادي عملدارن جي چال چلت 103
❖ ميان مراد ياب جي بدانتظامي ڪري سرائين جو ٻن گروهن
۾ ورهائجڻ 104
❖ ميان مراد ياب جي ڪوٽ تي سرائين جو حملو قبضو ۽
ڪيس قيد ڪرڻ 104
❖ ميان غلام شاهہ کان قرآن مجيد تي سرائين طرفان
بادشاهي جو واعدو وٺڻ 105
❖ مراد آباد ۽ احمد آباد شهر الاڄڻ ۽ ڦِتڻ 106
❖ ميان عطر خان طرفان بادشاهي جي دعويٰ ۽ حقداري 106
❖ ميان عطر خان طرفان داؤد پوٽن ۽ ميان غلام شاهہ طرفان
مير بهرام ۽ مرين وچ ۾ لڙائي ۽ ميان غلام شاهہ جي
ڪاميابي 106
❖ ميان عطر خان جي افغانن کي مدد لاءِ دانهن ڏيڻ ۽ سنڌ
اڌو اڌ ڪري ورهائڻ 107
❖ ميان غلام شاهہ، شاهہ ڳڙهہ قلعو جوڙايو ۽ ڪڪرالي جي
ڄام کي شڪست ڏني 107
❖ ديوان گدومل وڪيل جو افغان دربار مان غلام شاهہ جي
نالي فرمان جاري ڪرائڻ 108

## ميان غلام شاهہ خان


❖ ميان غلام شاهہ خان جي حڪومت جو احوال 109
❖ ميان غلام شاهہ جي شاندار شخصيت ۽ انتظام 109
❖ ديوان گدومل وڪيل ۽ ميربهرام جي عزت 110
❖ بالڪ رام منشي 110
❖ مجلسي آداب ۽ راڄ خوشحال 110
❖ راڄو ليڪي جي مشوري سان مراد ياب جي ہن پٽن حسن علي ۽ عباس علي کي درياءَ ۾ ٻوڙائڻ 111
❖ مبارڪ داؤد پوٽي جي ميان غلام شاهہ سان وفاداري 111
❖ حڪيم عبدالهادي کي انعام ۽ ماهيانو مقرر ڪري ڏيڻ 112
❖ هر موسم ۾ اميرن خدمتگارن کي ويس وڳا ڏيڻ 112
❖ جبل جاره ڪڇ جي فتح 112
❖ ميان غلام شاهہ جي سنڌ راڻيءَ سان شادي 113
❖ گهوڙن جي سار سنڀال، سير شڪار ۽ شاهہ پور شهر ٻڌرائڻ 113
❖ ميان غلام شاهہ ۽ مير بهرام وچ ۾ فصل گهٽ لهڻ تان اختلاف 113
❖ آسمان تي پُڇڙ تارو ڏسجڻ 114
❖ لاڪاڻ پرڳڻي ۾ گوشت جي ٽڪرن جو مينهن وسڻ 114
❖ ديوان گدومل طرفان بادشاهي دربار مان ڏيرن جو فرمان آڻڻ ۽ ميان جو ديرن ڏانهن وڃڻ 114
❖ ميان غلام شاهہ طرفان حيدرآباد ۾ پڪو ۽ ڪچو قلعو نئين سر جوڙائي، اتي رهائش اختيار ڪرڻ 115
❖ ديوان گدو مل وڪيل جو مارجڻ ۽ شيخ محمد محفوظ ٺٽويءَ طرفان وڪالت جو عهدو سنڀالڻ 116
❖ حيدرآباد ۾ زلزلو 116
❖ احمد شاهہ بادشاهہ جي وفات جي خبر سنڌ پهچڻ ۽ غلام شاهہ جو عذر خواهي لاءِ وڃڻ واسطي مير بهرام سان مشورو ڪرڻ 117

❖ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حيدرآباد ۾ وفات ۽ مدفن 118
❖ ميان غلام شاهہ جي دور ۾ ميان محمد سرفراز جي ديوان گدومل خزانه آفيسر سان دلي دوستي ۽ ميان غلام شاهہ جي ڪاوڙ 118


## ميان محمد سرفراز خان


❖ ميان محمد سرفراز خان جي حڪومت جو احوال 122
❖ ميان محمد سرفراز ۽ مير بهرام جي اندروني دشمني 122
❖ مير بجار پٽ مير بهرام جو پلي پار وڃڻ 122
❖ ميان محمد سرفراز جي ڪچهريءَ ۾ ميربهرام ۽ مير صوبدار جو مارجڻ 123
❖ ميان محمد سرفراز کي قدرتي هراس ۽ ڊپ 124
❖ ميان محمد سرفراز جو چار پيروز ڪان شادي لاءِ ڏيڻ جو سگ گهرڻ ۽ ميرن بلوچن جو ڪاوڙجڻ ۽ حملو ڪرڻ 125
❖ ميان محمد سرفراز جو حيدرآباد ڇڏي خدا آباد ۾ رهڻ 126
❖ ميان محمد سرفراز جي گرفتاريءَ جو تفصيلي واقعو 126


## ميان محمد خان


❖ ميان محمد خان پٽ غلام شاهہ جي بادشاهي جو احوال 129
❖ راڄوليڪي جي وفات ۽ تاجو ليڪي جو خليفو ٿيڻ 129
❖ ميان غلام نبي جي دستاربندي 130


## ميان غلام نبي


❖ ميان غلام نبي جو حڪومت جي تخت تي ويهڻ جو بيان 130
❖ مير بجار جو پلي پار تان سنڌ موٽڻ 130
❖ تاجو ليڪي، حسن کهاوڙ تاجو سامٽيئي ۽ پيروز پتافي جو مير بجار سان ساز 130
❖ ميان غلام نبي ۽ مير بجار وچ ۾ بدگماني، لڙائي ۽ ميان جي هار 130

❖ ميان غلام نبي جي قضا الاهي سان شهادت 131
❖ حيدرآباد قلعي ۾ ميان عبدالنبي طرفان عطر خان، محمد سرفراز مير محمد ۽ غلام شاهہ جي پٽ کي شهيد ڪرائڻ 131
❖ مير بجار ۽ ميان عبدالنبي جي وچ ۾ عهد پيمان 132

## ميان عبدالنبي

❖ ميان عبدالنبي جي تخت نشيني جو احوال 133
❖ مير بجار جي خير خواهي ۽ ميان عبدالنبي ۽ سندس ماڻهن جي اندروني دشمني 133
❖ مير بجار جي راجا جوڌپور جي وڪيلن هٿان شهادت 133
❖ مير بجار خان جي نائبي جو دور، شڪارپور لڳ افغان نور محمد بابر سان لڙائي ۽ فتح 134
❖ ديوان گدومل کي مير بجار طرفان معافي 135
❖ ميان عبدالنبي جو بلوچستان پهچي وڃڻ ۽ بلوچستان جي حاڪم کان مدد وٺي، چالڪ بند وٽ مير عبدالله پٽ مير بجار سان لڙائي ڪرڻ ۽ ميرن جي فتح 136
❖ سوائي سنگهہ ۽ ميرن جي لڙائي ۽ ميرن جي فتح 137
❖ ميان عبدالنبي جي ڪابل جي بادشاهہ کي مدد لاءِ درخواست ۽ مدد خان افغان جو سنڌ سان ڪلور 137
❖ مير فتح خان جو عمرڪوٽ ۾ قيد ٿيڻ ۽ انڪل سان پهچي وڃڻ 138
❖ مدد خان جو خدا آباد اچي ويهڻ، ميان عبدالنبي کان خرچ طلبڻ ۽ پنهنجي ملڪ موٽي وڃڻ 139
❖ ميان عبدالنبي جي اُجڙيل سنڌ تي بادشاهي ۽ ميرن سان ٺاهہ 140
❖ ميان عبدالنبي جو ٻُڍي دربان جي چوڻ تي ميرن جي اڳواڻن کي مارائڻ 140
❖ هالاڻي واري جنگ (ڪلهوڙن جي هار ۽ ميرن جي فتح) 141
❖ ميرن هٿان حيدرآباد قلعو فتح ٿيڻ 141
❖ سنڌ ۾ ڏڪار 142

## ميان صادق علي ۽ ميان عطر خان ڪلهوڙو


❖ ميرن طرفان ميان صادق علي ۽ بعد ۾ ميان عطر خان ڪلهوڙي کي حڪومت جي پڳ ٻڌائڻ 143

❖ ديوان گدومل ۽ سيٺي بلوچن طرفان مير فتح علي خان کي سنڌ جو حڪمران مقرر ڪرڻ 143


## باب ڇهون


ميرن جي صاحبي: 156-144

❖ ميرن طرفان قَسمر تي سنڌ جي ورهاست 144

❖ دستور موجب ميرن جا افغان دربار ۾ وڪيل 144

❖ مير بجار جي نائبي دور ۾ غياز الدين(؟) جو سنڌ اچڻ ۽ ان جو مير بجار سان قرب ۽ سنڌ بابت ڏکايل شعر 145

❖ ميان عبدالنبي(؟) جو آخرڪار جو ڏيور ضلعي ۾ رهڻ ۽ زماني جي رنگا رنگي ڏسڻ 148

❖ روميءَ جي رهاڻ 149

❖ ميان عبدالنبي جي ڪوڙي وڏائي 151


## ميرن جي پهرين چوياري


❖ مير فتح علي خان ٽالپر 152

❖ مير غلام علي خان ٽالپر 152

❖ مير ڪرم علي خان ٽالپر 152

❖ مير مراد علي خان ٽالپر 152

(مير نور محمد خان ٽالپر)


## ميرن جي ٻي چوياري


❖ مير نور محمد خان ٽالپر 153

❖ مير شهداد خان ٽالپر پٽ مير نور محمد خان ٽالپر 153

❖ مير محمد نصير خان ٽالپر 153

❖ مير علي مراد خان پٽ مير سهراب خان ٽالپر خيرپوري 154
❖ نيپئر جو سنڌ اچڻ 154
❖ ميرن جو اندروني اختلاف ۽ مير محمد نصير خان جو لڙائي ڪرڻ کان احتياط 154
❖ مير محمد نصير خان ۽ مير شهداد خان ٽالپر جو نيپئر سان لڙائي لاءِ حيدرآباد قلعي کان ٻاهر اچڻ ۽ ڪاٽڙي وٽ منزل انداز ٿيڻ 155
❖ مير صوبدار خان ۽ مير محمد خان ٽالپر جو نيپئر انگريز سان ڳجهو رابطو 155
❖ ننڍن ميرن جي جنگي ناتجربيڪاري 155
❖ ميرن ۽ انگريزن جي دوبدو لڙائي 156
❖ ٻين ميرن اميرن ۾ ٻاڄ ۽ مُک ميرن جا سڏ واڪا 156
❖ ميرن طرفان جنگ هارائڻ جا سبب، ميرن جي هار انگريزن جي فتح ۽ ميرن جو قيد ٿي ولايت وڃڻ 156

## پڇاڙي ۽ موڪلائي

❖ مصنف ۽ ڪاتب جو نوٽ 157
❖ ڪتابيات
[مصنف طرفان حوالي طور آندل ڪتابن جي الف – ب وار فهرست] 158
❖ ڏسٽي
❖ ماڻهن جا نالا 163
❖ ماڳن، مڪانن ۽ ادارن جا نالا 170
❖ ڪتابن جا نالا 174

❋

# پيش لفظ

سنڌي ادبي بورڊ جو قيام سنڌ سرڪار1951ع ۾ عمل ۾ آندو. ان وقت بورڊ جي اڪابرن متعدد علمي اسڪيمون تيار ڪيون. انهن اسڪيمن ۾ هيءَ رٿا بہ شامل هئي تہ، سنڌ بابت لکيل ٿيهہ فارسي ڪتاب، مختلف عالمن کان ايڊٽ ڪرائي ڇپرائي پڌرا ڪيا وڃن. بورڊ جي هن اهم علمي رٿا لاءِ، سيد حسام الدين راشدي صاحب سرگرم ڪردار ادا ڪيو. راشدي صاحب پاڻ بہ اڪثر ڪتاب ايڊٽ ڪيا، ۽ هن ڏس ۾ ٻين عالمن کان بہ ڪم ورتو. بورڊ پاران هن رٿا تحت ڪجهہ فارسي تاريخي ڪتاب ڇپجي نروار ٿيا. البت رٿيل سموري اسڪيم مڪمل ٿي نہ سگهي. ان کان علاوه بورڊ شروع ۾ ئي، انهن ڪتابن جي سنڌي ۽ اردو ترجمن ڇپرائڻ جو پڻ فيصلو ڪيو. هيل تائين اڪثر ڪتاب سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿي ڇپجي چڪا آهن، ۽ بتدريج ان ڏس ۾ ڪم هلندڙ آهي. برطانوي دور ۾ جيتوڻيڪ فارسي زبان جي اهميت ختم ٿي رهي هئي، تڏهن بہ انگريز عملدارن جي فرمائش تي فارسي زبان ۾ تاريخي ڪتاب لکجي رهيا هئا. پاڻ کي ان دور ۾ سنڌ جي تاريخ تي لکيل چئن ڪتابن جو ڏس پيو ٿو-

1- تازه نواءِ معارڪ

2- فريئر نامہ

3- تاريخ سنڌ

4- لُب تاريخ سنڌ

منشي خداداد خان "لُب تاريخ سنڌ" کان سواءِ، ڪي ٻيا ڪتاب بہ لکيا. انهن ۾ سال 1894ع ۾ ڇپيل "خيرپورنامہ" ڪي خاص اهميت حاصل آهي. مٿي ذڪر ڪيل ڇهن ڪتابن مان پهريون ۽ چوٿون ڪتاب، بورڊ جي تاريخي فارسي ڪتابن جي رٿا هيٺ اڳاٽو ڇپجي نروار ٿيا. فريئرنامہ، اڌ صدي اڳ بہ عالمن جي مطالعي ۾ رهيو، پر هن وقت ان جي ڪنهن بہ نسخي جو پتو نہ ٿو پوي. ۽ نہ وري ان جو ڪو ترجمو شايع ٿي سگهيو آهي.

ذڪر ڪيل ٽيون ڪتاب "تاريخ سنڌ" حيدرآباد جي منشي ٽوپڻ مل سنہ 1292هہ -1297 هہ واري عرصي ۾ لکيو. مصنف تاجپور جي لغاري نوابن جي خاندان سان وابستہ ڏسجي ٿو. لائق مترجم ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب، مصنف، ڪتاب جي لکجڻ ۽ ان جي مختلف نسخن بابت، پنهنجي مقدمي ۾ سير حاصل بحث ڪيو آهي. ان ڏس ۾ هتي وڌيڪ اپٽار ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي.

منشي ٽوپڻ مل جي "تاريخ سنڌ" ۾ جملي ڇهہ باب آهن. پهريون باب هندستان جي مغل تاريخ، ۽ نادري توڙي ابدالي حملن بابت لکيو ويو. باب ٻيو سومرن ۽ سمن جي سلطنت جي احوال تي مبني آهي. باب ٽيون عرب دور جي باري ۾ آهي. باب چوٿون ارغون، ترخان، مغل دور بابت آهي. باب پنجون سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دور حڪومت بابت ڪي قدر تفصيل سان لکيو ويو آهي.. ان ڪري ڪجهہ لکندڙن هن ڪتاب کي "تاريخ ڪلهوڙا" پڻ سڏيو آهي. باب ڇهون ميرن جي صاحبيءَ متعلق آهي ۽ نهايت اختصار سان لکيو ويوآهي.

هي ڪتاب سنڌ جي پيرائتي تاريخ ڪونهي. نواب فتح محمد خان پٽ نواب محمد خان جي ارشاد تي، منشي ٽوپڻ مل پنهنجي رٿيل ڪتاب لاءِ، مختلف ڪتابن مان مواد ورتو هو. سندس خيال هو تہ بعد ۾ ان کي سلسلي وار مرتب ڪري نروار ڪندو. ليڪن ڪتاب پڙهڻ بعد

معلوم ٿئي ٿو ته، هن ڪم کي آخري طرح سليقي سان اڪلائڻ جو ڪيس موقعو ئي نه مليو. ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڪتاب جي پهرين ڪاپي تيار ڪرڻ بعد پاڻ اوچتو فاني جهان کي ڇڏي زندگيءَ جي قيد مان ئي آزاد ٿي ويو. مٿي ذڪر ڪيل بابن جي ترتيب ڏسي ٽوپڻ مل جي "تاريخ سنڌ" جي بي ترتيبي صاف صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ان ڪان سواءِ واقعن جو دُرست اندراج نه ڪرڻ به هڪ اهم مسئلوآهي. مثال طور سومرن ۽ سمن جي باب ۾، راءِ خاندان ۽ برهمڻ گهراڻي جو احوال توجه طلب آهي. ڪلهوڙن واري باب ۾ ميان يار محمد جي زماني جي واقعن جو ميان نور محمد جي دور ۾ ذڪر ڪرڻ، منشي صاحب جي بي ترتيبيءَ کي وڌيڪ عيان ڪري ٿو. مراداياب خان جي ٻن پٽن جي قتل کي منشي ٽوپڻ مل، ميان غلام شاهه جي کاتي ۾ داخل ڪيو آهي. جڏهن ته "تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور" جو مصنف غلام رسول مهر، اڳ ۾ ئي هن ڏس ۾ پنهنجي عدم اطمينان جو اظهار ڪري چڪو آهي.

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري صاحب، ديانتدار مترجم طور هن ڪتاب جو ترجمو ڪيو آهي. جتي جتي به پاڻ مناسب سمجهيو اٿس، اتي مصنف جي غلطين جي ازالي خاطر وضاحتي حاشيا لکي، تاريخ سان انصاف جي تقاضا پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. منشي ٽوپڻ مل ڪجهه جاين تي غير مصدقه روايتن کي به ڪتاب ۾ جاءِ ڏني آهي. مثال طور ميان يار محمد جي ابتدائي ڏينهن جو ذڪر ڪندي، مغلن پاران ميان کي مليل موت متعلق هڪ شعر ڏنو اٿس، جنهن جو مطلب هي آهي ته: لفظ ڪلهوڙي ۾ جيڪو منڍ ۾ "ڪ" آهي، اهو ڪڍي باقي جيڪو لفظ بچي، اهو گهرنڌڙ کي ڏين (ص-87). جڏهن ته مصدقه روايتن موجب، مذڪوره شعر ميان نور محمد ڪلهوڙي نادري مطالبن کان نفرت ڪندي، ايراني سفير جي آڏو پڙهيو هو( عبدالله مگسي، سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو،ص-149).

ان سموري ماجرا ۾ بہ سنڌ جي تاريخ متعلق لکيل هن ڪتاب جي گهڻي اهميت آهي. ان جو سنڌي ترجمي جي صورت ۾ ڇپجڻ باعث اطمينان آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي عملدارن کي گهرجي تہ، ان ڪتاب جي اصل فارسي متن ۽ اردو ترجمي جي اشاعت جو پڻ ترت بندوبست ڪيو وڃي. ڊاڪٽر قادري صاحب کي جس آهي جنهن هن اڻ ڇپيل ڪتاب جو وڏي محنت سان سنڌي ترجمو ڪيو. سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده اهلڪارن: محترم عزيز شيخ (وائيس چيئرمن)، محترم گلبدن جاويد مرزا( سيڪريٽري)، ۽ حفيظ قريشي صاحب( پبليڪيشن آفيسر)، هي ڪتاب ڇپرائي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي ۾ پڙهندڙن جي چاهہ ۾ واڌارو ڪيو آهي. خدا تعالىٰ سڀني کي خوش رکي.

03 نومبر 2008ع

پروفيسر غلام محمد لاکو
سنڌ يونيورسٽي،
ڄامشورو

بسم الله الرحمن الرحيم

الصلواة والسّلام عليڪ يا رحمة للعالمين

# مقدمو

تاريخ جو علم گوناگون آهي. ان ۾ ماضيءَ جا ظلم ۽ ستم، عبرتناڪ ۽ دکدائڪ، سٺا ۽ خراب سبق آموز واقعا، حال جا اندوهناڪ داستان ۽ مستقبل جا ڪيئي پُرسوز مامرا ۽ ڏاهپ جا سبق سمايل هوندا آهن. دنيا جي تواريخ جيان سنڌ جي تاريخ بہ اهڙن عبرت ناڪ واقعن ۽ مامرن ۽ پرسوز داستانن سان پرپور آهي. انهي پس منظر ۾ سنڌ جي تاريخ جا پارکو ماضيءَ مان عبرت، حال مان حقيقت ۽ مستقبل واسطي سبق پروڙيندا ۽ پرائيندا رهيا آهن.

عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ سنڌ جي تاريخ جا گهڻا دفتر لکيا ويا آهن. هونئن تہ سنڌ جي تاريخ جا فارسي ماخذ بہ گهڻا آهن، پر سر دست فارسيءَ ۾ سنڌ جي تاريخ بابت ڇپيل دستياب ڪتابن جو وچور هن ريت آهي:

| | | |
|---|---|---|
| * فتح نامو عرف چچ نامو | علي بن حامد ڪوفي، | 613هـ/1216ع |
| * نصرت نامہ ترخان، | محمد بن بايزيد پوراني | 968هـ/1561ع |
| * تاريخ معصومي، | مير محمد معصوم بکري | 1009هـ/1600ع |
| * بيگلار نامہ، | ادراڪي بيگلاري، | 1017هـ/1608ع |
| * تاريخ طاهري، | سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي، | 1030هـ/1621ع |
| * مظهر شاهجهاني، | ميرڪ يوسف، | 1044هـ/1634ع |
| * ترخان نامہ، | سيد مير محمد بن جلال ٺٽوي | 1065هـ/1654ع |
| * نامہ نغز | باغ علي "خائف" سنڌي | 1155هـ/ 1742ع |
| * تحفة الڪرام، | مير علي شير قانع ٺٽوي | 1181هـ/1768ع |
| * فتح نامہ، | مير عظيم الدين ٺٽوي | 1199هـ/1784ع |
| * تاريخ بلوچي، | عبدالمجيد جوکيو بکري | 1218هـ/1803ع |
| * تاريخ تازه نواء معارڪ، | منشي عطا محمد شڪارپوري | 1271هـ/1854ع |

*مختصر تاريخ سنڌ. سيد محب الله بکري 13 صدي هجري
19 صدي عيسوي
*تاريخ سنڌ. منشي ٽوپڻ مل حيدرآبادي. 1292هه/1876ع
*لب تاريخ سنڌ. خانبهادر خداداد خان 1318 هه/1900ع

سنڌ جي تاريخ بابت هي مختصر فارسي ڪتاب "تاريخ سنڌ"، از منشي ٽوپڻ مل اڃان تائين قلمي صورت ۾ آهي. خاص ڳالهه تہ هي ڪتاب "سنڌ جي تاريخ" بہ آهي ۽ "تاريخ ڪلهوڙا" بہ مشهور آهي. هڪ لحاظ سان "ميرن جي تاريخ" بہ آهي. ايئن ٿو لڳي تہ ڪتاب ۾ ڪلهوڙا دور جي پڇاڙي، ميرن جي صاحبي جو سڄو دور ۽ ميرن کان انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ تائين جو دور اڌ مني صدي گويا مصنف جي اکين اڳيان گذريو آهي. اڪثر واقعا بہ اکين ڏٺل يا ٻُڌل ٻڌل ٿا لڳن.

هن ڪتاب جو مڪمل ۽ صحيح قلمي نسخو پنجاب يونيورسٽي لائبريري لاهور ۾ هو. اڌ صدي کن پهريان ڪوشش ڪري، سنڌ جي تاريخ ۽ تحقيق خاطر محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان تان فوٽو ڪرائي، پنهنجي لائبريري ۾ آندو ۽ هينئر ترجمي واسطي سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري کي ڏنو. ان کان پوءِ هن ڪتاب جا ناقص اڻ پورا قلمي نسخا يا اُتارا دستياب ٿيا. ڪتاب "تاريخ سنڌ" جو مڪمل صحيح نسخو نواب فتح محمد خان لغاري تاجپوري جي چوڻ تي لکيو ويو.

## مُصنف:

تاريخ سنڌ جي مصنف بابت سندس زندگيءَ جو احوال ڪلهوڙا دور، ميرن جي صاحبي ۽ انگريز دور جي مشاهيرن ۾ ان جو تذڪرو ڪونہ ٿو ملي. "رتن جوت" ۽ "سنڌي هندن جي تاريخ" ۾ بہ سندس احوال ناپيد آهي. البت سندس تاريخ سنڌ جي اندروني حوالن، ڪاتب جي نوٽ ۽ ڪن ٻين اهڃاڻن ذريعي ڪجهہ محدود معلومات هن ريت آهي.

تاريخ سنڌ جي مصنف جو نالو منشي ٽوپڻ مل پٽ منشي ٽنور سنگهہ ويٺل ٽنڊوآغا اسماعيل شاهہ تعلقہ حيدرآباد. جيئن تہ مصنف جي پيءُ جي نالي سان گڏ "منشي" لکيل آهي. ان مان ظاهر آهي تہ، خود مصنف ۽ سندس پيءُ بہ لک پڙهہ جو ڪم ڪندا هئا ۽ منشي سڏيا ويا. دفتري لک پڙهہ جو ڪم ضرور چار اکر پڙهيل لکيل جي حوالي ڪبو آهي.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زماني ۾ فارسي ٻوليءَ جو رواج هو. دفتري لک پڙهه، شاهي فرمان، روزيني ۽ وظيفن جون سندون ۽ فرمان به فارسي ۾ لکيا ويندا هئا. ان ڪري منشي لاءِ خوش خطي به لازم جزو هوندي هئي. ان سان گڏ شعر و سخن جو ذوق به ضرور هوندو هو جو موقعي مناسبت سان لک پڙهه کي مائيدار بنائڻ لاءِ شعر به شامل ڪيا هئا.

ان سلسلي ۾ ڏسجي ٿو ته، مصنف ڪتاب "تاريخ سنڌ" ۾ جا بجاءِ مثنوي رومي، جامي، حافظ ۽ سعدي جا موقعي مناسبت سان فارسي شعر آندا آهن. ان مان به ظاهر آهي، ته تاريخ سنڌ جو مصنف پنهنجي پنهنجي دور جي نامور فارسي شاعرن جي ڪلام جو سُخن شناس پڻ هو ۽ انهن نامور شاعرن جي ڪلام کي موقعي مناسبت سان شامل ڪرڻ جو ڏانءُ به ڄاڻندو هو. ٻين شاعرن جون چيل ڪيترين وفات جون تاريخون به ڏنيون اٿس. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته، ابجد ۽ تاريخ ڪيڍڻ جي فن کان به واقف هو. مصنف تاريخ سنڌ ۾ چچ نامي، جهانگير نامہ، اڪبر نامہ، تاريخ معصومي کان وٺي منشور الوصيت ۽ تحفة الڪرام تائين پنجويهه ڪتابن ۽ شاعرن جي ديوانن جا حوالا ڏنا آهن.

بهرحال تاريخي ڪتابن ۽ فارسي جي ديوانن ۽ شعر و شاعري جي جا بجاءِ حوالن ڏيڻ مان ظاهر ٿئي ٿو ته، مضنف جو فارسي ٻوليءَ ۽ ادب تي سٺو عبور هو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته، مصنف مروج فارسي تعليم پوري طرح پڙهيل هو ۽ کيس فارسي ٻولي، تاريخ ۽ شعر و ادب تي سٺي دسترس هئي.

مصنف هڪ هنڌ نادر شاهہ( 1160هہ/1747ع) جي مارجڻ کان پوءِ سراسري طور مسلمان حڪومتن جي ڪمزوري ۽ ڇڙوڇڙ ٿي رهڻ جو ذڪر ڪندي زمان حال ۾ لکيو آهي ته:

"2 تاريخ ذوالحج ، سال 1216هہ/1801ع هلي رهيو آهي."

هي ميرن جي ٻهرين چوياري جو زمانو ۽ ٻهرين حڪمران مير فتح علي خان ٽالپر جي حڪومت جو آخري دور آهي، جو مير به خودمختار نہ، پر افغان بادشاهہ جا ڏن پرو هئا. مير فتح علي خان مهينو سوا پوءِ 9 محرم 1217هہ/ 1802ع ۾ وفات ڪئي ۽ ان کان هفتو پوءِ سندس ڀاءُ مير غلام علي خان ٽالپر ٻيو نمبر حڪمران تخت نشين ٿيو.

سچي ڪتاب ۾ بس اهو ئي هڪ حوالو تاريخ ۽ سال سان آيل آهي ۽ غالباً ڪتاب ۾ ڪلهوڙن جي آخري دور ۽ ميرن کان سنڌ فتح ڪرڻ جو اکين ڏٺو احوال معلوم ٿئي ٿو. جيسين مصنف جي جنم ۽ وفات جي تاريخ معلوم ٿئي، تيسين مٿئين سال 1216هه/1801ع کان ٻائيتاليهه سال پوءِ سال 1259هه/ 1843ع ۾ انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ ۽ نواب فتح محمد خان لغاري جي ارشاد ۽ چوڻ تي هن ڪتاب لکجڻ جو سال 1292هه/ 1876ع ڏسجي ٿو ان طرح معلوم ٿئي ٿو. مصنف وڏي ڄمار ماڻي.

جيڪڏهن اندروني حوالي طور 1216هه/ 1801ع مير فتح علي خان ٽالپر جي آخري دور جو سال ۽ نواب فتح محمد خان لغاري جي ارشاد تي ڪتاب لکجڻ جو سال 1292هه/ 1876ع جو اندازو ۽ حساب ڪبو ته ڇاهتر سال ٿيندا. بالفرض جيڪڏهن 1216هه/ 1801ع جي ڀرئين حوالي واري سال وقت، مصنف جي عمر پنجويهه ٽيهه سال هجي، ته پوءِ هو 1180هه/ 1767ع ڌاري ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور ۾ ڄائو هوندو ۽ ان اندازي موجب سؤ سال کان وڏي ڄمار ۾ وفات ڪئي هوندائين.

تاريخ به عجيب غريب واقعن سان پريل هوندي آهي. پيءُ، پٽ تي ناراض – پٽ، پيءُ جو بي فرمان – ڀاءُ، ڀاءُ جو ويري – دوست، دوست جي سر جو گهورو ۽ مٽ مائٽ، عزيز قريب جو مخالف هوندو آهي ۽ اندروني طور امير وزير به وقت جي حڪمرانن جا دشمن پي رهيا آهن. هن "تاريخ سنڌ" ۾ اهڙا ڪيئي واقعا سامهون ايندا، جن ۾ عبرت جو ڪافي سامان موجود آهي. اهڙي ريت مصنف هن ڪتاب ۾ اهڙا ڪيئي پرسوز واقعا ڏنا آهن، جن جو ٻين ماخذن ۾ اڻ لکو عڪس مس هوندو. انهن واقعن جي سياسي طور وڏي اهميت آهي، جو پاڻ سياسي حالتن جي ڄاڻ ۽ دلچسپي سان هي تاريخ لکيائين .

مصنف "تاريخ سنڌ" کان سواءِ هڪ تاريخي ڪتاب"نادر نامه" فارسي ۾ به لکيو. مصنف ان جو ذڪر نادر جي ايران موٽي وڃڻ واري بيان ۾ ڪيو آهي. ان کان اڳ ان ڪتاب جو ذڪر ڪٿي به نه ڪيو ويو آهي. نادر نامي ۾ نادر شاهه بادشاهه جي سوانح حيات، هند ۽ سنڌ جي فتحن ۽ لڙاين سان گڏ، روم ۽ بغداد جي لڙائي ۽ شڪست جو احوال به آهي.

مصنف هڪ هنڌ پاڻ کي "غريب نواز" ڪري لکيو آهي. هو سنڌ جو احوال سومرن سمن جي ابتدا ۾ لکي ٿو ته:

"هي غريب نواز الله تعاليٰ جي تائيد سان سومرن جو احوال آٿي ٿو."
عجيب ۽ دلچسپ ڳالهه هي آهي تہ مصنف غير مسلم هوندي بہ هر ڳالهه ۾ چوي ٿو: "هي ڪم الله تعاليٰ جي حڪم سان ٿيو. تقدير ، تدبير تي غالب ٿي. جيئن ڪنهن کي حڪومت ملڻ، ڪنهن کان بادشاهي کسجڻ ۽ ڪنهن جو مارجڻ وغيره".

## ڪتاب تاريخ سنڌ:

هن ڪتاب جا ٽي نسخا دستياب آهن:

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لائبريري جو نسخو (هي سنڌي ترجمو ان نسخي کي سامهون رکي ڪيو ويو آهي).
2. نسخو نامور محقق ڊاڪٽر غلام محمد لاکو.
3. پروفيسر محمد پنهل ڏهر جو نسخو.

1- ڊاڪٽر بلوچ جو نسخو اصل ۾ پنجاب يونيورسٽي لائبريري لاهور جي قلمي نسخي تان فوٽو ورتل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب يادگيري طور نسخي جي مٿان پنهنجي هٿ سان هي لفظ لکيا آهن:

"تاريخ سنڌ"
لمولفه
نوپڙ مل
نسخه پنجاب يونيورسٽي لائبريري.

ان جي هيٺان سندس نالي جي مهر لڳل آهي:

"از ڪتا بخانه فقير ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ — هديه

ڊاڪٽر بلوچ جو نسخو مڪمل آهي. ان ۾ اٺهتر ورق، هڪ سو اٺونجاهہ صفحا آهن. پوين چئن صفحن ۾ فارسي ۽ سنڌي ۾ موضوع کان سواءِ ٻيا شعر لکيل آهن. صفحي جي ڊيگهہ نو انچ ۽ ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ ڏهہ سٽون ۽ هرسٽ ۾ سراسري طور ٻارهن لفظ آهن.

ڪتاب جي آخر ۾ ڪاتب جو نوٽ لڳل آهي. ان ۾ مصنف جو نالو تاريخ، سال ۽ جنهن جي فرمائش تي ڪتاب لکيو ويو اهو مختصر تفصيل هن ريت آيل آهي:

> "هيءَ نسخو ڪمزور بي مقدار نوپڙ مل پٽ منشي تنور سنگهہ ٽنبڙي مرحوم آغا اسماعيل شاهہ تعلقي حيدرآباد جي هٿان لکجي پورو ٿيو.

هي ڪتاب جناب ... نواب فتح محمد خان پٽ نواب
حاجي ميان محمد خان لغاري تاجپوري جي ارشاد ۽ چوڻ تي
تاريخ 26 مهيني جمادي الثاني 1292 هجري مطابق 18 جولاء
1876ع ۽ برابر سنڌي مهيني اڪاڙ سنبت 1996(؟) ۾ لکيو ويو."

2 – ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي عڪسي نسخي تي ڪتاب جو نالو "تاريخ ڪلهوره" لکيل آهي. صفحا هڪ سو ٻاونجاهه ۽ ڪتابت جي هي تاريخ لکيل آهي:

" 11 مئي 1876ع / 16 ربيع الثاني 1292 هجري، سنڌي ماهه ويساک 1944(؟)"

هي نسخو ناقص ۽ اڻ پورو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن نسخي جو پهريون صفحو ۽ آخر ۾ ڇهہ صفحا ڪٽل آهن. ڪاتب وضاحت ڪئي آهي تہ هي ڪتاب نواب ولي محمد خان لغاري پٽ نواب احمد خان لغاري جي چوڻ تي لکيو ويو. هن نسخي جي فوٽو ڪاپي، مرزا عباس علي بيگ مرحوم، پنهنجي حياتيءَ ۾ از راهہ شفقت، ڊاڪٽر غلام محمد لاکي کي ڏني هئي.

3ـ محمد پنهل ڏهر جو نسخو بہ منڍ ۽ آخر ۾ ڪٽل آهي ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي نسخي جو عڪس آهي. البت منڍ ۾ الڳ پني تي جلد ٻڌائيندڙ هن ريت نوٽ لکيو آهي:

"تاريخ ڪلهوڙا فارسي قلمي"

تصنيف منشي ٽوپڻ مل ولد منشي تنور سنگهہ وِيٺل ٽنڊه آغا اسماعيل شاهہ لڳ حيدرآباد 16 ربيع الثاني 1256هہ/ 1840ع ۾ لکجي پورو ڪيل (؟). اڄ تاريخ 25 جمادي الاول 1386هہ/11 سيپٽمبر 1966ع ۾ هي نئون جلد ٻڌو ويو.

..... ( لکندڙ جو نالو پڙهڻ ۾ نہ ٿو اچي)
ملڪيت ميرزا ياور حسين بيگ طول عمره
نورچشم ميرزا محمد ذڪي بيگ ....
راقم ...... مرزا
23 - 09 - 1988ع حيدرآباد سنڌ."

ڪتاب جي آخر ۾ هي مهر لڳل آهي: "نواب بهاول حس. . ر ي لائبريري، ٽنڊو . . . . . . "

راقم ڊاڪٽر بلوچ جي نسخي تان سنڌي ترجمو ڪيو. محمد پنهل ڏهر جو اڻ ڇپيو عڪسي نسخو بہ سامهون رهيو. ترجمي پوري ٿيڻ

ڪان پوءِ ڊاڪٽر لاکي جو قدري صاف ۽ چٽو عڪسي نسخو مليو. ان نسخي ترجمي پيٽرڻ ۾ مدد ڏني.

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ محمد پنهل ڏهر جا ٻئي نسخا ناقص آهن. جيڪي تيمور جي احوال ڪان شروع ٿي ڪلهوڙا دور جي پڄاڻي تي ختم ٿين ٿا. ميرن جي صاحبي ۽ انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ جو احوال هنن ٻنهي نسخن ۾ شامل ڪونهي. ان ڪري ٻنهي نسخن مٿان عنوان "تاريخ ڪلهوڙا" لکيل آهي. جيڪو موجود مواد جي لحاظ سان صحيح آهي. البت ڊاڪٽر بلوچ واري نسخي ۾ ميرن ڪان انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ ۽ ميرن ڪي ولايت موڪلڻ جو احوال بہ شامل آهي ۽ عنوان "تاريخ سنڌ" لکيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ هڪ ڪتاب جي هن نالي بابت هن ريت وضاحت ڪئي آهي:

"فقير صاحب (نواب ولي محمد لغاري) جي ارشاد تي منشي نوپڻ مل ٽالپورن ڪان اڳ واري دور جي تاريخ (تاريخ سنڌ) فارسي ۾ تاليف ڪئي... هيءَ هن تاريخ جو پهريون جلد هو جو فقير نواب ولي محمد جي ارشاد تي لکيو ويو." .....

نواب فتح محمد خان لغاري جي ايماء تي منشي نوپڻ مل سنہ 1292هہ ۾ فارسي " ۾ تاريخ سنڌ" جو ٻيو جلد ٽالپور اميرن جي دور بابت لکيو... هن ڪتاب ۾ 1259هہ/1843ع تائين جا واقعات آهن"[1]

سيد حسام الدين راشدي هن ڪتاب جي مصنف، تاريخي مواد ۽ اهميت بابت لکي ٿو:

"تاريخ سنڌ – مصنف منشي نوپڻ مل، تصنيف قبل 1259هہ.

152 صفحن جي هن تاريخ ۾ سنڌ جو سرسري خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. ڪي واقعا منجهس اهڙا بہ آهن، جيڪي ٻي ڪنهن بہ تاريخ ۾ ڪونہ ٿا ملن."[2]

حقيقت ۾ هن ڪتاب "تاريخ سنڌ" جو مواد ڏسجي ٿو تہ، هي ڪتاب رڳو ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور بابت تحرير ٿيل نہ آهي، پر برصغير سنڌ

---

[1] ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري". سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 1990ع، صفحو 114، 175.

[2] سيد حسام الدين راشدي "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي – حيدرآباد، 1981ع، ص 751.

هند جي تاريخ جو مختصر جائزو آهي. جيڪو دراصل ڇهن ڀاڱن ۾ وراهيل آهي:

1. تيمور شاهہ بادشاهہ جو احوال ۽ همايوني حالات. هن ۾ مغل دور جو سرسري جائزو آهي. جنهن ۾ ضمناً نادر شاهہ جو دهلي ۽ سنڌ تي حملو بادشاهي ۽ مارجڻ ۽ احمد شاهہ ابدالي جو ذڪر.
2. سومرن ۽ سمن جو گڏيل احوال
3. عرب دور: هن ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ اچڻ کان اڳ ۾ سومرن . سمن ۽ دلو راءِ جو احوال آڻي، پوءِ محمد بن قاسم طرفان سنڌ ۾ اچڻ جو احوال لکيل آهي. يعني هي ڀاڱو عرب دور، سومرن، سمن، دلو راءِ، چچ ۽ راجا ڏاهر تائين جي احوال تي مشتمل اهي.
4. ان کان پوءِ شاهہ حسن ارغون جي حوالي سان ارغون ترخان دور جو بيان آهي.
5. ڪلهوڙا دور جو تفصيلي احوال آهي.
6. ميرن جي صاحبي. ميرن جي پهرين ۽ ٻي چوياري جو مختصر ذڪر آهي ۽ آخر ۾ انگريزن جو سنڌ تي حملو ميرن جي پاڻ ۾ اندروني مخالفت. ميرن کان حڪومت کسجڻ ۽ ميرن کي قيد ڪري ولايت موڪلڻ جي بيان تي ڪتاب پورو ٿئي ٿو.

هي ڪتاب برصغير خاص ڪري سنڌ جي تاريخ جو مختصر خاڪو آهي ۽ ڳالهہ ڪٿڻ جي انداز ۾ لکيل آهي يعني حڪايت ۽ ڳالهہ مان ڳالهہ نڪري ٿي. اهو سلسلو تيمور شاهہ بادشاهہ جي حڪايت کان شروع ٿي، سنڌ جي تاريخ جا سڀ دور ۽ ميرن کان انگريزن طرفان سنڌ فتح ڪرڻ تائين جو احوال سلسليوار هليو ٿو اچي. وچ ۾ تاريخي ڪتابن جا حوالا ۽ موقعي مناسبت سان رومي، جامي، حافظ ۽ سعدي ۽ ٻين جا شعر ۽ وفات جون چيل فارسي تاريخون بہ درج آهن. ان ڪري هڪ تاريخ جو خاڪي وارو مواد دلچسپ مائيدار ڪتاب بنجي پيو آهي.

تاريخ سنڌ جي محبت دل ۾ رکي، هن ڪتاب " تاريخ سنڌ" فارسيءَ جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ تاريخي طور عبرت جو گهڻو احوال موجود آهي. اميد تہ تاريخ جي طالب علمن سان گڏ عام ماڻهو بہ هن ڪتاب مان لاڀ پرائيندا.

ڪير فردوسي ٿئي؟
جو وري هڪ داستان،
اچ لکي سنڌ جو ڏئي! [صائب]

*

سنڌ سموري سون، سنڌ سچي سرهاڻ
سنڌ سموري سونهن، سنڌ سچي ساواڻ،
سنڌ سموري سچ، سنڌ ڪٿوري ڪاڻ،
سنڌ ڀٽائي گهوٽ جي، سنڌ ڀٽائي ساڻ،
سنڌ اسان جو ساهہ، سنڌ اسان ئي پاڻ،
سنڌ "قمر" ڪريم جي، سنڌ ڏئي سرواڻ،
موج پريو مهراڻ، سدا وهي سنڌ ۾.

[ رحيم بخش "قمر" لاکو]


*

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين!

[ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي]

طالب العلم
**عبدالرسول قادري**
ڳوٺ بخشو مگسي(ديهہ 7 ڏڙي مگسي)
يونين ڪائونسل ماروي
تعلقو سڪرنڊ، ضلعو نوابشاهہ، سنڌ.


چنچر
1_ ذوالحج 1427 هجري
23 ڊسمبر 2006ع



الهی بخیر باد بهر دم فضل در کار

مخفی نماند که ذکر احوالات هندوستان و سند به از آغاز تیمور شاه بادشاه
صاحب قران تا نوبت عهد اورنگ زیب عالمگیر بادشاه تفصیلوار در تاریخ
معتبر درج ست و بعد از سلطنت اورنگ زیب هرچه درج [illegible]
هند الطریق مجملی مختصر بنابر اطلاع بقلم آورده شد تا مفهوم خورد و بزرگ گردد
و بطریق اجمال نوشته شد ذکر سلطنت تیمور شاه بادشاه غازی صاحبقران
حکایت جلوس تیمور شاه بادشاه صاحب خروج و اقبال نمود ملک خراسان
و بعد


"تاريخ سنڌ" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتب خاني ۾ موجود
نسخي جو پهريون صفحو




ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي نسخي جو آخري صفحو

ملک خراسان و بعضی هندوستان تمامی در تصرف او بود و قتال
و جدال ها بسیار کرد و بعد ازان میران شاه پسر او اگرچه عالمگیر نشد ولیکن
اکثری از ولایت [illegible] خراسان در دست داشت ازان بعد سلطان
محمد پس ازان [illegible] شیخ [illegible] شیخ بودند و از نسل عمر شیخ حضرت بابر
بادشاه [illegible] ملک خراسان و هندوستان تصرف
[illegible] آمد چنانچه کیفیت [illegible] در واقعات بابری که در ترقی لطف ها فتنه
و در تواریخ های دیگر [illegible] درج ست ازان بعد همایون پسر او
قایم مقام [illegible] همایون [illegible] گیرا گردید و لشکری عظیم و خزانه
بسیار جمع کرد و سلطنت هندوستان بنام نامش رواج گرفت و علو
علم او بلند گردید [illegible] تاریخ بنظر آمد روزی همایون بادشاه

ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي عڪسي نسخي جو پهريون صفحو




ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي عڪسي نسخي جو آخري صفحو


ملک خراسان و بعضی هندوستان تمامی در تصرف او بود و قتال
و جدال با بسیار کرد و بعد ازان میران شاه پسر او اگرچه عالمگیر نشد لیکن
اکثری [illegible] در دست [illegible] ازان بعد سلطان
محمد پسر ازان [illegible] شیخ بودند و از نسل عمر شیخ حضرت بابر
بادشاه [illegible] ملک خراسان و هندوستان تصرف
آمد چنانچه کیفیت آن در واقعات بابری که در ترقی [illegible]
و در تواریخ های دیگر [illegible] درج است ازان بعد همایون پسر او
قایم مقام [illegible] گردید [illegible] همایون اوج گیرا گردید و لشکری عظیم و خزانه
بسیار جمع کرد و سلطنت هندوستان بنام نامش رواج گرفت و [illegible]
حکم او بلند گردید [illegible] تاریخ [illegible] همایون بادشاه

محمد پنهل ڏهر جي عڪسي نسخي جو هڪ صفحو

# متن
# تاریخ سنة

# باب پهريون

## [مصنف جو مقدمو]

اي منهنجا الله! هميشه هر ڪم فضل ۽ خير سان هجي شال! مخفي نہ رهي تہ هندستان ۽ سنڌ جو تاريخي احوال، ڪامياب ۽ فتح مند بادشاهہ تيمور شاهہ [صاحب قِران[1] 736 هہ/1336ع -- 1807هہ/1405ع] جي شروعات کان وٺي، بادشاهہ اورنگ زيب عالمگير [1027هہ/1618ع -- 1118هہ/1707ع] جي دور تائين جو بيان، پروسي لائق تاريخ ۾ تفصيل وار لکيل آهي. ان ڪري اورنگ زيب جي بادشاهي کان پوءِ هندستان ۾ جو ڪجهہ شورش يا فتنو فساد ظاهر ٿيو. اهو احوال مختصر طور قلم ذريعي لکجي ٿو تہ جيئن ننڍي وڏي ماڻهو کي معلوم ٿئي.

## تيمور شاهہ بادشاهہ جي بادشاهيءَ جو احوال

فتح مند غازي "تيمور شاهہ" بادشاهہ جي بادشاهيءَ جو مختصر احوال نموني طور هي آهي.

**حڪايت:**

جڏهن تيمور شاهہ بادشاهہ صاحب خروج، دٻدٻي ۽ ياڳ وارو هو تہ خراسان جو ملڪ ۽ ڪجھ سارو هندستان بہ ان جي قبضي ۾ هو. ان خون ريزي ۽ لڙايون بہ گهڻيون ڪيون.

ان کان پوءِ سندس پٽ "ميران شاهہ"، جيتوڻيڪ عالمگير نہ ٿيو

---

[1] صاحب قِران يا قرن السعدين امير تيمور گورگان جو لقب آهي. اصل ۾ "صاحب قِران" اهو شخص جنهن جي جمڻ يا نطفي جي قرار وٺڻ وقت زهره ۽ مشتري ٻئي ستارا هڪ برج ۾ هجن. خيال ڪيو وڃي ٿو تہ اهڙو ڄاول ٻار ضرور بادشاهہ ٿيندو ۽ سندس بادشاهي گهڻو وقت هلندي. مطلب تہ وڏو خوش قسمت، نيڪ ۽ فتح مند ڪامياب. -- مترجم.

يعني گهڻن ملڪن جو بادشاهہ تہ نہ بڻيو پر ملڪ خراسان جي گهڻي ولايت يا حڪومت سندس هٿ هيٺ هئي.

ان کان پوءِ سلطان"محمد " ۽ ان کان بعد "ابو شيخ" ۽ "عمر شيخ" حڪمران هئا.

عمر شيخ جي نسل مان"بابر" بادشاهہ تسلط ورتو يا بادشاهہ ٿيو. ملڪ خراسان ۽ هندستان ان جي قبضي ۾ آيا. ان جو تفصيل سندس ٺي ترڪي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب "رقعات بابري" ۽ ٻين تاريخي ڪتابن ۾ تفصيل وار لکيل آهي [1].

## همايوني حالات:

بابر بادشاهہ کان پوءِ سندس پٽ "همايون" بادشاهيءَ جو جانشين ٿيو ۽ همايوني بخت بلند بالا ٿيو. وڏو لشڪر ۽ گهڻو خزانو گڏ ڪيائين. هندستان جي حڪومت سندس نالي مشهور ٿي. سندس حڪم جو غوغاءِ يا آواز بلند ٿيو.

## همايون جي دم زني:

ڪنهن تاريخ ۾ ڏٺو ۽ پڙهيو اٿم تہ هڪ ڏينهن همايون بادشاهہ [1508ع – 1556ع ] عيد جي سڳوري ڏينهن، عيد گاهہ جي زيارت ۽ عيد نماز پڙهڻ واسطي عيد گاهہ ڏانهن پي ويو. ان سان گڏ سندس خدمتگار ناٿن جا پوليس عملدار ۽ دهلي شهر جا ماڻهو ۽ سڀ امير امراء بہ همرڪاب ۽ گڏ هئا. جيئن تہ عيد گاهہ دهلي شهر کان ڪجهہ فاصلي تي هو. ان ڪري بادشاهہ سان گڏ ويندڙ خاص ۽ عام ماڻهن جو آواز

[1] بابر بادشاهہ جي پنهنجي آتم ڪهاڻي ترڪي ٻوليءَ ۾ "تزڪ بابري" نالي مشهور آهي. گهڻو ڪري "رقعات بابري" مان ان ئي بابر جي خود نوشت آتم ڪهاڻي "تزڪ بابري" ڏانهن اشارو آهي. تزڪ بابري جا گهڻين ٻولين ۾ ترجما ڇپيا آهن. يا ممڪن آهي تہ "رقعات" نالي الڳ ڪتاب بہ هجي – مترجم.

حڪومت جي ساز سامان، هاٿين گهوڙن ۽ وڏين ننڍين سوارين جي گهڻائي ڪري، زمين تي تر ڇنڻ جيتري به جاءِ ڪانه هئي. ان وقت بادشاهي ساز سامان ماڻهن، سوارين جي گهڻائي، فخر ناز ۽ گهمنڊ ۽ وڏائي ڪري، همايون بادشاهه جي زبان مان هي لفظ نڪتا:

"مون وٽ جيترو لشڪر آهي، ايترو خدا وٽ به ڪونهي."

## شير خان ۽ سليم افغان جو همايون کي حق چوڻ:

جڏهن بادشاهه جي زبان مان هي لفظ نڪتا ۽ جيئن ڪمان مان ڇٽل تير واپس موٽي نه ايندو آهي. خاص عام ماڻهن بادشاهه جا چيل اهي لفظ ٻڌا، ته قدرت الاهي ۾ حيران ٿي ويا!( ته همايون بادشاهه فرعون وانگر ايڏي دم زني هٽي هي ڇا ٿو چوي؟)

عيد گاهه ۾ هن واقعي دوران افغان قوم مان بادشاهي دربار جي ملازمن مان "شير خان" ۽ "سليم خان" نالي بادشاهه کي عرض ڪيو ته:

"اَج بادشاهه جي زبان مان ڪفر جو ڪلمو ۽ فرعوني دعويٰ جا لفظ نڪتا آهن. اسين چوڻ سان جڙ ته ، الله تعاليٰ سان شريڪ ٿيڻ ۽ پنهنجي.بادشاهي جي پاڙ پٽڻ برابر آهي."

## افغان سپهه سالارن جي بادشاهه سان لڙائي:

اسين اهي افغان ملازم بادشاهه کي حق جو ڪلمو چئي، نوڪري ڪرڻ کان موڪل گهري، ملازمت کي لت هڻي، شجاعت ۽ بهادريءَ جو جهنڊو بلند ڪري، دهلي جي قلعي مان ٻاهر نڪري آيا. انهن افغانن جي فوجي دستي ۾ پنج هزار افغان ماڻهو شامل هئا ۽ هي صدا عام ڪيائون ته:

"بادشاهه دين اسلام کان ڦري ويو آهي. جيڪو به اسلام وارو سچو ماڻهو آهي، اهو اسان سان اچي گڏجي رفاقت ڪري، ته بادشاهه سان لڙائي ڪيون. جيڪڏهن مري پياسون، ته الله تعاليٰ وٽ سرخرو ٿينداسون.

الله تعاليٰ وڏي غيرت وارو غيور آهي ۽ فتح اسان جي ٿيندي. پري ناهي تہ وڏائي ڪندڙ کي جهان ۾ برباد ڪري!"

ايئن چئي بادشاهہ کي اطلاع ڪيائون تہ:

"جمعي جي ڏينهن جنگ شروع آهي. بادشاهہ قلعي کان ٻاهر نڪري اچي مقابلو ۽ لڙائي ڪري. هنن ٿورڙن سپاهين جي شجاعت بهادري ۽ مڙسي ڏسي. اٺن ڏينهن جي مهلت آهي. جيڪڏهن بادشاهہ شرعي حد جو لحاظ ڪري دين اسلام تي اچي تہ خير آهي، نہ تہ مار ڌاڙ جو ڪوبہ انديشو ۽ ڊپ نہ آهي."

ان وچ ۾ اندازاً ٻارهن هزار مسلمان هنن افغانن سان مرڻ مارائڻ لاءِ اچي شامل ٿيا.

بادشاهہ بہ جنگ جو ساز سامان تيار ڪيو. گهڻا توپخانہ، بيشمار سپاهي ساٿس گڏ هئا ۽ پاڻ جنگ جي ارادي سان ٻاهر آيو. بادشاهہ جي حڪومت طاقت ۽ وڏائي جي ڪري، مخالف لشڪرين تي سندس اک بہ نہ ٿي ٻڏي.

پر قادر مختار الله تعاليٰ جي حڪم سان تمام گهڻي بادشاهي لشڪر، صوبن جي اميرن ڪبيرن، توپخاني ۽ جنگي ساز سامان هجڻ جي باوجود همايوني لشڪر کي شڪست آئي ۽ هار کاڌائون.

## همايون جي هار ۽ ڀاڄ:

بادشاهہ اتان پاڻ بچائي، هاٿي ۽ هڪ گهرواريءَ (زال) سان گڏ وٺي ڀڳو. هاٿي سوار جمنانديءَ کان درياءَ جي طرف آيو. جيئن تہ ڪنارو اُڀو هو ۽ ماڻهو هٿ ڏيڻ وٺڻ کان سواءِ مٿي نہ ٿي چڙهي سگهيو. ان دوران حڪومت جو ڪو وفادار ملازم، درياءَ جي ڪناري سان گهوڙي تي سوار اتان اچي لانگهائو ٿيو. بادشاهہ جو هٿ وٺي کيس ڪناري تي آندو ۽ پنهنجو گهوڙو خدمت ۾ آڇيو. بادشاهہ گهوڙي تي چڙهي، لاهور جي قلعي

ڏانهن رخ ڪري روانو ٿيو.

بادشاهه جي پويان به لشڪر مقرر ٿيو ته جنهن کي به بادشاهه هٿ اچي، اهو کيس قيد ڪري وٺي اچي.

بادشاهه جاٻه ڪي خير خواهه امير ۽ ڪجهه لشڪر وارا نمڪ جو حق ادا ڪرڻ لاءِ ڪجهه ساٿي ساڻ ڪري بادشاهه سان گڏ هلڻ لڳا ۽ لاهور جي قلعي ويجهو اچي پهتا.

بادشاهه (؟) ساٿين جي ٿورڙائي ڪري، پاڻ ۾ مقابلي جي سگهه نه ساري، لاچار قلعي کان ٻاهر اچي سامهون ٿيو.

قلعو شاهجهان آباد، توبخاني جو سامان ۽ سيئي بادشاهي ڪارخانا ساز سامان سميت "شير شاهه" جي هٿ آيا ۽ قبضو ڪيو ۽ پويان لشڪر منزل منزل سان پي آيو.

## همايون جو سنڌ ۾ اچڻ:

ان وقت سنڌ، گجرات ۽ قنڌار جي بادشاهي ارغونن ۽ ترخانن وٽ هئي. انهن همايون بادشاهه جي اچڻ جو ٻڌي، سکر(بکر،سنڌ) جي قلعي دار يا قلعي جي نگهبان کي لکيو ته:

> "قلعي جي سار سنڀال مضبوط ڪيو ۽(همايون) بادشاهه کي مهلت نه ڏيو ته جيئن قلعي اندر اچي نه سگهي."

شير شاهي لشڪر به همايون ۽ ساٿين پويان لاڳيتو تلاش ۾ پي آيو. ان ڪري همايون بادشاهه ٿورڙي لشڪر سان ٻيڙين ذريعي چاچڪان پرڳڻي، ڳوٺ تعلقي جوڻ ۾ ارغونن جي ڊپ ۽ هراس کان عمرڪوٽ ڏانهن رخ ڪيو. ـ عمرڪوٽ، صوبي گجرات جي سرحد تي موجود آهي.

## همايون طرفان خراسان جي بادشاهه کي مدد جو خط موڪلڻ:

"هن خيال سان ته قنڌار ۽ ڪابل جي رستي سان خراسان جي

بادشاه جي خدمت ۾ پهچي، مدد ۽ تعاون حاصل ڪري. جيڪڏهن خراسان جي بادشاه طرفان لشڪر جي مدد ملي، ته ڏاڍو چڱو نه ته ٻي صورت ۾ مڪي شريف جي زيارت واسطي ٻاهران اوڏانهن جي واٽ وٺجي." همايون اهو سربستو احوال خراسان جي بادشاه ڏانهن لکي موڪليو.

هن مشڪل احوال جي مناسبت سان"ظفر نامه" ۾ هي بيت لکيل آهي:

مابر اين ورنہ بي عزت و جاه آمدہ ايم.
ازلي‌ء حادثه دوران بہ پناه آمده ايم.

[اسان قسمت سان هن نموني جاه ۽ مرتبي کان سواءِ توهان وٽ آيا آهيون. زماني جي ازلي حادثي جي ڪري اوهان جي پناه ۾ آيا آهيون.]

## خراسان جي بادشاه طرفان خوش آمديد جو جواب ڏيڻ:

خراسان جي بادشاه، عظيم الشان بادشاه (همايون) کي اهڙي نموني پاڻ وٽ اچڻ کي غنيمت سمجهيو ۽ سندس خط جو بروقت جواب لکيو ۽ خط جي منڍ ۾ هي غزل لکي موڪليو. غزل جو پهريون بند هيءُ هو:

خير مقدم اي فروزان لعل ڪہ از کان آمدي.
تاج شاهي شد مسلم چون تو مهمان آمدي.

[توجهڙي کاڻ جي هيري لعل جوهر جي اچڻ تي ڀليڪار چئون ٿا. تون بادشاهيءَ جو ميجيل ڇٽ يا مسلمانن جي بادشاهيءَ جو تاج آهين. توجهڙي مهمان اچڻ تي مبارڪ هجي!]

## بادشاه خراسان طرفان همايون جو والهانه استقبال:

خراسان جي بادشاه پنهنجي اميرن ۽ قلعي دارن کي فرمان

موڪليو تہ:

"خراسان جي سرحد تي همايون بادشاهہ جي اچڻ مهل هر ڪا خدمت ۽ هر وقت هڪيا حاضر انتظار ڪندا رهن. هر منزل تي سون چانديءَ سان سينگاريل خاص گهوڙا تيار هجن. تنبو طولاب ، سون چانديءَ جا ٿانو ٿپا، راڳ رنگ واسطي فنڪار ۽ کاڌي پيتي جو ساز سامان بہ حاضر ۽ موجود رکن، تہ جيئن همايون بادشاهہ جو خراسان جي سرحد کان وٺي، هن شهر يعني گاديءَ جي هنڌ پهچڻ تائين سموري خدمت گذاري جي رسم بجا آڻي جاري رکن. هر لحظي وڏي بادشاهہ همايون جو راضپو سيني ڳالهين کان وڌيڪ اهم سمجهن ۽ چوڻ کان اڳ ۾ هر خدمت بجا آڻين."

اميرن ۽ قلعي دارن بہ خراسان جي سرحد کان خراسان جي بادشاهہ جي فرمان موجب، بادشاهہ سلامت همايون جي رضا طلبيءَ لاءِ هر طرح اهي سڀ خدمتون چاڪريون بجا آنديون، جيڪي فرمان ۾ چيل هيون.

بادشاهہ همايون بہ سڀ خدمتون چاڪريون ڏسندو خوش ٿيندو اچي خراسان پهتو.

همايون بادشاهہ خير عافيت سان ملڪ خراسان جي حد ۾ آيو، تہ خراسان جي شهزادي(بادشاهہ جي پٽ) بہ چار پنج منزلون وٺي وڃي اڳتي سندس استقبال ڪيو، مقصد تہ خراسان جي بادشاهہ ان وقت جيڪي همايون بادشاهہ جي استقبال ۽ خدمت لاءِ ايتريون تياريون ۽ خدمتون ڪيون. اهي هن زماني ۾ جڻ تہ هڪ اڻ ٿيندڙ افسانو آهن:

ازشيوه مردمان اين دور خلاف،
گويم رمزي اگر گيري نہ گذاف،
چون سينہ ساعت آمد پيوستہ بهم،
دلها همه پر غبار جان ها همه صاف.

[هن زماني جي بيڪار ماڻهن جي حالت ٻڌايان ٿو اگر ڪوڙ نه سمجهين. ظاهر ۾ ته دليون يا سينا مليل نظر اچن ٿا. پر دلين جي اندر گند پريل اٿن ۽ ظاهر ۾ جسم تمام صاف اٿن.]

سبحان الله! زمانو ته ستمگار آهي، پر جنهن وقت همايون بادشاهه شهر ۾ داخل ٿيو ته خراسان جو بادشاهه پاڻ سندس استقبال لاءِ آيو ۽ پاڪر پائي ڪيس آڻي تخت تي ويهاريو. جيڪو تخت خاص همايون لاءِ سينگاريو هئائون.

## همايون طرفان مشهد جي مزارن جي زيارت جو شوق ۽ پنهنجي قسمت بابت رباعي:

همايون بادشاهه، مشهد جي مزارن ۽ امام موسيٰ رضا رحمة الله عليه جي زيارت جو شوق ڏيکاريو ته پهريان پاڪ مزارن جي زيارت لاءِ دل چوي ٿي. ان ڪري ٻئي بادشاهه مزارن جي زيارت لاءِ حاضر ٿيا ۽ همايون بادشاهه اتي پنهنجي چيل هي رباعي پڙهي:

افسوس ڪه سرمايه ز ڪف بيرون شد.
و ز دست اجل بسي جگرها خون شد!
ڪس نيامد ازان جهان ڪه تا پرسم از او
ڪه احوال مسافرانِ عالم چون شد؟

[افسوس جو سرمايو هٿ کان ٻاهر ٿيو ۽ قسمت يا تقدير جي هٿان ٻه گهڻا جگر رتو رت ٿيا! ڪو ماڻهو ان جهان مان موٽي نه آيو جو ان کان پڇان، ته هُن جهان جي مسافرن جو احوال ڪهڙو ٿيو؟]

زيارت کان پوءِ ٻئي بادشاهه هٿ هٿ ۾ ڏئي بادشاهي محل ۾ آيا. خراسان جي بادشاهه انساني همدردي ۽ ماڻهپي، رعايت ۽ خدمت ڪندي وسان ڪونه گهٽايو.

ڳالهه ٿا ڪن ته همايون بادشاهه ايران جي سرحد تي اچڻ کان

وٺي مشهد مقدس جي زيارت ڪرڻ ۽ پهچڻ تائين، پورو هڪ سال منزل بمنزل پنڌ پورو ڪيو. جيئن تہ همايون بادشاهہ جو ساز سامان دهليءَ ۾ هو ان ڪري خراسان جي بادشاهي امر موجب، هر منزل تي سندس پوري خدمت بجا آندي پئي وئي.

## محفل موسيقي:

مقصد تہ اتي وڏيءَ محفل جو بندوبست ٿيو ۽ ٻئي وڏي شان وارا بادشاهہ الڳ الڳ تختن تي اچي ويٺا. مشهور راڳ جي فن جا ڄاڻو ۽ موسيقي جا ماهر قوال مجلس ۾ حاضر ٿيا ۽ سرود جي محفل ۾ "ديوان شاهي" ٻڌائڻ شروع ڪيائون:

مبارڪ منزلي کان خانہ را ماهي چنين باشد
همايون ڪشور کان عرصہ را شاهي چنين باشد.

[بابرڪت آهي اهو گهر، جنهن جا رهاڪو ۽ اڳواڻ اهڙا هجن. خوش نصيب آهي اهو ملڪ، جنهن جو بادشاهہ اهڙو هجي!]

جڏهن قوال هن بيت تي پهتا:

ز رنج و راحت گيتي ترسان دل مشو خيرم،
کہ آئين جهان گاهي چنين باشد گاهي چنان باشد.

[اي دل زمين يا زماني جي ڏک سک کان نہ ڊڄ، جو دنيا جهان جو قانون ڪڏهن ڪيئن ۽ ڪڏهن ڪيئن آهي.]

جيئن تہ هي بيت حال ۽ وقت جي مناسب هئا، ان ڪري اهي شعر همايون بادشاهہ جي طبيعت کي گهڻو وڻيا. آفرين ۽ شاباس چئي، قوالن کي گهڻو انعام بہ ڏنائين.

## بادشاهہ خراسان طرفان لشڪر جي مدد ۽ همايون طرفان هيرو تحفو ڏيڻ:

همايون ڪجهہ وقت مشهد مقدس ۾ تخت تي آرام ۽ سڪون سان رهيو. موڪلائڻ وقت خراسان جي بادشاهہ ٻارهن هزار سوارن جو لشڪر خدمت ۽ مدد طور ڏنو.

موٽ ۾ همايون بادشاهہ ٻہ سٽن مثقالن جو هيرو- جيڪو جوهرين جي تور موجب اندزاً پنجتيهہ ماسا هو— خراسان جي بادشاهہ کي تحفي طور ڏنو. "اڪبر نامي" ۾ لکيل آهي تہ. "ان هيري جي قيمت خراسان جي سٽن سالن جي خراج برابر هئي."

پوءِ بادشاهہ همايون ڪابل قنڌار ڏانهن واڳون واريون، تہ اتان جي اڳوڻن اميرن ڪبيرن بہ سندس والهانہ استقبال ڪيو ۽ همايون وٽ اميرن ڪبيرن ۽ لشڪر جو وڏو ڪٽڪ گڏ ٿي ويو. انهن جي طاقت ۽ زور ذريعي گهٽائي قلعا فتح ڪيائين.

## همايون جو ڏکن ڏاکڙن وارو سفر ۽ هندستان جو مختصر احوال:

همايون بادشاهہ جي ڏکئي سفر ۽ هندستان جو مختصر احوال وڌيڪ لکجي ٿو:

جنهن وقت همايون بادشاهہ ڳوٺ جوڻ ۽ تعلقي چاچڪان مان عمرڪوٽ ڏانهن وڃڻ جو پڪو دلي ارادو ڪيو. ان وقت اندازاً ٽي سو بهادر خدمتگار لشڪر ۾ موجود هئا. اهو سفر ڏاڍو ڏکن ڏاکڙن ۽ ڪٺن منزلن وارو هو.

## عمرڪوٽ قلعي ٻاهران "اڪبر" جي ولادت:

نيٺ خير سان همايون عمرڪوٽ پهتو. ان وقت عمرڪوٽ قلعي جي ٻاهران ڪيس پٽ اڪبر بادشاهہ ناليِ(تاريخ 4 رجب 949هہ — 15 آڪٽوبر 1543ع) (حميده) بيگم پيٽان ڄائو.

داني راءِ نجومي ننيڙي بادشاهه (اڪبر) جي بخت ۽ ڀاڳ جو ستارو زائچن ذريعي معلوم ڪري، بادشاهه سلامت تائين احوال پهچايو تہ:

"اڪبر عظيم الشان بادشاهہ ٿيندو ۽ وڏيون فتحون ماڻيندو ۽ تخت ۽ حڪومت جو صاحب ٿيندو."

## همايون جو عمرڪوٽ مان قنڌار ۽ خراسان وڃڻ جو ارادو:

حاصل ڪلام تہ همايون، عمرڪوٽ کان قنڌار وڃڻ جي واٽ وٺڻ جو پڪو ارادو ڪيو. شهزادو مرزا ڪامران، بابر بادشاهہ جي اولاد مان همايون بادشاهہ جو سڳو ڀاءُ هو. صوبو ڪابل ۽ قنڌار ان جي قبضي ۾ هئا.

سابق غزني پنهنجي تصنيف ۾ هي غزل جا بند لکيا:

حسن تو دمبدم افزون بادا!
طالعت فرخ و ميمون بادا!

هرغباري کہ از حب خيزد
نور چشم من محزون بادا!

گرد کہ آن از ره ليلي آمد
جاي او ديده مجنون بادا!

هرکہ گِرد تو چو پرکار نگشت
او ازين دائره بيرون بادا!

کامران تاکہ بود بود راست
بقا خسرو دهر همايون بادا!

[تنهنجي حسن ۾ هر دم اضافو ٿي رهيو آهي.
تنهن جي شان ۾ مان ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي.

هر اهو غبار جيڪو محبت ڪري بلند ٿئي ٿو
تہ منهنجي اک غمگين ٿئي ٿي.
ليلي جي گذرڻ جي واٽ تان جا مٽي اڏامي ٿي،
ان غبار جي جاءِ مجنون جون اکيون آهن.
جيڪو تنهنجي چؤطرف پلڪار وانگر نہ ٿو ڦري،
اهو هن دائري مان خارج آهي.
هر شخص يا بادشاھہ ان وقت ڪامياب ٿيندو،
جڏهن سچو ٿيندو،
وقت جي بادشاھہ جي بقا بہ ان ۾ آهي.]

همايون بادشاھہ کي ان شهزادي مرزا ڪامران جي مُروت ۽ مدد تي پورو پورو ڀروسو هو. ان ڪري ان تي اعتماد ڪري، گهريو تہ سندس زال حميده بيگم ۽ شهزادو اڪبر ان وٽ قنڌار ۾ ڇڏي، پاڻ خراسان ڏي واڳون واري. اهو خيال ۽ مصلحت سندس دل ۾ جاءِ گير ٿيا ۽ ايئن ڪيائين جو سون چانديءَ، هيرا جواهر ۽ ٻيو مال اسباب، دايون ٻانهيون ۽ ڪجهہ وفادار خدمتگار ڏئي، شَهزادي اڪبر کي قنڌار موڪليائين. انهن کي الله تعالي جي مدد جي حوالي ڪري، پاڻ خراسان طرف روانو ٿيو. اهو احوال اڳ ۾ مختصر طور درج ٿيل آهي ۽ "تاريخ اڪبر نامي" ۾ تفصيل سان لکيل آهي.

## حادثه همايوني: (همايون کان پوءِ شير شاھہ، سليم شاھہ ۽ ميمون بقال جي حڪومت)

هينئر هندستان جو احوال جيڪو همايوني سلطنت جي زوال کان پوءِ هند ۾ ظهور پذير ٿيو. سڄي هندستان ۾ "حادثه همايوني" نالي تمام گهڻو مشهور آهي، اهو قلم ذريعي لکجي ٿو.

شير شاھ افغان، جيڪو همايون بادشاھ کان پوءِ هندستان جي حڪومت تي غالب آيو. ڪجهه سال حڪومت ڪيائين. ان کان پوءِ سندس پاءِ سليم شاھ ان جي جاءِ تي تخت نشين ٿيو.

اهو بہ وفات ڪري ويو تہ ، الله تعاليٰ جي عجيب قدرت سان ميمون نالي بقال حڪومت تي قبضو ڪيو — اهو ميمون نالي هندو بقال دهلي شهر جي هندن مان سليم شاھ جي سرڪار ۾ ملازم هو. سليم شاھ جي زماني ۾ ڪن ڪارخانن جي سنڀالڻ جي عهدي تي مقرر هو. سليم شاھ جي وفات کان پوءِ جاءِ خالي ٿي، تہ ان بقال کي اڳواٽي جو شوق ٿيو سو حڪومت تي قابض ٿي ويٺو - اهو بقال پنهنجو نالو تبديل ڪري "راءِ" چوائڻ لڳو. رڳو ان لقب تي بس ڪانہ ڪيائين، پر پنهنجو نالو"وڪرماجيت" رکيائين. هاٿي گهوڙا، هند جا سپاهي، مال اسباب ڪارخانا وغيره پنهنجي قبضي ۾ آندائين ۽ هندستان جي سلطنت پنهنجي نالي حوالي ڪيائين.

ان دوران همايون بادشاھ جو نالو سندس ڪن تي پيو. جنگي مال اسباب گڏ ڪري انتظار ڪرڻ لڳو تہ هاٿي سندس لاءِ غيب جي پردي مان ڇا ٿو ظاهر ٿئي؟

## همايون بادشاھ جو ڪابل قنڌار وارد ٿيڻ. الله تعاليٰ جي عنايت ۽ فتح سان ملڪ هندستان ڏي رخ ڪرڻ وغيره:

همايون بادشاھ رعب ۽ بخت ذريعي ڪابل ۽ قنڌار جا قلعا فتح ڪيا. شهزادي اڪبر کي ساڻ ڪري هندستان طرف توجهه ڪيو. لاهور جو قلعو بہ بادشاهي قبضي ۾ آيو. اتان منزلون هٽندا اڳتي وڌندا رهيا. تہ حالتن کان مجبور ٿي ڪيس ڇڏي ويل اڳوڻو لشڪر بہ سندس خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو.

## همايون هٿان "بقال" جو مارجڻ:

همايون جي پهريان ميمون بقال سان لڙائي لڳي. قدرت الاهيءَ سان هو هاٿي تي سوار هو ته غضب جو تير سندس پيشاني جي هڪ پاسي کان لڳي، ٻي طرف کان نڪري ويو ۽ انهي وقت مري ويو. همايون بادشاهه کي وڏي فتح ۽ ڪاميابي نصيب ٿي. ان تي بادشاهه الله تعاليٰ جي حضور ۾، حضور دل سان شڪرانو بجا آندو.

## همايون جي وفات:

قدرت جي عجائبات مان هي به آهي ته، همايون بادشاهه مٿان ڇت جي ڏاڪڻ تان لهندي، ٻانگ جو آواز ٻڌو. وڏي عمر ۽ پيريءَ جي ڪري هٿ ۾ لٺ جي زور تي هيٺ لهندو ٿي آيو ته تڪڙ مان سندس ڏاڪڻ تان پير کسڪي ويو ۽ بادشاهه ٿڙندو ٿاٻڙندو هيٺ اچي ڪريو. ڌڪن جو تاب نه سهي، همايون بادشاهه وفات ڪري ويو ۽ سندس روح جسم مان نڪري ويو ۽ الله تعاليٰ جي بخشش جي حوالي ٿي ويو.

ان وقت اڪبر بادشاهه ننڍو ٻارهن سالن جو هو. ان ڪري مصلحت طور ٻارهن ڏينهن تائين همايون بادشاهه جي وفات کي ڳجهو رکي ظاهر نه ڪيائون، ته جيئن اوچتو فتنو ۽ بغاوت ظاهر ۽ پيدا نه ٿئي. ڇاڪاڻ ته ڪي فتنو فساد پکيڙيندڙ ماٿهو ڪُنڊن ۾ هئا ۽ وقت جي تاڙ ۾ هوندا هئا. ان عرصي دوران وزيراعظم خان خانان بادشاهي معاملن جو ذميدار هو.

# اڪبر بادشاھ جو تخت نشين ٿيڻ:

همايون جي وفات جي ٻارهين ڏينهن اڪبر بادشاھ ۽ سينئي اميرن ڪبيرن کي وفات جي خبر ٻڌاياءُون. لشڪر گڏ ڪري اتفاق ۽ ٻڌيءَ سان مبارڪ گهڙيءَ ۾ اڪبر بادشاھ کي بادشاهيءَ تي ويهارياءُون. پوءِ عام ماڻهن ۾ همايون بادشاھ جي وفات جي خبر ظاهر ڪياءُون.

## دُعا:

جيستائين الله تعاليٰ گهريو تہ سندس بادشاهي قائم رهندي، دنيا جا ساز سامان، مال اسباب موجود رهندا، ان جي وجود سان تخت جي رونق وڌندي رهندي. ڇاڪاڻ تہ اڪبر بادشاھ جي پاڪ جو سعد ستارو "الله اڪبر" هو ۽ جيڪو بہ سندس برابري جي دعوي ڪندو اهو اونڌي مُنهن هيٺ وڃي ڪرندو.

## حڪومت جو انتظام:

اڪبر بادشاهي تي تخت نشين ٿيو تہ ان کان پوءِ ويڙهاڪ ۽ جنگجو ماڻهو پاڪ ۽ بخت ڏسڻ يا مدد ڪرڻ لاءِ هر طرف کان اچي گڏ ٿيا. هنرمند پورهيت، نجومي، حاذق حڪيمَ ۽ شاعر ڪاريگر بہ هر ملڪ کان اچي سهڙيا، راجہ بيربل، نارھ سين (تانسين) توڏر مل، ابوالفضل ۽ فيضي(سنڌي) ۽ سڀ هنرمند بہ گڏ ٿيا.

سڄو هندستان سندس هٿ هيٺ آيو. چؤطرف انتظام سنڀالڻ ۽ هلائڻ لاءِ صوبہ دار مقرر ٿيا. هر روز سلطنت جي رونق موج ۽ اوج واري ٿيڻ لڳي.

فن شاعريءَ جي ماهرن همايون بادشاھ جي وفات جون ڪيتريون تاريخون چيون ۽ نظر مان گذريون آهن. انهن مان نموني طور هڪ تاريخ لکجي ٿي:

"تاريخ همايون بادشاھ از بام افتاد"

همايون بادشاهہ جي وفات جو سال 963هہ/1556ع ۽ اڪبر بادشاهہ جو بادشاهي تي ويهڻ جو سال بہ اهوئي آهي.

ٻين شاعرن بہ سندس وفات جو ن تاريخون چيون آهن. جيئن:

"تاريخ همايون بادشاهہ ز اوج بام افتاد"

مطلب تہ همايون بادشاهہ(جي تاريخ وفات) ڇت جي بلندي کان هيٺ ڪريو. ۽ اڪبر جي تخت نشيني جون بہ گهڻيون تاريخون نظر مان گذريون آهن.

ملڪ بنگاله ۽ گجرات وغيره اڪبر جي بادساهي ۾ شامل ٿيا. اڪبر بادشاهہ لڳ ڀڳ پنجاهہ سال حڪومت هلائي ۽ سندس دور ۾ ماڻهن زندگيءَ جون بهارون عيش عشرت ۾ گذاريون.

## بيرم خان ۽ سندس مارجڻ جو احوال:

مطلب تہ بيرم خان خانخانان مدار الهمام يا وزيراعظم هو. حڪومت جو انتظام سندس هٿ وس هو. جيئن تہ اڪبر بادشاهہ ننڍو هو ان ڪري وزير پنهنجي مُنهن غرور ۽ وڏائي جو دم هڻڻ لڳو. اها ڳالهہ بادشاهہ کي بہ ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ان ڪري انهي ڳالهہ بادشاهہ کي زماني ۾ ڪاوڙائي وڌو.

هڪ ڏينهن وزير ڪم ڪان بي خبر هو. بادشاهہ پنهنجن حال محرمن ۽ خير خواهن سان شڪار تي وڃڻ جو ارادو ڪيو. اوچتو وزير کي وڃي ڏٺائون. تہ مسند تي غافل ۽ بي خبر ٿيو وينو هو. ان کي اوچتو قيد بند ۾ ڪئي قابو ڪيائون.

جيئن تہ اڪبر بادشاهہ هاٿين، اٺن، گهوڙن ۽ گورخرن (جهنگلي گڏهن) تي شڪار ۾ مشغول رهندو هو سو شڪار تي هليو ويو. ٻئي طرف وزير جي گرفتاريءَ جي ڳالهہ عام خاص ۾ پکڙجي وئي. ان اوچتي حالت ڪري بيرم خان جو دماغ جاءِ تي آيو ۽ مٿو زمين تي رکي، تمام عاجزيءَ زاريءَ سان حجاز مقدس (حرمين شريفين) وڃڻ جي اجازت گهريائين. جيئن تہ اڪثر امير ۽ وزير اندروني طرح سندس مخالف هئا. ان ڪري

بادشاهه کي صلاح ڏنائون، تہ ڇڏيوس تہ ٻلي هتان مڪي شريف هليو وڃي.

بيرم خان کي پالڪيءَ ۾ ويهاري سفر تي وڃڻ جي اجازت ڏنائون. جيئن تہ لشڪر جي سپاهين مان هڪ سپاهي جو پيءُ بيرم خان هٿان قتل ٿيو هو. ان ڪري ان سپاهي ڪاوڙ مان پنهنجي پيءُ مارجڻ جي پلاند ۾، خنجر هڻي بيرم خان کي بہ ماري وڌو. ممڪن آهي تہ بادشاهه بہ ان سپاهي کي مارڻ جو اهڙو اشارو ڏنو هجي. ان جي وفات جي تاريخ لکجي ٿي:

بيرام بسوئي ڪعبه چون بست احرام
در راه .. . .. ڪار تمام
تاريخ وفاتش گفتند بگو
گفتا ڪہ شهيد شد محمد بيرام

[جڏهن بيرم ڪعبة الله ڏانهن وڃڻ لاءِ احرام ٻڌو تہ سنڌس رستي ۾ ئي.... ڪم پورو ٿيو. ان جي وفات جي تاريخ هن ريت چيل آهي تہ محمد بيرم شهيد ٿيو].

بيرم خان جي مارجڻ جو واقعو (968هه/61ـ 1560ع ۾ ٿيو.

## خان خانان جو ٺٽي ۾ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ اچڻ:

اڪبري سطلنت اوج ۾ موج تي هئي. خان خانان وزير ثاني کي صوبہ ٺٽي ۾ سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليائون. ڇاڪاڻ تہ اڪبر جي پيءُ همايون بادشاهہ جي سنڌ ۾ اچڻ وقت سنڌ جي ناظمن يا حڪمرانن ان سان ڪابہ رعايت، مُروت ۽ خدمت بجا ڪانہ آندي هئي. ان ڪري بادشاهہ کي پڪ هئي، تہ سنڌ جا حڪمران وڏائي ۽ لشڪر تي مغرور هئا.

## ٻن درويشن جي پيش گوئي:

ڳالهہ ٿا ڪن تہ خان خانان مدد طلبي ۽ سنڌ جي فتح لاءِ دعا واسطي ملتان صوبي ۾ آيو. اتي درگاهہ رباني جي حضور ۾ پهتل درويش هو. ان کي سنڌ جي فتح ۽ دعا واسطي عرض ڪيائين. درويش، سنڌ جي فتح جي مبارڪ ڏني ۽ اشارو ڏنو تہ:

"اوهان جي لشڪر ۾ سپاهين جي پوشاڪ ۾ ٻہ پائر ملازم آهن، پر درحقيقت اهي ٻئي خدا پرست نيڪ صالحن ۾ان آهن. انهن جي سڃاڻڻ جي نشاني هي آهي، تہ اٿن ڏينهن کان پوءِ تمام سخت تيز طوفان لڳندو پر اهي ٻئي پائر اطمينان ۽ قرار سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ ۾ مشغول هوندا. انهن صالح پائرن کي فتح ۽ ڪاميابي جي دعا گهرڻ لاءِ چئو."

خان خانان درويش جي چوڻ موجب تيز طوفان اچڻ جي اوسيئڙي ۾ هو تہ اوچتو قادر ڪريم جي قدرت سان طوفان آيو ۽ ٻئي سپاهي پائر هميشه وانگر قرار سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ ۾ مشغول هئا. خان خانان تمام عاجزي انڪساري ۽ سچي دل سان انهن صالح پائرن کي سنڌ جي فتح ۽ مدد واسطي دعا گهرڻ لاءِ عرض ڪيو. انهن صالح پائرن بہ فتح جي خوشخبري لاءِ نشاني ڏني تہ:

"سنڌ اوهان جي هٿان فتح ٿيندي، پر الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ پهتل نيڪ صالح مخدوم نوح رحمة الله عليه (هالہ ڪنڊي) هن دنيا مان موڪلائي ساهہ الله تعاليٰ جي حوالي ڪندو. جيڪڏهن مصروفيتن هوندي، اوهان ان مخدوم جي جنازي نماز يا دعا ۾ بروقت وڃي حاضر

ٿيندؤ تہ سنڌ جي فتح آساني سان ٿيندي."

## خان خانان جي ملتان آمد ۽ مخدوم نوح جي جنازي نماز ۽ دعا ۾ حاضري:

مقصد تہ خان خانان ڪجهہ لشڪر جي سوارن سان گڏ ملتان جي قلعي مان ڳجهي نموني ڳوٺ هالہ ڪندي ڏانهن روانو ٿيو. رات ڏينهن تيز رفتاريءَ سان ٿوري وقت ۾ هالہ ڪندي اچي پهتو. جنازي نماز ۽ دعا ۾ اچي حاضر ٿيو.

جيتوڻيڪ خان خانان پنهنجا ڪپڙا متائي، مخفي نموني عام سپاهين جي سادن ڪپڙن ۾ آيو هو. مخدوم نوح رحمة الله عليه جي گادي نشين مخدوم ان کي خاص مريدن مان سمجهي، تبرڪ طور خان خانان کي پڳ يا رومال ڏنو. خان خانان ٿورڙن ساٿين ۽ ارغونن جي ڊپ کان وڏي مشڪل ۽ تڪليف سان جنازي نماز ۽ دعا ۾ شريڪ ٿي، واپس ملتان روانو ٿيو ۽ وڃي پنهنجي لشڪر سان مليو.

مخدوم نوح رحمة الله عليه جي وفات جو واقعو 999 هجري ۾ ٿيو.[1]

ارغونن(هالہ ڪندي کان) ٿتي شهر ۾ ويجهو رهندي بہ چيائون، تہ مخدوم (نوح) صاحب جي وفات تي جنازي ۽ دعا ۾ وڃي پهچنداسون.

جڏهن تہ کين خان خانان جي هالہ ڪندي اچڻ ۽ مخفي طرح پڳ ملڻ جي خبر بہ نہ رهي. گهڻو ئي جانچ جونچ ڪيائون، پر خبر نہ پين.

"ڪاري ڪہ خدا ڪند. فلڪ را چہ مجال"
[جو ڪم خدا ڪري، آسمان کي ڪهڙي مجال آهي؟]

آخرڪار خان خانان لشڪر سوڌو سنڌ ۾ آيو. سکر سيوستان،

[1] مخدوم سرور نوح رح جي وفات جي صحيح تاريخ 27 ذوالقعد 998هہ/26 سيپٽمبر 1590ع آهي. (مترجم)

(سيوهڻ) جا قلعا فتح ڪيا. جيتوڻيڪ ارغونن جا سپاهي جنگ لاءِ سهڙيا سنبريا، پر جو ٿيڻو هو سو، انهن جي اڳيان ٿي ويو.

سنڌ ۾ خان خانان جي اچڻ، ملڪ جي ويرانيءَ جو احوال ۽ سنڌ ۾ جيڪي واقعا ٿيا يا جيڪي "قانع" (مير علي شير "قانع" ٺٽوي مصنف تحفة الڪرام) سنڌ بابت لکيا، هيٺئر انهن جو احوال درج ٿيندو.

خان خانان ملڪ سنڌ کي تابع ڪري، هر هنڌ بادشاهي منتظم يا صوبہ دارن کي مقرر ڪري، سنڌ جي طرفان پنهنجي دل مطمئن ڪري، پاڻ دهلي ڏانهن روانو ٿيو.

## اڪبر جي وفات ۽ جهانگير جي تخت نشيني:

قادر بي مثال الله تعاليٰ جي حڪم سان سال 1015هہ/1605ع ۾ اڪبر بادشاهہ پنهنجي حياتيءَ جو سامان ٻڌو ۽ هميشه واري جهان ۾ وڃي پهتو يعني وفات ڪري ويو.

ڪنهن شخص اڪبر بادشاهہ جي تاريخ هن ريت چئي آهي:

"جهانگير از جهان رفت، سال يک هزار پانزده هجري بود"

مطلب تہ جهان فتح ڪندڙ جهان مان ويو. اهو سال 1015هہ/ 1605ع هو.

اڪبر بادشاهہ جي وفات کان پوءِ جهانگير بيءَ جو قائم مقام ٿيو ۽ ان جي سڀاڳي وجود سان بادشاهي تخت رونق رواج وارو ٿيو. ٻاويهہ سال دل جي اطمينان ۽ آزادي سان حڪومت جون واڳون سندس هٿ ۾ رهيون.

جهانگير بادشاهہ جو احوال معتمد خان جي لکيل ڪتاب "اقبال نامه" (فارسي) ۾ تفصيل سان آيل آهي. ان ڏس ۾ "جهانگير نامه" بہ مشهور ڪتاب آهي.

نورجهان بيگم، بادشاهہ جي دلپسند ۽ منظور نظر هئي. بادشاهہ ان کي پاڻ کان جدا نہ ڪندو هو چاڪاڻ تہ دل ان کي ڏئي ڇڏي هئائين.

معتمد خان اهو احوال بادشاهہ جي وفات سميت سمورو "حاشيي" ۾ لکيو آهي.

## ڪشمير جو سير ۽ جهانگير جي وفات جو انوکو واقعو:

مخفي نہ رهي تہ جهانگير بادشاھ هر سال بهار جي شروعات ۾ ڪشمير ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ اتان جي آبهوا بادشاھ جي طبيعت موافق هئي. مطلب تہ ڪشمير دلپذير جنت نظير جي آبهوا ڪون سڌائي!

حاصل مطلب تہ جتي بادشاھ جنهن خلاصي جاءِ يا خوابگاھ ۾ ننڊ ۽ آرام ڪندو هو. اتفاق سان اتي هڪ پيرين پيادو شڪاري جبل جي دامن يا چوٽيءَ تان شڪار لاءِ ڊوڙندو پي آيو تہ قضا الاهيءَ سان اوچتو جبل جي چوٽيءَ تان سندس پير کسڪي ويو. ڪبوتر وانگر ڦٿڪي ڦٿڪي اچي هيٺ ڪريو ۽ اتي جو اتي مري ويو. اهڙي طرح هن پيرين پيادي شڪاريءَ جي اوچتي مرڻ جو بادشاھ جو مشاهدو ڪرڻ، ڄڻ تہ خود بادشاھ لاءِ موت جو پيغام هو.

ڪتاب"جهانگير نامه" ۾ بادشاھ جي وفات جو احوال ائين لکيل آهي، تہ پيرين پنڌ شڪاريءَ جو اوچتو اهڙي طرح موت ڏسي بادشاھ تي اثر ٿيو. جيئن تہ بادشاھ چاليهن سالن کان آفيم کائيندو هو. انهي واقعي کان پوءِ بادشاھ جي دل آفيم کان نفرت ڪئي ۽ موت جا آثار شروع ٿيا. بادشاهي اوج ختم ٿيو ۽ بادشاھ وفات ڪري ويو ۽ اندر ٻاهر روج راڙو شروع ٿي ويو.

## شاهجهان جي بادشاهي ۽ وفات:

"جهانگير" بادشاھ جي وفات کان پوءِ (صاحب قِران ثاني) ياڳ وارو غازي "شاهجهان" بادشاھ ٿيو. سلطنت جو قانون پنهنجي هٿ ۾ آڻي، سيني دردمند دکايل ماڻهن کي پاڻ سر عدل انصاف ڏيڻ لڳو.

دکن، سڄو هندستان بنگال ۽ گجرات سندس هٿ ۾ هئا. شاهجهان بادشاھ سال (1076ھ/66ـ 1665ع ۾ وفات ڪئي. سندس وفات جون تاريخون هي آهن:

تاريخ شاهجهان وفات ڪرد.

تاريخ عالم سفر ڪرد شاهجهان.

پروسي واري ڪتاب"اڪبر نامه" ۾ بہ بادشاھہ جو سمورو احوال درج ٿيل آهي. قلمو شاهجهان بہ بادشاھہ شاهجهان جو جوڙايل آهي. مطلب تہ شاهجهان بہ گهڻو وقت حڪومت هلائي ۽ پنهنجو وارو وڃائي ويو.

## اورنگ زيب عالمگير جي بادشاهيءَ جو احوال:

شاهجهان جي وفات کان پوءِ حڪومت جون واڳون اورنگ زيب عالمگير سنڀاليون. ڏھہ سالہ عالمگيري تاريخ ۾ سندس تفصيلي احوال آيل آهي.

نموني طور هتي اورنگ زيب جي بادشاهي جو ٿورو احوال لکجي ٿو.

## شاهجهان جا چار پٽ:

شاهجهان بادشاھہ کي چار فرزند هئا:

1. دارا شڪوه 2. اورنگ زيب 3. شاھہ شجاع 4. مراد بخش.

دارا شڪوه شاهجهان آباد ۾، اورنگ زيب دکن ۾، شاھہ شجاع بنگال ۾ ۽ مراد بخش گجرات ۾ هئا.

## شاهجهان طرفان حال حياتيءَ ۾ دارا شڪوه کي حڪومت حوالي ڪرڻ:

(دارا شڪوه شاهجهان آباد ۾ وڏي فرزند هئڻ جي حيثيت ۾ موجود رهيو). پاڻ شاهجهان بادشاھہ پير سني ڪمزوري ۽ وڏي ڄمار ڪري، داراشڪوه کي پنهنجو قائم مقام يا حڪومت جو نائب مقرر ڪيو. پنهنجي حال حياتيءَ ۾ حڪومت جون واڳون دارا شڪوه جي حوالي ڪيون.

دارا شڪوه تمام هوشيار ۽ ملا شاھہ ڪشميريءَ - جيڪو خدا پرست معرفت جو ڄاڻو ۽ وڏو صوفي هو — جي خاص مريدن مان هو. دارا شڪوه بہ تصوف جي علم ۽ صوفيانہ جهان ۾ وڏي مهارت رکندو هو.

سلوڪ جو صاحب ۽ "صلح ڪل" جو حامي هو. تصوف ۾ مشهور ڪتاب"مجمع البحرين" صوفين جي جماعت لاءِ هڪ دستاويز آهي. اهو ڪتاب به سندس لکيل آهي. دارا شڪوه انهي ڪري به(صوفي) مشهور آهي.

## دارا ۽ اورنگ زيب ۾ اٿبٺت ۽ لڙائي:

مقصد ته اورنگ زيب، دڪن ۾ وڏي لشڪر هوندي به خوف ۽ هراس ۾ هو جو مهاراجه جسونت سنگهه راجپوت - جيڪو راجپوتن ۾ مشهور هو - وڏي لشڪر، توپخانه ۽ جنگي ساز سامان سان مالوه طرف - جيڪو دکن جي رستي ۾ آهي - دارا شڪوه جي چوڻ تي اورنگ زيب جي رستي روڪ ڪئي.

جڏهن اورنگ زيب جي ڪن تي اها ڳالهه پئي، ته دارا شڪوه حڪومت تي تسلط يا غلبو به ڪيو آهي. پوءِ دکن صوبي ۾ لشڪر تيار ڪري، توپخانه ۾ گهٽيون توبون هٽ ڪري، مڪمل بادشاهي ملڻ جي صورت ۾، اميرن کي عهدن ۽ منصبن ڏيڻ جو واعدو ڪري، تڙتڪڙ ۾ شاهجهان آباد روانو ٿيو.

جڏهن اورنگ زيب درياهه برندا پهتو ته راجپوتن برند جي ڪنڌيءَ تي ڪڏون ڪوني رستو بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ سخت چوڪسي ڪندا رهيا.

اورنگزيب اتي جي رهاڪو باشندن ۽ همدردن کان درياء پار اُڪرڻ جو سولو لانگهو يا گهٽ ۽ تانگهو پاٽي معلوم ڪري، چڪر ڪاٽي رات جي پيٽ ۾ پنهنجي لشڪر سان درياء پار ڪري، جنگي ساز سامان سميت خير عافيت سان مالوه پهچي ويو.

جيتوڻيڪ جسونت سنگهه، دارا شڪوه سان پڪو واعدو ڪري چڪو هو ته، هر حال ۾ عالمگير جي لشڪر کي درياء ٽپڻ نه ڏيندس، پر جڏهن اورنگ زيب لشڪر سميت خير سان درياء اڪري ويو ته راجه جسونت سنگهه وڏي فڪرات ۾ اچي ويو. جهان جو ڏٺي الله تعالي جيئن گهري، ائين ٿئي ٿو.

ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ سخت لڙائي لڳي. وڏي مار ڌاڙ قتل و غارت ۽ تلوار بازي ٿي. راجپوت هارايو. فتح ۽ ڪاميابي ۽ بادشاهي اورنگ زيب جي نصيب ۾ ٿي. بادشاهہ سلامت فتح کان پوءِ لشڪر توپخانہ ۽ جنگي ساز سامان سميت شاهجهان آباد ڏانهن پيش قدميءَ جو عزم ۽ ارادو ڪيو.

## دارا شڪوه جو مارجڻ ۽ شاهجهان جي نظربندي:

دارا شڪوه پڻ اميرن ڪبيرن جي لشڪر سان خود اورنگزيب سان لڙائي لاءِ سامهون ٿيو. شاهجهان آباد جي ويجهو پاڻيپٽ جي ميدان تي وڏي لڙائي لڳي، پر قضا الاهيءَ سان اورنگ زيب بادشاهہ فتح ياب ٿيو ۽ دارا شڪوه زندهہ گرفتار ٿيو. ان جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري، نيزي تي دهليءَ جي سڄي شهر ۾ گهمايو ويو.

حضرت شاهجهان بادشاهہ پير سنيءَ ۽ ڪمزوري ڪري شاهجهان آباد ۾ ئي هو. ان کي نظربند ڪيو ويو ۽ اورنگ زيب پاڻ تخت نشين ٿيو. ٻي طرف سندس پيءُ جي نظر بندي جي ڳالهہ چوڌاري مشهور ٿي وئي.

اورنگ زيب عالمگير جي نالي سون ۽ چانديءَ جو سڪو جاري ڪيائون:

سڪه زد در جهان چو بدر منير.
شاهہ اورنگ زيب عالمگير.

[بادشاهہ اورنگ زيب عالمگير چوڏهين جي چنڊ وانگر جهان ۾ سڪو هنيو.]

مشهور آهي تہ جنهن بہ شخص بادشاهہ يا عوام کان ڪُڏو ڪم واقع ٿئي ٿو تہ ماڻهو ڪٿي ظاهري ڊپ کان روبرو نہ ٿا چئي سگهن، پر پريٺ تہ بادشاهن کي بہ گاريون ملنديون آهن، سو ماڻهن بہ شاهجهان جي نظربنديءَ کي چڱي نظر سان نہ ڏٺو. اورنگ زيب جي سڪي واري شعر کي هن ريت تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن جو مطلب هي آهي تہ اورنگ زيب بادشاهہ جهان ۾ هي سڪو ٺهرايو جو پنهنجي پيءُ کي بہ نظربند ڪري ڇڏيو:

سڪه زد در جهان چو نان پير.
شاهہ اورنگ زيب بابا گير.

## اورنگ زيب جي شخصيت:

جيئن تہ بادشاھہ اورنگ زيب فھم فضيلت ۽ بلاغت قابليت ۾ زماني ۾ هوشيار هو. علم پڙهيو هئائين. ڏاهو عقلمند ۽ ڏکي نظر رکندڙ حڪمران هو. ان ڪري سلطنت جو قانون ۽ صوبن جو بندوبست نئين سر پنهنجي نگرانيءَ ۾ مقرر ڪيائين.

هر صوبي ۾ واقعا ۽ حال احوال لکڻ لاءِ وقائع نگار يا اخبار نويس مقرر ڪيائين. جيڪي روزانه ۽ ڏهين ڏينهن رپورٽون لکي موڪليندا هئا. وقائع نگار ان ڪري مقرر ڪيائين تہ جيئن اهي مظلومن جو احوال ۽ خبر چار لکندا رهن، تہ انهن جو انصاف ۽ تُرت داد رسي ڪري سگهجي. تڪڙي انصاف لاءِ شرعي حدون بہ قائم ڪيائين.

صبح کان شام تائين پنهنجو ٽائيم ٽيبل بہ مقرر ڪيائين. مال ملڪيت جو حساب ڪتاب، ملڪي معاملات، ورد وظيفن ۽ قرآن مجيد جي تلاوت بہ انهي ٽائيم ٽيبل ۾ شامل هئي. عيش عشرت کان دل بنهہ ڪٽي ڇڏي هئائين. شرعي احڪام موجب زندگي گذارڻ لڳو.

راجه جسونت سنگھ جنهن اڳ ۾ جنگ بہ ڪئي هئي: ۽ دارا شڪوه جو طرفدار بہ هو. خاص ڪري داراشڪوه سان راجپوتن وفاداريءَ جا عهد پيمان ڪيا هئا.

ان ڪري اورنگ زيب جي هندن ماڻهن سان مخالفت هئي. اڪثر هندن جون جايون عبادتگاهن کي ڊاٺو ويو. جتي بہ سندس وس ٿي پڳو ان ۾ ڪوتاهي نہ ٿي ڪئي وئي.

شاهجهان آباد ۾ پڙهو ڏيايو ويو تہ. جيڪو بہ اهل اسلام محنت ڪندڙ پورهيت، نئون مسلمان، ڪپهہ اُٽندڙ ۽ وڪڻندڙ صابڻ ٺاهيندڙ ۽ وڪڻندڙ ۽ الله جو قرآن ياد پڙهي "حافظ قرآن" ٿيڻ چاهي، تہ انهن سيني کي محنت ۽ رتبي ۽ عزت آهر، جاگيرون ۽ روزينو مقرر ڪري ڏنو ويندو.

هندو زور زبردستي، حقي ناحقي منصب ۽ جاگيرن ڏيڻ جي واعدي تي سلام ڪرڻ يا اسلام آڻڻ لڳا. مطلب تہ هندن ماٺهن گهڻا ظلم ستم ڏِٺا سَٺا ۽ اورنگ زيب "صلح ڪل" نہ هو. الله تعاليٰ جي ڪتاب قرآن مجيد جي حڪم موجب، ان حڪم الاهي جو شعر ۾ مفهوم هي آهي:

"جيتوڻيڪ سڀ ان الله جا پيدا ڪيل آهن،
سڀني جو پالڻهار بہ اهو ئي الله تعاليٰ آهي. ان
جي رضامندي کان سواءِ وڻ جو پن بہ نہ ٿو چُري.
جو ڪجهہ ڪري ٿو اهو ئي ڪري ٿو جو
اختيار جي واڳ ان جي هٿ ۾ آهي. مطلب تہ
واڳ ڌڻي جي وس، آئون ڪا پاڻ وهيٺي."

جيتوڻيڪ ملڪ جي حڪمرانن حڪومت جا حڪم احڪام ۽ ڪم ڪار هندن جي حوالي بہ ڪيا ٿي ۽ انهن کان ڪي گهٽ وڌايون ٿي ٿيون، تہ وري اهي ڪم ڪار مسلمانن جي حوالي بہ ٿي ڪيائون. اهڙي ريت اهي مُلڪراني جا احڪام گهڻا ڦيرا تبديل ٿيندا رهيا ۽ پنهنجن ڪيل گناهن جي آخر ۾ باز پرس ٻين جي ذمي رکندا هئا.

جيئن حافظ چيو آهي:

گناهہ گرچہ نبود اختيار ما "حافظ"،
تو در طريق ادب باش و گو گناهہ من است.

[حافظ! گناهہ اسان جي اختيار ۾ نہ هو پر تون ادب جي طريقي ۾ رهہ ۽ چئو تہ گناهہ منهنجو آهي.]

## اورنگ زيب عالمگير جي وفات:

بهرحال هي چل پل جو جهان آهي. هر شيءِ بي بقا ۽ فاني آهي. بقا فقط الله تعاليٰ جي پاڪ ذات کي آهي:

هر ڪه آمد عمارتي نو ساخت،
رفت منزل بديگري پرداختہ (شيخ سعدي)

[ جيڪو بہ آيو نئين جاءِ جوڙايائين. ويو تہ جڳهہ ٻي جي حوالي ڪري ويو.]

اميرن ڪبيرن، نامدار بادشاهن جو ظلم ستم ۽ وڏائي تڪبر هلندو رهي ٿو. هڪ کان پوءِ ٻيو بہ اهو ئي رستو اختيار ڪري ٿو. مظلومن جي آه ۽ دانهن جو اثر ڪونہ ٿو ٿئي.

مقصد تہ اورنگزيب بادشاه هن فاني جهان مان موڪلائي، الله تعاليٰ سان وڃي مليو. سندس تاريخ وفات "خم الدولها" (؟) مان ڪڍي اٿن. اورنگ زيب عالمگير سال 1011هجريءَ ۾ وفات ڪئي[1].

اورنگ زيب جي وفات کان پوءِ ملڪ هندستان ۾ فتنو فساد پيدا ٿيو. افراتفري شروع ٿي ۽ حڪومت جو انتظام ڊانوانڊول ٿيڻ لڳو:

اي فلڪ آهستہ زد ڪاري بہ .... ڪردهٔ
هند را از مرگ عالمگير ويران ڪردهٔ

[اي آسمان! آهستي ڪم ڪر....... جو عالمگير جي مرڻ سان هندستان کي ويران ڪري ڇڏيئي!]

## بهادر شاه، فرخ سير، رفيع الدرجات ۽ رفيع الدوله جو هڪ ٻئي پٺيان بادشاهي تخت تي ويهڻ:

اورنگ زيب عالمگير جي وفات کان پوءِ گهڻ ذات وارن اميرن سردارن سندس پٽ "بهادر شاه" کي تخت تي ويهاريو. بهادر شاه بہ ٿورو وقت حڪومت ڪئي. ان کان پوءِ جنهن کي بہ ٿي ڏٺائون، پاليل پکي وانگر تخت تي ٿي ويهاريائون.

ڳالهہ ڪتائٽي تہ بهادر شاه کان پوءِ "فرخ سير" کي حڪومت تي ويهاريائون ۽ ان جي نالي هي سڪو جاري ڪيائون:

سڪه زد از فضل حق برسيم و زر،
بادشاه بحر و بر فرخ سير.

[الله تعاليٰ جي فضل سان بحر ۽ بر جي بادشاه فرخ سير جي نالي سون ۽ چانديءَ تي سڪو هنيو يا جاري ٿيو.]

فرخ سير جي بادشاهي تخت تي ويهڻ جي تاريخ بہ هي آهي:

---

[1] اورنگزيب جي وفات جي صحيح تاريخ: 1118هـ/1707ع آهي. (مترجم)

فرخ سير آن مظهر عدل و انصاف،
ظل الحق بادشاهہ والا اوصاف،

[فرخ سير عدل ۽ انصاف جو مظهر هو، حق جو پاڇو وڏين وصفن وارو بادشاهہ هو.]

فرخ سير تخت تي سال 1125هہ/1713ع ۾ ويٺو.

فرخ سير جي وفات کان پوءِ "رفيع الدرجات" تخت تي ويٺو. هن جي زماني ۾ قدرت الاهي سان آسمان مان مصري ۽ نباتن جو مينهن وٺو هو.

رفيع الدرجات جي وفات کان پوءِ"رفيع الدوله" تخت نشين ٿيو ۽ ان ٿورڙو وقت بادشاهي ڪئي ۽ وفات ڪري ويو.

## محمد شاهہ جو بادشاهہ ٿيڻ:

آهستي آهستي "محمد شاهہ" بادشاهہ کي بادشاهي ملي، جيڪو چغته نسل مان هو. محمد شاهہ بادشاهہ جي تخت تي ويهڻ جو سال 1133هہ/1721ع آهي.[1]

محمد شاهہ گهڻو نشي پتي ۽ عيش عشرت ۾ گذارڻ لڳو. ان ڪري حڪومت جو شيرازو ٽڙڻ پکڙڻ لڳو.

## بادشاهي عيش عشرت، وزير جي اندروني مخالفت، نادر شاهہ کي ڳجهو خط ۽ هندستان تي نادري حملو:

نوجوانن جون مجلسون وزيراعظم سان قائم هيون ۽ قاعدا قانون نظام الملڪ جي حوالي رهيا. جيڪو جيتوڻيڪ پير مرد تجربيڪار پراڻو ماڻهو هو. نيٺ گهڻي بادشاهي عيش عشرت ڪري، بادشاهہ ۽ وزير جي وچ ۾ مخالفت جي باهہ ڀڙڪي پئي. ان مخالفت ۽ ڪاوڙ ۾ وزير بي دماغ ٿي پيو ۽ نادر شاهہ بادشاهہ – جيڪو ايران مان اُڀري، ٻاهر ملڪ فتح ڪرڻ لاءِ نڪتو هو- وزير ان کي ڳجهو خط لکي، حملي ڪرڻ جي صلاح ۽ سڏ

[1] اصل ۾ محمد شاهہ جي تخت نشينيءَ جو سال 1131هہ/1719ع آهي.

ڏنو تہ "هندستان ماکيءَ ملڪ آهي. جلدي اچ، تہ هيءُ ملڪ اوهان جي حوالي ڪيان."

نادر شاهہ بادشاهہ بہ ايراني لشڪر ۽ جنگي ساز سامان سان تڪڙو تڪڙو منزلون ماريندو آيو تہ اجهو ٿو هندستان ملڪ سندس حوالي ٿئي.

محمد شاهہ بادشاهہ بہ غفلت جي ننڊ ۽ عيش عشرت ۾ مشغول هو. لشڪر جي گهٽائي ۽ وڌائي، توپخانن ۽ جهجهي جنگي ساز سامان، شاهجهان آباد جي مضبوط قلعي جيڪري سندس ايراني لشڪر تي اک بہ نہ ٿي پئي. جيتوڻيڪ نادري لشڪر جي ويجهو اچڻ جون ڳالهيون بہ بادشاهہ جي ڪن تي پيون. جيئن مولوي رومي مثنوي ۾ چيو آهي:

چون قضا آمد طبيب ابله شود.

وان دوا در نفع خود ڪرده شود.

[جڏهن تقدير غالب ايندي آهي، تہ حاذق حڪيم بہ اڻ ڄاڻ ٿي پوندو آهي. اها فائدي واري آزمايل دوا بہ بي فائدي ٿي پوندي آهي.]

تقدير جي ڪري بادام روغن بہ دماغي خشڪي پيدا ڪندو آهي. فائديمند هريڙ بہ نقصان ڪار ٿي پوندي آهي ۽ پاڻي بہ باهہ پڙڪائڻ ۾، ڇڻ تہ باهہ جي مدد پيو ڪندو آهي. نصيب نہ هوندو تہ نفاق جي باهہ بہ اندران پئي دکندي آهي.

محمد شاهہ پنهنجي امير خاندوران کي گهڻو لشڪر توپخانہ جا محافظ ۽ شهادت خان ۽ ٻين امير کي مقرر ڪيائين، تہ نادر شاهہ سان مهاڏو ڏئي لڙائي لڙن.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ اسي هزار توپون، تفنگ، گرز ۽ منجيقون شهادت خان وٽ هيون. شهادت خان، وزير نظام الملڪ جو همراز هو. جنگ دوران توپخانہ جا مُنهن کوليائين، تہ بارود يا دونهين ڪري ملڪ اونداهو ٿي ويو.

بادشاهہ جو لشڪر ائن ڪوهن جي پنڌ تي هو. شهادت خان چالاڪي ڪري ظاهر ۾ تہ ائين پي ڏيکاريو پر جنگي داءُ جي تاڙ ۾ هو. جڏهن نادري لشڪر ويجهو پهتو تہ بہ جنگي تياري ۽ صورتحال کان بادشاهہ کي لکت ۾ عرض گذاريندو رهيو تہ دلجاءِ ڪيو. جنگ جو زور

قرار لهندو. شهادت خان ظاهر ۾ ته خان دوران سان گڏ هو. پر اندروني طور توپخانه جو مُنهن خاندوران ڏي ڦيرايو. خاندوران هار کائي دهلي ڏانهن رخ ڪيو. ان دوران بادشاهه نادر شاهه به لشڪر سميت اڳتي وڌيو.

ان صورتحال تي محمد شاهه بادشاهه مجبوراً چڙ ته هٿن پيرن کان بيوس ٿي، غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿيو.

## نادر شاهہ بادشاهہ جي حڪومت جو بيان:

حاصل ڪلام تہ هندستان جي اميرن جي نمڪ حرامي ۽ مڪارن جي بد باطني جي ڪري، هندستان جي بربادي اکين سان ڏسڻ ۾ پئي آئي. عجب اهو تہ مقابلي ۾ لڙائي کان سواءِ نادر شاهہ آرام سان شاهجهان آباد جي قلعي اندر داخل ٿيو ۽ هيرن جواهرن سان جڙيل تخت تي چڙهي ويٺو.

محمد شاهہ، نادر شاهہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ، نادر شاهہ جي اشاري سان محمد شاهہ بادشاهہ جي ويهڻ لاءِ ٻيو تخت آندو ويو. ٻئي بادشاهہ هن ڳالهہ سان متفق ۽ هم خيال ٿيا تہ، شاهجهان آباد جي بدمعاش، لچ لوفرن نادري لشڪر سان ٿوري لڙائي ڪئي آهي. تنهن هوندي بہ نادر شاهہ قتل عام جو حڪم ڏنو. ٻن ڪلاڪن ۾ قتل عام شروع ٿي ويو.

ان کان پوءِ نادر شاهہ پنهنجي وڏي منشي ڏي نظر ڪري چيو تہ :"محمد شاهہ کي تاج پرايو." اڳ وانگر شاهجهان آباد محمد شاهہ جي حوالي ڪري، محمد شاهہ بادشاهہ جي ڌيءُ نادر شاهہ پنهنجي پٽ جي نڪاح ۾ آندي.

محمد شاهہ جي وفادار اميرن وزيرن جن پنهنجي خدمت تي ناز ۽ فخر پئي ڪيو. تقدير جي هن ڪم جنگ هارائڻ، قتل عام يا محمد شاهہ جي نياڻي نادر شاهہ جي پٽ سان پرڻجڻ کان حيران ٿيا ۽ اچرج ۾ پئجي ويا. ان صدمي جي ڪري ڪن اميرن وزيرن تہ موتمار قاتل زهر کٽي پيتو. ڪن فقيري لباس اوڍيو ۽ گهڻن تہ جهنگ مُنهن ڪٽي ڪيو.

## نادري ظلم ۽ ستم:

بادشاهہ نادر شاهہ تمام سخت دل هو. جتي بہ ويندو هو تہ اتي ماڻهن کي قيد و بند، خونريزي، مار ڌاڙ ۽ ڦرلٽ تمام گهٽي ڪندو هو. گهڻن ماڻهن کي مارائي ڇڏيندو هو ۽ ڪن جون اکيون ڪڍي کين انڌو ڪندو هو. اهڙي طرح ملڪيتون ملڪ، ڳوٺ ۽ شهر ڦريندو لٽيندو ساڙيندو ٻاريندو ويندو هو.

## نادر شاهه جي سنڌ تي ڪاهه:

نادر شاهه، شاهجهان آباد جي فتح ڪانپوءِ سال (1150هه/1737ع) ۾ صوبي سنڌ ۽ ٺٽي تي حملي آور ٿيو جو سنڌ جو حاڪم نور محمد عباسي خدايار خان جي لقب سان هو. ان کي قيد ڪرڻ جو ارادو ڪيائين، جيئن تہ نادر شاهه جو بخت سڪندري ۽ ڀاڳ جهانگيري هو ان ڪري نادر شاهه ٿوري وقت ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ اچي ڪڙڪيو. خدايار خان مقابلي جي سگهه نہ ساري، پاڻ پنهنجو رخ عمرڪوٽ سرحد گجرات طرف موڙيو ۽ اوڏانهن هليو ويو.

## ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ٻيوسي ۽ ڏنڊ ڏيڻ:

نادر شاهه بہ ڪن زميندارن جي رهنمائي ۾ ڀهريان شهدادپور آيو. پوءِ اتان سندس پويان تڪڙو واءُ مينهن ڪندو سج ايرڻ مهل وڃي عمرڪوٽ پهتو. خدايار خان دور دراز ريگستان ۾، هي اوچتي مصيبت ايندي ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ اهو تہ سندس وهم گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ ائين ايترو جلدي نادر شاهه کيس ايتري پراهين پنڌ تي مٿانئس ٿهر ٻنجي اچي ڪڙڪندو. ان ڪري لاچار کيس اطاعت ۽ فرمان برداريءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ رهيو.

ڪن ناعاقبت انديش ڊگهي نظر نہ رکندڙ ماڻهن کيس نادر شاهه سان جنگ ڪرڻ جي صلاح بہ ڏني، پر خدايار خان دور انديشي ڪري پنهنجا هٿ ٻڌي، قرآن مجيد ميڙ ڪري، ڪن وفادار اميرن سان گڏ جي، نادر جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو. نادر شاهه بہ کيس معافي لائق سمجهي، کيس جرم معاف ڪيو. خدا يار خان، نادر شاهه جي خدمت ۾ هڪ ڪروڙ روپيا روڪ ۽ هيرا جواهر ڏنڊ طور يا نذرانو پيش ڪيا.

## نادر شاهه جو خراسان ايران موٽڻ، بخت ڦٽڻ ۽ مارجڻ:

نادر شاهه فتح ۽ ڪاميابي ڪان پوءِ خراسان وڃڻ جو ارادو ڪيو. اڳ وانگر صوبو سنڌ ۽ ٺٽو خدايار خان عباسي جي حوالي ڪيا.

نادر شاهہ ٿورو وقت شاهجهان آباد ۾ ترسي، فتح ۽ ڪاميابيءَ جا جهنڊا کوڙيا ۽ پاڻ ايران، بغداد، روم ۽ شام ملڪ ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ۽ پنهنجو منهن بغداد ڏانهن موڙيو، پر اتي زبردست لڙائي لڳي ۽ نادر شاهہ جي لشڪر کي شڪست ملي.

راقم (منشي ئوپڻ مل) "تاريخ نادري" لکي آهي. روم ۽ بغداد جي لڙائي ۽ شڪست جو سمورو احوال ۽ نادر شاهہ جي سوانح حيات ان ڪتاب "نادر نامه" ۾ لکيل آهي. هتي ان قصي کي ٻيهر ورجائڻ جي ضرورت نہ آهي.

## نادر شاهہ جو قزلباشن هٿان مارجڻ جو انوکو احوال:

مقصد تہ الله قادر مختار جي حڪم سان قسمت ڦيرو کاڌو ۽ نادري بخت لٽڻ لڳو. گهڻا ماڻهو نادر شاهہ جا مخالف ۽ باغي ٿي پيا ۽ مورچي بند لڙائي ڪرڻ لڳا، پر نادر شاهہ هٿان "اورنگ قزلباش" مارجي ويو. هيءَ خبر چؤطرف پکڙجي وئي.

جڏهن قزلباش اميرن کي "اورنگ" جي مارجڻ جي خبر ملي، ائين پانيائون تہ هن وقت نادر شاهہ خلاف بغاوت ڪرڻ جي معنيٰ پنهنجو پاڻ کي ٻُوهي ۾ وجهڻ برابر هو. ان ڪري نادر شاهہ هٿان پنهنجو پاڻ مارجڻ جي خوف کان اڳ ۾ اهو علاج ڏٺائون تہ، پاڻ بچائڻ خاطر پهريان خود نادر شاهہ کي ئي ماري، سندس ڪم پورو ڪجي.

ان ڏس ۾ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ، جيڪڏهن تقدير تدبير سان موافق هجي، تہ بادشاهہ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪن.

ان وقت نادر شاهہ جي آرام گاهہ جي نگهباني ۽ چوڪيداريءَ تي قزلباش مقرر هئا. ان ڪري چوڪيءَ وارن کي ڳجهي طرح صلاح ڪري ٻڌايائون تہ "آڌي رات جي وقت خيمن يا تنبن جي ٻاهران بندوق جو هوائي فائر ڪن. ڇاڪاڻ تہ نادر شاهہ زبردست دلير هو. سو ضرور پنهنجي خيمي مان ٻاهر نڪري، ان اوچتي ٺڪاءَ يا آواز بابت اهو پڇندو تہ 'هي ڇا جو آواز هو ۽ ڪنهن ڪيو آهي؟' اهڙي انڪل سان اڪيلي بادشاهہ جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏجي."

تقدير بہ تدبير سان ايئن موافق هئي.

بندوق جو ٺڪاءُ ٻڌي، نادر شاهہ اڪيلو تنبو مان ٽڪڙو ٻاهر جانچ لاءِ نڪري آيو. اتفاق سان ٽڪڙ ۾ بادشاهہ جو پير تنبو جي واجهہ ۾ وچڙي پيو. جيئن چوڪيدارن کي نادر شاهہ جي ٻاهر اچڻ جي خبر پئي، تہ مٿس چڙهي ويا. کيس قابو ڪري ڪچي گوگڙو وانگر سندس سر تلوار سان وڍي وڌائون.

ڳالهہ تا ڪن تہ نادر شاهہ جي مٿي تي رکيل ڇٽ ۾ تمام قيمتي هيرا جواهر جڙيل هئا. ان ڪري سندس مُنڊي گم ڪري ڇڏيائون. سندس مٿو ڇَٽ سميت ظاهر ئي نہ ٿيو.

ان وقت ڄڻ تہ قيامت برپا ٿي. چؤطرف شور ۽ غوغاءُ ٿي ويو. هر ماڻهو ڦرلٽ ۾ مشغول ٿي ويو. جنهن ماڻهو کي جو ڪجهہ مليو ۽ هٿ ٿي لڳو ان کي غنيمت ٿي سمجهيو. انهي سچي واقعي بابت ڪنهن شاعر رباعي چئي جا مشهور آهي:

شبانگہ سر قتل و تاراج داشت،
نہ نادر بجا ماند نہ نادري،
سحر کہ نہ سر داشت و نہ تاج داشت،
ز سر يکي چرخ نيلو فري.

[ڳالهہ ڪتائٽي تہ، آسماني گردش ڪري رات جي وقت ئي نادر لٽيو ماريو ويو. صبح جو نہ سر رهيو ۽ نہ مٿس ڇَٽ رهيو.

مقصد تہ، نہ نادر پنهنجي جاءِ تي سلامت رهيو ۽ نہ وري سندس نادري حڪم ئي باقي رهيو.]

نيٺ تقدير تي مقرر ملائڪن اک ڇنڀ ۾ دَور ئي ٻي طرف ڪري ڇڏيو. ڪنهن شخص نادر شاهہ جي مارجڻ جي تاريخ بہ چئي آهي. ان جو مطلب بہ هي آهي تہ:

"نادر شاهہ 1160 هجري ۾ ساهہ ڌڻي جي حوالي ڪيو." (1747ع)

نادر شاهہ جي مارجڻ جي خبر ڦوڻن شهرن، علائقن ملڪن ۾ چوڌاري باهہ وانگر پکڙجي وئي. سٽل فتنو اٿي کڙو ٿيو. انهن ئي ڏينهن ۾ محمد شاهہ بادشاهہ جيڪو شاهجهان آباد ۾ هو. ٻي جان قالب مثل ۽

چرپر کان بي حس و حرکت هو. هٿ جي تريءَ وانگر هموار يا برابر خالي ٿيو. ان کان پوءِ اڄ تائين ڪوبہ نہ رهيو جو حڪومت جي تخت جو لائق هجي.

طرفة العين جهان برهم زند
کس نمي خواهد کہ اين جا دم زند

[اک چنڀ ۾ جهان کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏي. ڪوبہ انهي جاءِ تي دم زني نہ ٿو ڪري سگهي.]

هاڻ -- بي وفا آسمان جي آڳاٽي دور کان وٺي اها رسم رهي آهي. جيئن سعدي شيرازي چيو آهي:

درياب ڪنون کہ نعمت است هست بدست،
ڪين نعمت و ملک ميرود دست بدست.

[سمجهہ تہ هينئر جيڪا نعمت هڪ هٿ ۾ آهي، اها ئي نعمت ۽ مُلڪ هڪ هٿ کان ٻي هٿ ڏانهن منتقل ٿيندو رهي ٿو.]

## احمد شاهہ ابدالي جو خزانو ڪٽڻ ۽ حڪومت سنڀالڻ:

احمد خان دراني، نادري لشڪر جو سردار ۽ هيرن جواهر ۽ خزاني جو محافظ هو. جيڪي وٽس چار پنج هزار لشڪري هئا. انهن سميت اُئن تي خزانو ۽ هيرا جواهر ڪٽي، ڪابل قنڌار روانو ٿيو ۽ ان ملڪ جي حڪومت هٿ ۾ آندائين. احمد شاهہ دراني جو وڌيڪ احوال ملڪ سنڌ ۾ نٽي جي ذڪر هيٺ ايندو.

نادر شاهہ جو سڪو هي هو:

هست سلطان بر سلاطين جهان،
شاهہ شاهان نادر صاحب قِران.

[وڏي بلند ڀاڳ وارو بادشاهن جو بادشاهہ نادر شاهہ، دنيا جي بادشاهن جو بہ بادشاهہ آهي.]

بادشاهہ نادر شاهہ جي مارجڻ کان پوءِ هن وقت دبدبي ۽ طاقت ۾ ڪنهن بہ علائقي ۽ ملڪ ۾ صاحب خروج مجيل يا مسلمان بادشاهہ ڪونهي.

هن وقت مهينو آخر ذوالحج سال 1216 هجري هلي رهيو آهي. گهڻ وڌ سڄو هندستان شاهجهان آباد ۽ اڪبر آباد سميت ملڪ انگريزن قبضي ۾ آندو آهي.... چغته نسل مان عالي گوهر واسطي شاهجهان آباد ۾ نالي ماتر اندازاً چار پنج هزار خرچ جو روزينو مقرر ڪيو آهي.

ملڪ پنجاب محمد شاهہ بادشاهہ [1]. تصرف ۾ آندو ( غالباً جيڪو) خالصہ گرو گوبند سنگهہ وٽ هو. احمد شاهہ دراني ڪجهہ صوبہ قلعہ ملتان قبضي ۾ آندو. بهاول پور ۽ ڪجهہ ريگستان جا قلعا بهاول خان داؤد پوٽي جي قبضي ۾ هئا. صوبي ٺٽي ۽ سنڌ جو احوال الڳ لکيو ويندو.

صوبو گجرات .... بين جي قبضي ۾ آهي. ڪڇ ولايت جاڙيجن جي قبضي ۾ ۽ ڪيچ يا ڪيچي ڪوهستان جا بيا قلعا نصير خان بروهي جي اولاد جي حڪم ۾ سورت بندر ۽ بمبئي ۽ ان سان لاڳيتو سمنڊ انگريز فرنگين جي هٿ ۾. ملڪ خراسان، سڄو ايران، روم، شام ۽ مصر ۾ چند حڪمران آهن.

هر هڪ ملڪ جي بادشاهي صاحب خروج ٻڌل نہ آهي. ملڪ ڪابل ۽ قنڌار ۽ ڪشمير احمد شاهہ جي قبضي ۾، ضلع مارواڙ ريگستان جي ٿر سميت راجه بجيسنگهہ جي اولاد جي حڪم ۾ آهي.

مطلب تہ الله قادر مختار جي حڪم سان بادشاهن جون حڪومتون صاحب خروج ۽ ياڳ واريون نہ آهن، تہ جيئن هڪ ٻئي سان دوستيءَ جو دم هڻن يا دوستي سان ٿهي هلن.

هينئر هندستان، خراسان ۽ بين ملڪن جي احوال کان مُنهن موڙي، ملڪ سنڌ جو احوال قلم ذريعي لکجي ٿو.

---

[1] هن ڪتاب جي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري نسخي ۾،محمد شاهہ ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ محمد پنهل ڏهر جي عڪسي نسخن ۾ احمد شاهہ لکيل آهي۔ مترجم

# باب پيو

## سومرن ۽ سمن جي سلطنت جو احوال:

مخفي نہ رهي تہ سنڌ جو احوال سومرن سمن جي سلطنت جي ابتدا هئن چئن معتبر تاريخي ڪتابن ۾ درج ٿيل آهي: چچ نامه، (تاريخ) طاهري، ترخان نامه ۽ تاريخ معصومي.

سنڌ جو مختصر احوال قلم سان لکجي ٿو تہ جيئن عام خاص کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ آسان ٿئي. هيءُ غريب نواز (ڪتاب جو ليکڪ منشي نوپڻ مل) الله تعاليٰ جي تائيد سان سومرن جو احوال آڻي ٿو. انهن جو سر ڪردو اڳواڻ دودو ۽ چنيسر مشهور آهن. سنڌ جي حڪومت انهن جي هٿ ۾ آئي ۽ ڪجھ وقت بادشاهي ڪيائون.

نيٺ پائرن ۾ ساٿين ۾ نفاق ۽ ڦيٽاڙو پيو. جيئن باهہ ڪاٺين کي ساڙيندي آهي، تيئن سندن ٻڌي طاقت ۽ زور ٽٽي پيو ۽ ٽڙي پکڙي ويا. ڦيٽاڙي ۽ بي اتفاقي جي ڪري ملڪ سندن هٿن مان نڪري ويو پريشان ٿيا. سندن نشانن مان ڪوبہ نشان باقي نہ رهيو البت پنهنجو گھر برباد ڪيائون. خود بادشاهہ کي در در جو پينو فقير بنائي ڇڏيائون.

مثال طور پائرن ۾ پنهنجن جي ٻڌيءَ ۽ طاقت هن طرح وڃي بيٺي، جيئن ڪتاب جو ورق ورق جزبندي ڪري ملائي مضبوط جلد ٻڌو ويندو آهي، پر بي اتفاقي، بي انصافي ۽ جدائي سندن طاقت ۽ حڪومت جي ڪتاب کي ٽٽل جلد وانگر پنو پنو ڪري ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو.

## سما سلاطين جو احوال:

سما جيڪي گھٽائي ۾ هئا، سومرن جي طاقت ۽ حڪومت ٽٽڻ سان جيئن شڪاري ٻلو ڪوئي جي ہر پرسان ڪوئي کي شڪار ڪرڻ جي تاڙ ۾ ويٺو هوندو آهي. تيئن سمن جي قسمت بہ مدد ڪئي ۽ سندن

پاڳ جاڳيو. هڪ ٻئي پٺيان پشت بہ پشت ڄام جو يہ (جوڻو)، ڄام ننڊو ۽ ڄام تماچي ۽ ٻيا حڪومت ڪندا آيا.

## ڄام تماچي جو عشق ۽ نوريءَ سان شادي:

ڄام تماچي جو ٺٽي شهر کان اڻ ڪوهہ پري جبل جي دامن ۾ تختگاهہ هو. اتي گندرا ملاح مڇيءَ جو شڪار ڪندا هئا. انهن جي اولاد مان نوريءَ نالي نماڻي حسين جميل نياڻي هئي. ڄام تماچي نوريءَ جي سونهن سوڀيا ۽ دلربائي تي عاشق ٿي پيو. ان جي محبت جي دام ۾ اسير ٿيو ۽ نوريءَ کي نڪاح ۾ آندو. سنڌ ملڪ ۾ ساز سرورد سرهايون ۽ هرطرف خوشيون ٿي ويون.

## ڄام تماچي جو شاهجهان آباد ۾ قيد رهڻ ۽ درويش جي دعا سان آزاد ٿي بادشاهہ ٿيڻ. ان دوران ڄام جوڻي جي وفات جو انوکو احوال:

ڳالهہ ٿا ڪن تہ ڄام تماچي شاهجهان آباد ۾ قيدخاني ۾ بند هو. ڄام جوڻو ٺٽي سنڌ ۾ تخت نشين هو ۽ اڪثر شڪار پيو ڪندو هو.

غالباً ڄام تماچي جو پيءُ هڪ درويش (شاهہ مراد شيرازي؟) وٽ دعا طلبي لاءِ آيو ۽ پنهنجي پٽ جي قيد مان خير سلامتيءَ سان آزاد ٿي، واپس وطن اچڻ لاءِ عرض ڪيو. جيئن تہ درويش الله تعاليٰ جي ڪامل ولين مان هو. ان ڪري درويش ڪيس خوشخبري ڏني تہ:" تنهنجو پٽ تخت تي ويهندو."

جڏهن هيءُ درويش جي دعا ۽ خوشخبريءَ جي خبر ڄام جوڻي کي پئي، تہ ڄام جوڻو بہ درويش وٽ ويو. حڪومت جي وڏائي ۽ تڪبر سان درويش کي چيو: "منهنجي حق ۾ ڇا جي لاءِ بددعا ڪئي اٿئي؟" درويش جواب ڏنو تہ: "درويشن جي نہ ڪنهن سان دوستي ۽ نہ ڪنهن سان دشمني آهي، البت الله تعاليٰ جي سموري مخلوق جا خير خواهہ آهن." ان تي ڄام جوڻو حجت وارا لفظ چوڻ لڳو. تنهن تي درويش

جي طبيعت ۾ جوش اچي ويو ۽ چيو تہ : "الله تعاليٰ جهان جو پيدا ڪندڙ مالڪ مختار آهي. ڄام تماچيءَ کي تخت تي ويهاريندو ۽ ڄام جوڻو اوچتو پنهنجي موت مرندو." ڄام جوڻو ڪاوڙ ۾ پرجي اٿيو ۽ شڪار ۾ مشغول ٿي ويو.

قضا جي حڪم سان جبل جي دامن ۾ ڄام جوڻو شڪار جي پٺيان گهوڙو ڀڄائيندي، سندس گهوڙي جي رڪيب مان هڪ پير ٻاهر نڪري ويو ۽ ٻيو پير گهوڙي جي رڪيب ۾ ڦاسي پيو. پاڻ گهوڙي جي پٺيءَ تان هيٺ ٿي ويو ۽ گهوڙو ڀڄندو رهيو. جبل جي پيڪ ۾ پاٽيءَ جو تلاء "جو ريجي" نالي هو. اتي سندس مٿو جبل جي پٿرن سان وڃي لڳو. چٿجي پيو ۽ مري ويو.

الله تعاليٰ جي قدرت ۽ درويش جي تصرف ۽ ڪرامت سان ٻہ گهوڙا سنجن سان سينگاريل (شاهجهان آباد دهلي) ۾ قيد خاني تي دروازي وٽ ظاهر ٿيا ۽ ڄام تماچيءَ جي هٿن ۽ پيرن جا لوهہ لهي پيا. ڄام اها ڳالهہ جيل جي چوڪيدارن سان ڪئي تہ هيئن منهنجا هٿن پيرن جا زنجير ٽٽي پيا آهن. انهن لوهار گهرائي ٻيهر زنجير ۽ ڦرف ڪڙا ٺهرايا.

رات جو پهريون پهر گذريو تہ ٻيهر زنجير ٽٽي پيا. ان تي ڄام تماچي خيال ڪيو تہ شايد هي مون سان غيبي مدد ٿي آهي. جيل جا درواز بہ کلي ويا. جڏهن ڄام تماچي جيل جي دروازي کان ٻاهر آيو ۽ ڏٺو تہ بہ سنجيل گهوڙا بيٺا آهن. گهوڙي سوار پنهنجي ساٿي کي مبارڪباد ڏني، ڄام تماچيءَ جو هٿ وٺي ٻنهي گهوڙن تي سوار ٿيا.

شاهجهان آباد مان آڌي رات جو روانا ٿيا. پوئين رات "ديهہ ڪجن." سر زمين سنڌ ۾ پهتا. جيئن تہ ڄام تماچي سنڌ جي سرزمين جو واقف ڄاڻو سڃاڻو هو. ان ڪري چؤطرف ڏسي وائسي پنهنجي ساٿي کي چيو تہ: "جيڪڏهن آئون ڀلجان نہ ٿو تہ هي ديهہ ڪجن سنڌ جي سر زمين آهي."

ان دوران ڄام تماچي کي اڃ ۽ بک لڳي. سندس دل چوڻ لڳي تہ ڪجهہ کائي پيئي، ڏٺائون تہ رڌن ٻڪرين جو ڌڻ لوڙهي جي واڙ ۾ بيٺو آهي. ڄام تماچي ساٿي کي چيو تہ: "هڪ ڇيلو ڪٺي اچ." تنهن تي ٻڪرار

دانهن ڪئي تہ: "توهان ڄام تماچي جو پڙهو ٻڌو هوندو. متان ڏڻ جي ويجها ويا آهيو يا اوهان ڄام تماچي جي محابي ڏڻ جي ويجهو نہ وڃو!"

ڄام تماچي اها ماجرا ٻڌي ڏسي. قدرت الاهيءَ سان حيران ٿيو ۽ ٻڪرار کان پڇيو تہ : "ڄام تماچي تہ دهلي، بادشاهہ جي قيد خاني ۾ آهي ۽ هتي ان جي بادشاهيءَ جو اعلان ڪيئن ٿو ٿئي؟" ٻڪرار چيو تہ: "تون ڄام تماچي آهين جلدي ڪر، تڪڙا وڃو جو اڃان رات باقي آهي ۽ مفاصلو بہ ويجهو آهي ۽ صبح سان بادشاهي تخت تي وڃي ويهہ."

ڄام تماچي بہ اها ڳالهہ نيڪ فال سمجهي روانو ٿيو. صبح جي وقت گهوڙي تان لهي ۽ گهوڙن کي گاهہ چرڻ لاءِ ڪوچي ۾ ڇڏي ڏنائون ۽ پاڻ کي وطن لٿي ۾ ڏنائين.

سمن جا چڱا سردار اچي گڏ ٿيا. صلاح مصلحت ڪيائون. تہ ڄام تماچي آيو آهي. ان وقت ئي ان کي بادشاهي تخت تي ويهاريائون. ايئن الله تعالي جي عجيب قدرت ۽ درويش جي ڪرامت ڏسي حيران رهجي ويا.

ڄام تماچي ڀچ وقت بادشاهي ڪئي. ان کان پوءِ بہ سمن گهڻو وقت سنڌ تي حڪومت ڪئي. نيٺ سندن پاڳ ڦيرو کاڌو ۽ سمن کان مُنهن موڙيو.

راجپوتن جي جماعت جا اڳواڻ دلو راءِ ۽ سهسي راءِ هئا. انهن غلبو آٿي. سنڌ ملڪ سمن جي هٿ مان ڦريو.

## بادشاهہ دلو راءِ جي حڪومت جو احوال:

### راجپوتن جو سمن تي ظلم:

دلو راءِ وڏو بادشاهہ هو. راجپوتن جو وڏو لشڪر ونس گڏ ٿيو. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پڙهو گهمايائون تہ: "جيڪو بہ سمون چيلهہ سان تلوار ٻڌي نڪرندو تہ اهو تلوار جي بک جو کاڄ ٿيندو . يعني تلوار سان ماريو ويندو."

## سمن جو ڏنڏو ۽ ڪرت:

سما ـ پوکي راهي ۽ گهٽو ڪري ڪپڙن جي رڱاوت يا اُٽڻ جو ڏنڏو ڪندا هئا. انهي اعلان ٻڌڻ کان پوءِ جيئن ڪيڙيون ٻرن ۾ لڪي ويندیون آهن. تيئن سمان بہ لڪي ڇپي ويا.

## راجپوتن جو تخت اروڙ مقرر ڪرڻ:

راجپوتن پنهنجو تخت گاهہ روهڙي پرڳڻي جي ويجهو اروڙ ۾ مقرر ڪيو. پنهنجي زور طاقت پهلواني ۽ وڏائي ڪري چوڻ لڳا تہ: "جيڪڏهن آسمان هيٺ زمين تي ڪري پوي، تہ اسان نيزن سان ان کي مٿي جهلي بيهنداسون."

## دلو راءِ جو ظلم:

دلو راءِ ظلم ۽ ستم ۾ مشهور هو. زنا ۽ حرامڪاري تمام گهٽي ڪندو هو. ڪنواريون ڇوڪريون شاديءَ جي پهرين رات تختگاهہ ۾ گهرائي، انهن جي لڄ لُٽيندو هو.

## راءِ سهاسي جي بادشاهي:

دلو راءِ کان پوءِ راءِ سهاسي سندس قائم مقام بادشاهہ ٿيو ۽ حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ آنديون.

## منشي ڇڇ برهمڻ ۽ راڻي سوهنديءَ جو عشق:

ڇڇ نالي برهمڻ شڪل شباهت ۾ ڻاهوڪو ۽ تمام سهڻو راءِ سهاسي جي لک پڙهہ جو ڪم ڪندڙ منشي هو. جيئن تہ ڪڏهن ڪڏهن راءِ سهاسي جي طلب ڪرڻ تي، اهو ڇڇ برهمڻ منشي اندر حويليءَ ۾ بہ خطن جي لک پڙهہ جي ڪم ڪار سان ايندو ويندو هو.

راءِ سهاسي جي زال راڻي سوهنديءَ، ڇڇ برهمڻ تي عاشق ٿي پئي ۽ دل و جان سان سندس ميلاپ لاءِ طلبگار ٿي. هڪ ڏينهن راڻي سوهنديءَ، ڇڇ کي چيو تہ: "آئون تنهنجي سونهن سوڀيا تي عاشق ٿي پئي آهيان. منهنجي من جي مراد پوري ڪر." ڇڇ، راڻيءَ کي بادشاهہ جي نمڪ کائڻ جو ٻڌايو. تنهن تي راڻي چيو تہ: "جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ نہ مڃيندين، تہ دانهون ڪري چونديس، تہ اجهو ڇڇ مون ۾ هٿ وڌا آهن. ان

وقت تنهنجي سر جو خير ڪونہ ٿيندو ۽ ان ئي وقت توکي ماريو ويندو."

جڏهن چچ ڏٺو تہ هن مشڪل ڳالهہ کان ڇوٽڪارو ناممڪن آهي، تہ لاچار ڪُتي ڪم لاءِ راضي ٿيو. ان دوران راءِ سهاسي بيمار ٿي پيو. رانيءَ، چچ کي بادشاهي وٺي ڏيڻ جي واعدي سان راضي ڪري، منصوبي جي شروعات ڪئي.

## راءِ سهاسي جي حڪومت ۽ مٽن مائٽن جو خاتمو:

رانيءَ طرفان پڙهو ڏياريو ويو تہ: "راءِ سهاسي سخت بيمار آهي. سندس ساهہ ڏٽي حوالي ٿيڻ وارو آهي. جيڪي بہ راءِ جا مٽ مائٽ وارث هجن، اهي سڀ ننڍا وڏا اچي حاضر ٿين، تہ جيئن حڪومت انهن جي حوالي ڪجي."

پڙهو ٻُڌي راءِ سهاسي جا مٽ مائٽ وارث اچي حاضر ٿيا ۽ حڪومت بابت صلاح مشورو ڪرڻ لڳا.

رانيءَ انڪل ڪري هڪ جاءِ تيار ڪرائي ۽ اتي اندر اونهو اونداهو کوهہ کوٽائي ڇڏيو. ان موتمار کوهہ جي بادشاهہ جي مائٽن مان ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي.

هڪ رات شراب ڪباب ۽ راڳ رنگ ۽ خوشيءَ جي محفل شروع ٿي. ان دوران بادشاهہ راءِ جي مائٽن مان هڪ هڪ ڪري، اندر اُن اونهي کوهہ ۾ اڇلائيندا ويا. ايتري قدر جو بادشاهہ راءِ جو ڪوبہ مٽ مائٽ وارث ڪونہ بچيو ۽ چچ رٿيل منصوبي موجب بادشاهي جي تخت تي ويٺو. عيش عشرت ۾ مشغول ٿي، خوشيون ملهائڻ، بادشاهي ۽ حڪمراني هلائڻ لڳو. (موجوده سانگهڙ ضلعي ۾) شهدادپور جي ويجهو برهمڻ آباد نالي وارو شهر ان چچ برهمڻ جو ٻَڌايل آهي.

## چچ ۽ سندس پٽن جي بادشاهي ۽ ظلم:

چچ ڳچ وقت بادشاهي ڪئي. چچ کان پوءِ سندس پٽ بادشاهيءَ

جا جانشين ٿيا ۽ حڪومت هلائڻ لڳا. انهن ظلم ۽ ستم ۾ ڪمي ڪانه ٿي ڪئي.

الله قادر جبار جي حڪم سان برهمڻ آباد شهر زمين ۾ غرق ٿي ويو. هينئر تائين ان برهمڻ آباد شهر ۽ قلعي جا قلل آثار موجود ۽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مطلب تہ هر ڪمال کي زوال آهي.

# باب ٽيون

# عرب دور

## بغداد مان عربن جي لشڪر جو ڪيچ مڪران ۽ سنڌ ۾ اچڻ:

واقع نويسن جي لکت موجب، انهي دوران بغداد مان لشڪر جي اچڻ جي خبر ظاهر ٿي. ان وقت راءِ الور ۾ هو. اتان برهمڻ آباد آيو. بغداد جو شهر سنڌ کان ٻن هزار ڪوهن جي پنڌ تي هو. خشڪي ۽ سمنڊ جو رستو آهي. راءِ، سون چانديءِ، مال متاع، مضبوط قلعن ۽ لشڪر جي گهڻائي ڪري وڏائي ۽ گهمنڊ ۾ هو. بغداد مان لشڪر جي اچڻ کي سولو ٿي سمجهيو ۽ تقدير کان غافل ۽ بي خبر هو. بغداد مان لشڪر جي اچڻ جي ٻڌل خبر کي ٻڌوائڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

نيٺ بغداد جي لشڪر هتان ڪيچ مڪران قلعي فتح ڪرڻ جي خبر بہ راءِ کي اچي ملي. پوءِ نيٺ پنهنجو لشڪر گهرايو ۽ جنگي ساز سامان تيار ڪيو.

حضرت پير دستگير رحمة الله عليه جي اشاري سان حجاج بن يوسف جي طرفان سپهہ سالار محمد بن قاسم وڏو لشڪر وٺي هتي آيو. محمد بن قاسم جو چوويهہ هزار لشڪر هو. انهن ۾ ٻارهن هزار اٺ کاڌي پيتي جي سامان اناج وغيره سان ڀريل هئا ۽ ٻارهن هزار اٺ ماڻهن جي سواريءَ لاءِ هئا ۽ هر هڪ اٺ تي ٻہ ٻہ ڄڻا لشڪري سوار هئا. جيڪي جنگي سير سفر لاءِ بغداد مان سنڌ ڏانهن روانا ٿيا هئا. ڪيچ ۽ مڪران پهتا ۽ اهي قلعا فتح ڪيا. ان کان پوءِ سنڌ ڏانهن متوجه ٿيا. اتان خيما کڻي سنڌ ڏانهن واڳون وارياءُون.

## ديبل جي فتح :

جڏهن محمد بن قاسم جو لشڪر شهپور قلعي (ديبل؟) جي ٻاهران پهتو. اهو شهپور قلعو ڪراچي بندر ۽ ننگر ٺٽي جي واٽ تي هو.

اهو قلعو اهڙو تہ مضبوط عجب نموني ٺهيل هو جو قلعو فتح ٿيڻ ڪنهن ڪي خواب خيال ۾ بہ نہ هو.

قلعي جي اندر جيڪي جَٽيا هڏل برهمڻ رهاڪو هئا. انهن کي ازغيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ: "بغداد جي لشڪر هٿان سنڌ فتح ٿيندي ۽ اوهان جي عزت عافيت ۽ ٻار ٻچا صحيح سلامت رهندا."

انهي ٻهاني سان قلعي جي برهمڻن قلعي جي فتح جي اها خوشخبري، اڳواڻ وڃي محمد بن قاسم کي ٻڌائي ۽ اڳواڻ قلعي جي طلسم، دروازي وغيره کولڻ جو طريقہ ڪار ٻڌايائون. جٽين پاتل برهمڻن ايئن ڪري، پنهنجي سر ساهہ، شرم حرم ۽ ڌرم جو امان طلبيائون.

محمد بن قاسم بہ انهي شرط عهد پيمان ڪيو تہ:

"قلعي جو طلسم ٽٽڻ ۽ قلعي فتح ٿيڻ سان اوهان امن امان ۾ هوندؤ ۽ جتي چاهيو اتي رهو يا وڃو."

## ننگر ٺٽي ۽ نيرون ڪوٽ جو احوال:

مقصد تہ قلعو فتح ٿيو. عرب اتان منزلون ڪري ننگر ٺٽي شهر ۾ آيا. ان وقت ٺٽي شهر ۽ سنڌ کي ديول[1] ٿي چيائون ۽ مٺي پاڻي جي درياءَ کي "مهراڻ" جي نالي سڏيائون. ٺٽي جو شهر درياءَ ڪلري جي ڪنڌي ۽ ساموئي جبل جي پڪ ۾ ڏيڍ ڪوه پنڌ تي جيئن هينئر آهي شهر ٻڌائون. جو پوءِ ان شهر کيِ فرنگين ڦري لٽي برباد ڪيو. جڏهن اتي بغداد جو لشڪر اچي لٿو تہ اتي جي هندو باشندن فرار جي واٽ ورتي. جيڪي ڪجهہ ڪين هٿ آيا، انهن وٽ اچي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا. اهڙي طرح جتي بہ بغداد جو لشڪر آيو ٿي، تہ هندن تي ظلم ٿي ڪيو. ان ڪري جٽيا ٻڌندڙ ڪو هندو سنڌ ۾ رهاڪو نہ رهيو.

مطلب تہ ٺٽي کان پوءِ نيرون ڪوٽ وڃڻ جو ارادو ڪيائون. نيرون ڪوٽ هينئر حيدرآباد جي نالي مشهور آهي. درياءَ پارڪري برهمڻ آباد جو رخ ڪيائون.

---

[1] ديول = ديبل بندر جو نالو آهي، جيڪو پنهنجي زماني جو مشهور بندرگاهہ هو (مترجم).

اتي محمد بن قاسم لشڪر جي سامهون اعلان ڪيو تہ:
”هتان بغداد تمام پري آهي. جنهن کي بہ وطن ياد پيو هجي، تہ اهو هتان موٽي واپس هليو وڃي. جنهن جي دل موت تي گهري، تہ اهو اسان سان گڏ هلي.“

جيئن تہ پري پنڌ کان وڏو سفر ڪري آيا هئا، ان ڪري سيني محمد بن قاسم سان گڏ رهڻ جو چيو ۽ ان جو ساٿ ڏنائون. جيتوڻيڪ ڪجهہ ٿورا واپس بہ موٽي ويا. هڪ پير مرد جنهن جو مقبرو حيدرآباد قلعي جي ٻاهران ٿهيل آهي، اهو ان بغداد جي لشڪر وارن مان هڪ جو آهي. ان جو قد ڊگهو هو.

نيرون ڪوٽ فتح ٿيو. گهڻو لشڪر گڏ ٿيو. وضو ڪري جماعت سان نماز پڙهيائون.

## برهمڻ آباد فتح ٿيڻ ۽ راءِ جو مارجڻ:

ان ڪانپوءِ شهر ۽ قلعي برهمڻ آباد ڏانهن روانا ٿيا.

راءِ پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، خزانو ڪٽي ۽ جنگي ساز سامان سان تيار ٿي، جنگ لڙڻ لاءِ قلعي کان ٻاهر آيو ۽ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڏويدو لڙائي لڳي. الله قادر جي حڪم سان موتمار تير، راءِ جي سيني ۾ وڃي لڳو. ساهہ نڪري ويس ۽ ان مهل راءِ پنهنجي راتيءَ سان گڏ شراب پيئڻ جو مزو پي ورتو.

هڪ هاٿي سوار شخص راءِ جي مرڻ جي خبر وڃي محمد بن قاسم کي ٻڌائي. بادشاهہ جو سر وڍي، نيزي تي ٽنگي قلعي وارن کي ڏيکاريائون. ان تي گهيري ۾ آيل قلعي جي ماڻهن جي همت ٽٽي پئي ۽ قلعو فتح ٿي ويو بغداد جي لشڪر کي گهڻو مال اسباب ۽ خزانو هٿ لڳو.

چون ٿا تہ بغداد جي لشڪر ملتان جي سرحد تائين حملو ڪيو.

## حجاج وٽ بادشاهہ جي ڌيئرن جو ٻُهتان هڻڻ ۽ محمد بن قاسم جو موت:

بغداد جي خليفن جي چند پشتن تائين سنڌ ۾ حڪومت هئي.

قصو ڪوتاهہ تہ محمد بن قاسم فتح کان پوءِ راءِ جون بہ ڌيئرون

- جيڪي سونهن سوپيا واريون هيون. قيد ڪري، حجاج بن يوسف ڏانهن موڪليون. خليفي حجاج بن يوسف سنڌ جي زبان ڄاڻندڙ کي انهن ڏانهن موڪليو تہ سندن حال احوال پڇي ٻڌائي. جڏهن عربي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو ترجمان انهن وٽ آيو ۽ حال احوال پڇيو. انهن ظاهر ڪيو تہ : "محمد بن قاسم ٻهريان ٻنهي کي پاڻ وٽ رکي حرامڪاري ڪري، ان کان پوءِ خليفي ڏانهن موڪليو آهي." جيئن تہ اهو الزام نسورو ڪوڙ ۽ بهتان هو. ڇاڪاڻ تہ انهن جي دل ۾ پنهنجي پيءُ جي مارجڻ ۽ لڙائي جي مخالفت موجود هئي. ان ڪري ڳالهہ مان ڳالهوڙو ٺاهي، هٿراڌو پلاند خاطر داستان گهڙي ٻڌايائون.

خليفي حجاج بن يوسف بہ ڪوڙ ۽ سچ جي پرک ۽ جانچ ڪانہ ڪئي ۽ ترجمان کي چيو تہ ٻنهي ڇوڪرين کي چئو تہ:

"جهڙي ريت محمد بن قاسم کان اهڙو ڪڌو ڪم صادر ٿيو آهي، ادب جي واٽ کي ڇڏي، ان کي سزا ڏيڻ جو حڪم ٿو جاري ڪيان. ۽ حڪم نامو لکان ٿو تہ محمد بن قاسم جيئرو پاڻ کي گڏهہ جي کل ۾ سبرائي هتي دربار ۾ حاضر ٿئي."

محمد بن قاسم بہ خليفي حجاج بن يوسف جي حڪم موجب پاڻ کي جيئرو گڏهہ جي کل ۾ وجهرائي بغداد روانو ٿيو. هيءُ ڪجهو راز هو. جڏهن هن ڳالهہ جي سچائي خليفي تي ظاهر ٿي، تہ تمام گهڻو افسوس ۽ ارمان ڪيائين. ڪمان مان نڪتل تير ڪونہ ٿو موٽي ۽ زبان مان ڳالهايل لفظ بہ ٻيهر واپس نہ ٿا ٿي سگهن. سو لاچار خاموشي اختيار ڪيائين. محمد بن قاسم تي تهمت مڙهڻ ۽ سندس سچائي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ اهڙي نموني مرڻ جي جواب ۾، راءِ جي ٻنهي ڌيئرن کي بہ مارائي ڇڏيائين.

ان کان بعد جيستائين خليفي بغداد جي سنڌ ۾ حڪومت هئي. ملڪ برباد ۽ ويران هو. ٻوڪي راهي ۽ واپار وڙو بہ نہ رهيو. سنڌ مان جيڪو خراج ملندو هو. ان مان لشڪر جي خرچ جو پورائو بہ نہ ٿي ٿيو. سبحان الله! تخت سليماني ڪٿي رهيو ۽ ڪنعان جو چنڊ ڪٿي رهيو؟ آخر فنا آهي. قصو ڪوتاهہ تہ بغداد جي خليفي جي حڪومت زوال پذير ٿي.

رهي. گهٽيون خيانتون ڪيائين. ان ڪري اميرن ڪبيرن جي صلاح مشوري جي ابتڙ ڪم ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن پنهنجي اميرن کي گهرائي زمين تي اِنگڙ ونگڙ ليڪو ڪڍي، انهن کان پڇيائين ته:

"هن ليڪي جي معني ڪهڙي آهي؟" سڀيئي ڏاها امير مَنجهي عاجز ٿي پيا. چاڪاڻ ته انهي گَج مُچ ليڪي جي معني ته، نه ڪنهن علم ۽ ڪتاب ۾ ۽ نه علم نجوم جي زائچي ۾ ڏني هئائون. ان تي مرزا باقي پاڻ چوڻ لڳو ته: "هيءَ ڏاند جي مُت جو ليڪو آهي. اها به معني ڪونه ٿا ڄاڻو." ايئن چئي بنا ڏوهه جي گهڻن اميرن کي ڪٽي قيد ۾ واڙيائين.

ٺٽي شهر جي ٽويي جي ماپ پورا پنج سير هئي، پر مرزا باقي ان ٽويي جي ماپ پنجن سيرن کان گهٽ مقرر ڪئي. جيڪو ماپ جو اڻ پورو ٽويو اڄان تائين ٺٽي شهر ۾ رائج ۽ هلندڙ آهي.

## اڪبر بادشاهه جي حڪم سان ملتان ۽ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ خان خانان جو مقرر ٿيڻ ۽ اچڻ:

اهڙي طرح ظلم زبردستي، ڏاڍ ۽ ڏمر تمام گهڻو جاري رکيائين. تان جو اڪبر بادشاهه جي حڪم تي، خان خانان سنڌ صوبي جي فتح ڪرڻ تي مقرر ٿيو. جڏهن هي خبر مرزا باقي خان جي ڪن پئي. حڪم ڏنائين ته: جيڪو به اناج آهي، سو سڀ هڪ هنڌ گڏ ڪري ڍگ ڪرايو ۽ هارين نارين کي چيو ته: ڪنهن به ٻني ٻارو پوکيو يا ڪاهيو آهي، ته اهو سزا جي لائق آهي. ان جو سر تلوار سان اڏايو ويندو.

ميرزا باقي خان جي حڪم سان جيڪي ٻاهر ماڻهن جون جُهگيون جُهو پا ڪاٺ ۽ ڪانن ڪکن جا اڏيل گهر هئا. انهن کي ٻاريو ساڙيو ويو. ملڪ ۾ جيڪو به ڪاڻ جو اناج سُجهندو هوس. اهو ڦُري پاڻ وٽ گڏ ڪيائين . ماڻهن وٽ جيڪي پيسا ڏوڪڙ هئا، اهي به ڦُري ڪسي پاڻ وٽ يڪجا ڪيائين. ان ڪري سنڌ ملڪ ۾ هٽراڌو ڏڪار پئجي ويو. ماڻهو بک وگهي مرڻ لڳا. ٻنين پوکن ۾ داڻو ڪٽو به نه ٿي ٿيو. نيٺ لاچار

ڪي ماڻهو گهرگهاٽ ڇڏي، ساهہ بچائڻ لاءِ ٻي پاسي ڀڄڻ لڳا. واقعي مرزا باقي خان صبح جي ستاري وانگر ارغون ۽ ترخاني نسل مان آخر باقي هو:

در بنارس باقيا باقي نہ ماند،
آن قدح شڪست و آن ساقي نہ ماند.

[اي باقي! ملڪ هندستان ۾ باقي نہ رهيو. اهو پيالو ڀڄو ۽ اهو ساقي نہ رهيو.]

ڳالهہ ڪتائتي تہ اناج ۽ داڻي ڪڻيءَ جي کوٽ ڪري، الله تعاليٰ جي مخلوق جا حال هيٺا ۽ سورپيٽا ڪري ڇڏيا . ڪاتي پيتي ڪان سواءِ ماڻهو اچي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي پهتا.

هوڏانهن خان خانان بہ ملتان ۾ اچي پهتو ۽ سنڌ اچڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ سنڌ ۾ ڏڪار بابت حال احوال معلوم ڪيائين تہ مرزا باقي تقدير کان غافل پنهنجي ڏاڍ ڏمر ۽ دهڏبي سان خدا جي خلق کي حيران پريشان ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري تہ ٻلي ٻاهرين لشڪر کي ڏڪار جو مُنهن ڏسڻو پوي. جيئن تہ خان خانان غيبي امداد سان سنڌ جي فتح ٿيڻ جي خوشخبري ٻي معلوم ڪئي. ڪاتي پيتي جو گهڻو ساز سامان پاڻ سان گڏ آندو هو ۽ منزلون ماريندو اچي سنڌ جي حدن ۾ پُهتو. ان جي هتي پهچڻ سان "خرابي سندهہ" مان تاريخ ڪڍي اٿن.

تقدير هلائيندڙ جي حڪم سان خان خانان جتي بہ پهتو ٿي، تہ فتح ۽ ڪاميابي سندس نصيب ۾ ٿي آئي. نيٺ سڄي سنڌ بادشاهي لشڪر جي قبضي ۾ اچي وئي. سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ خان خانان شاهجهان آباد واڳون واريون، تہ جيئن بادشاهہ کي خوشخبري ٻڌائي ۽ ملاقات جو شرف حاصل ڪري.

## سنڌ ۾ صوبہ داريا نواب مقرر ٿيڻ :

هتي پوئتي وڏي علم ۽ مرتبي وارو صوبہ دار ڇهن پنجن هزارن لشڪرين، هاٿين ۽ جنگي ساز سامان سان، سنڌ نٽي سميت ان جي حوالي ڪري ويو ۽ سڄو بندوبست ان جي ٻلي رهيو. "صوبہ دار" کي "نواب" جي لقب سان ٿي سڏياڻون.

چون ٿا تہ انهن هندستان جي صوبہ دارن يا نوابن جي دور ۾ الله جي خلق گهڻو خوشحال ۽ شاد آباد هئي.

نيٺ اڳتي هلي محمد شاهہ بادشاهہ جي پوئين دور ۾ ٺٽي جي صوبہ داري يا نوابي صادق علي خان جي نالي مقرر ٿي ۽ هندستان جي حڪومت بي چراغ يا برباد ٿي، تہ سنڌ ملڪ عباسي ڪلهوڙن جي حوالي ٿيو.

## محمد شاهہ بادشاهہ طرفان عيش عشرت ۾ سنڌ ڳائٽي کي ڏيڻ ۽ صادق علي خان طرفان ڳائٽي کان سنڌ زرخريد ڪرڻ ۽ ٺٽي ۾ اچڻ:

ڳالهہ ٿا ڪن تہ محمد شاهہ بادشاهہ عيش عشرت جي هڪ رات ۾ سنڌ ملڪ هندستان جي هڪ ڳائٽي جي حوالي ڪيو. ذڪر ڪيل صادق علي خان انهيءَ ڳائٽي کان سنڌ کي زرخريد وٺي، ٺٽي ۾ آيو هو.

ان دوران سنڌ ۾ نادر شاهي لشڪر جي اچڻ جو پڙاڏو ۽ غوغاء بلند ٿيو. صادق علي خان کان خدايار خان عباسي ڪلهوڙي سنڌ کي زرخريد ڪري هٿ هيٺ آندو. انهن عباسي ڪلهوڙن جي حڪومت جو احوال هيٺ ايندو.

جيئن تہ صادق علي خان بہ سنڌ ملڪ ڳائٽي کان سستو ورتو هو ۽ عباسين کي وڪڻي بہ سستو ڏنائين:

پدرم روضہ رضوان بدو گندم فروخت،
ناخلف باشم ڪہ من بجوئي نہ فروشم.

[منهنجي پيءُ باغ، ڪڻڪ جي ٻن داڻن تي وڪڻي ڇڏيو. آئون بي فرمان هجان، جو هڪ جؤ تي نہ وڪڻان.]

محمد شاهہ بادشاهہ گهڻي عيش عشرت ڪري شاهجهان آباد کي نادر شاهہ جي حوالي ڪيو. صادق علي خان جو باڪ ڦٽي مهل ڏيئي وانگر پيير رڪيب ۾ هو. پنهنجي مرشد جي طريقي وانگر پاڻ کي هٿ کان نہ ڏنو.

سبحان الله! عبرت جي جاءِ آهي. ڏوهه ڪنهن ماڻهو کي نه ڏبو جو آدم جو اولاد بي اختيار آهي. هر ڪم جي واڳ تقدير جي هٿ وس آهي. مثال طور هي رباعي پڙهي ڏسو:

قضا شخصي است پنج انگشت دارد،
چوخواهد بود کسي کاري بر آرد.
دو بر چشمش نهد ديگر دو برگوش،
يک برلب نهد گويد خاموش.

[تقدير هر ماڻهو کي پنج آڱريون ڏنيون آهن، جو ماڻهو گهري ته ڪم ڪري ، ٻه آڱريون اکين تي رکي ۽ ٻه آڱريون ڪنن تي رکي ۽ هڪ چپن تي رکي چوي ته، چپ رهه خاموش!]

”هرچه ڪند خدا ڪند“

[جيڪو ڪري سو الله ئي ڪري.]

# باب پنجون

## عباسين (ڪلهوڙن) جي حڪومت جو احوال

جڏهن الله قادر ڪارساز گهري ٿو ته ڪنهن کي سرفرازيءَ ۽ سربلندي عطا ڪري ٿو. ان ڪان پهريائين اسباب به موجود ڪري ڏئي ٿو. هن ڳالهه کان اڳ ۾ شاهل محمد، آدم شاهه ۽ الياس ڪلهوڙو ڪاڇي پرڳڻي ۾ 'ڳاڙهي واريءَ' ۾ رهندا هئا ۽ فقيري لباس ۾ ٿي گذاريائون. الله تعاليٰ جي عبادت رياضت ۾ رُذل رهندا هئا. ڪرامت جا صاحب هئا ۽ ڪرامتن سان مشهور هئا. مٽيءَ يا ٺڪر جو ڪؤنرو هٿ ۾ هوندو هون ۽ جو ڪجهه گهرندا هئا، ان ڪؤنري مان ملندو هون.

سرزمين پنجاب جا ڪي ماڻهو انهن وٽ اچي، سندن هٿ تي بيعت ڪري، پاڻ کي مريدن جي جماعت ۾ شامل ڪيو ۽ سندن خدمت ڪرڻ لڳا.

شرط هيءَ هو ته جنهن وقت ڪرامت وارو ڪؤنرو ازخود پڇي پوندو ته تڪليف کان سواءِ ڪين ملڪ هٿ يا قبضي ۾ ايندو.

اتفاق سان اهو ڪؤنرو ڪلهوڙن جي اولاد مان ميان نصير محمد جي وقت ۾ پڇي پيو ۽ ان وٽ گهڻا مريد گڏ ٿي ويا. پهريان تلوار سان لڙائي ڪرڻ به نه ٿي ڄاڻائون. ميان نصير محمد ڪرامتن ڏيکارڻ ۾ مشهور هو.

### ڪلهوڙن ۽ پنهورن ۾ لڙائي:

پنهور ذات جا ماڻهو جيڪي چانڊڪي پرڳڻي ۾ سرڪشيءَ سان ٿي رهيا. اهي تمام گهڻا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڪلهوڙن ۽ پنهورن ۾ لڙائي لڳي. ڪلهوڙن، پنهورن کي ماري پڇايو. پنهورن جي هٿ مان تلوار ڪسيائون ۽ پنهورن جي علائقي تي قبضو ڪيائون.

ڪلهوڙن پوڪي راهي ۽ ٻني ٻاري جو ڪم ٿي ڪيو. وقت جي حاڪم کي ڍل به ٿي ڏنائون. ان سان گڏ سندن ڪرامت به هر طرف مشهور ٿي ۽ چانڊڪي پرڳڻي ۾ رهڻ لڳا.

## پنهورن جي ميان نصير محمد ڪلهوڙي خلاف مرڪز شاهجهان آباد ۾ دانهن ڪٽي وڃڻ ۽ اتان معز الدين جو اچڻ:

پنهور ڪلهوڙن جي خلاف دانهن ڪٽيٰ شاهجهان آباد ويا. اتي اهو وجي ظاهر ڪري ٻڌايائون تہ:

"نصير محمد تاجداري جو دم ٿو هڻي ۽ بادشاهي دعوي ٿو ڪري. پنهنجي نالي سون ۽ چانديءَ جو سڪوبہ اٿس."_ جيتوڻيڪ اهو سراسر ڪوڙ ۽ بهتان هو_ بادشاهہ کي عرض ڪيائون تہ: "ان ڪري چڱو آهي تہ (ميان نصير محمد جي بادشاهي دعوي ۽ پنهنجي نالي سڪي جاري ڪرڻ جو) اڳواٽ سختيءَ سان علاج ڪرڻ گهرجي. سندس سڪو هي آهي:

باج دهان بر درش هفت شهان سرير
سکه دولت بزد شاهہ محمد نصير.

[ان جي دروازي تي تختُ تاج وارا ست بادشاهہ ڏن پرو آهن. بادشاهہ نصير محمد حڪومت جو سڪو هنيو."]

شاهجهان آباد جي بادشاهہ انهن پنهورن جي ڳالهہ سچ سمجهي، ڪاوڙ ۾ اچي ويو. جيئن تہ بادشاهي ڪاوڙ ۽ دشمني جي باهہ قهر رباني جهڙي هوندي آهي. بادشاهہ شهزادي معز الدين کي هن مهم واسطي وڏي لشڪر سان مقرر ڪيو.

ان وچ ۾ ميان نصير محمد حياتيءَ جو سفر پورو ڪري گذاري ويو. الله تعالي سندس مغفرت فرمائي!

## معزالدين هٿان ميان دين محمد جو مارجڻ ۽ ميان يار محمد مسند نشين ٿيڻ:

ان کان پوءِ سندس پٽ ميان دين محمد ان جو قائم مقام ٿيو. ان جي مٿان اوچتو بادشاهي لشڪر اچي ڪڙڪيو. ميان دين محمد ۽ سندس گهڻو لشڪر بہ مارجي ويو.

## مياں يار محمد طرفان ديوان موٽومل کي مرڪز ۾ حڪومتي فرمان وٺڻ لاءِ موڪلڻ ۽ فرمان جو جواب ۽ رڳو باراني زمين آبادي لاءِ ملڻ:

مياں دين محمد جي پٽ مياں يار محمد بادشاهي لشڪر وڃڻ کان پوءِ، ولايت جي پڳ پنهنجي مٿي تي ٻڌي ۽ لشڪر گڏ ڪري طاقت ورتي. پنهنجي دل ۾ آزادي ۽ بادشاهيءَ جو خيال ڪرڻ لڳو. ان ڪري ڪلهوڙن ديوان موٽومل کي- جيڪو هن ڪلهوڙا خاندان جو آڳاتو خدمتگار ۽ خير خواهہ هو- گهڻن پيسن ڏوڪڙن يا سوکڙين پاکڙين سان شاهجهان آباد موڪليو تہ اهو ڪيئن بہ ڪري سندن بچاءَ، صلح صفائي ۽ صحيح حقيقت جي اها ڳالهہ مرڪز تائين پهچائي.

ديوان موٽومل شاهجهان آباد پهتو. بادشاهہ جي مقرب اميرن مان هڪ امير جي واسطي سان سنڌ جي ڪلهوڙي مياں يار محمد جو ڪيس بادشاهہ تائين پهچايو ۽ مياں يار محمد لاءِ حڪومتي فرمان جاري ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو.

ان وقت مرڪز ۾ اورنگ زيب عالمگير بادشاهي تي تخت نشين هو. اها درخواست وڪيل جي ذريعي بادشاهہ جي آڏو پهچائي وئي. ان درخواست تي جواب ۾ هي شعر لکيو ويو:

ڪاف در ڪلهوڙه ڪاف را ڪشند،

باقي هر آنچه ماند خواهند را دهند.

[لفظ ڪلهوڙي ۾ جيڪو منڍ ۾ "ڪ" آهي، اهو ڪيي، باقي جيڪو لفظ بچي، اهو گهرندڙ کي ڏين......]

مقصد تہ حڪومت جي فرمان ملڻ کان ٿپ جواب!

حڪومتي فرمان جي ٿپ جواب ملڻ کان پوءِ ديوان موٽومل سان شهداد ٽالپر نالي بہ ڪلهوڙن جو ماٿهو گڏ هو. تنهن تي ان گذر سفر لاءِ باراني زمين آباد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. ان تي بادشاهہ طرفان نواب اعظم

خان صوبہ دار سنڌ ۾ ٺٽي جي نالي رڳو باراني زمين آباد ڪرڻ جو فرمان جاري ٿيو.

## ديوان موٽومل جي پيهر ڪوشش سان فرمان جاري ٿيڻ:

بادشاهہ طرفان ميان لاءِ فرمان نہ ملڻ تي (ميان جو پٽ) ميان نور محمد ڪلهوڙو ملقب خدايار خان ديوان تي گهڻو ڪاوڙيو. ان ڪري ديوان موٽومل ڪلهوڙن جي نمڪ حلالي ۾ قدر منزلت جي پيش نظر لُڪي ڇپي دڪي ٻوڙي، بادشاهہ جي امير جي واسطي سان نيٺ ميان جي نالي شاهي فرمان ورتو. جيئن تہ اورنگ زيب جي اميرن مان امير اعظم خان شهر ٺٽي ۾ سنڌ ۾ رهندڙ صوبہ دار هو. ان ڪري ميان واسطي حاصل ڪيل فرمان جو تصديق نامو سنڌ جي صوبہ دار ۾ نواب اعظم خان جي نالي بہ حاصل ڪيو. اهڙي ريت ديوان موٽومل پنهنجي آقا ۾ محسن ميان(يار محمد) جي حضور ۾ سرخرو ۽ سوڀارو ٿيو.

ميان نور محمد وٽ ڳاڙهي واريءَ جا رهاڪو گهڻا هندو گڏ هئا. ان ڪري ديوان موٽومل طرفان فرمان حاصل ڪرڻ جي شڪر گذاريءَ طور انهن ڪلهوڙن هندن جي بہ واقعي گهڻي پاسداري ۽ پاس خاطريءَ ڪئي. اهي هندو سادي اڇي پوشاڪ پهريندا هئا.

ميان يار محمد خان، نواب اعظم خان جي مقربن سان ميل جول ڪري راهہ پيدا ڪئي ۽ نواب جي دل وجان سان خدمت ۾ ڪوشش تي ڪيائين.

## شاهہ عنايت الله جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو:

ان دوران عنايت الله صوفي ڪرامتن سان ملڪ ۾ مشهور ٿيو. جيڪو الله تعالي جي اوليائن ۾ خدا پرست محقق مان جهوڪ جو رهاڪو هو. ان درويش جا گهڻا هندو ۽ مسلمان مريد هئا.

ميان يار محمد کي شاهہ عنايت الله صوفي جي مشهوري سندس دل ۾ ساڙ پيدا ڪيو ۽ مخالفت جي باهہ دل ۾ ٻرڻ لڳي.

، ڪري صوفي عنايت الله جي ختم ڪرڻ لاءِ نواب اعظم خان کي ان جو توجهہ ڇڪرائڻ ضروري ڄاتائين. صوفيءَ جي گهڻن مريدن

لشڪر ۽ مشهوريءَ جو حال احوال- جيڪو ڪيس معلوم هو – سو نواب جي خدمت ۾ عرض رکيائين ۽ مدد طلبي.

نواب اهو احوال مٿي مرڪز ۾ موڪليو تہ اتان اعظم خان جي عرض موجب سندس نالي هڪ فرمان آيو ۽ ٻيو ميان يار محمد ڪلهوڙي جي نالي نواب جي مدد ڪرڻ جو فرمان بہ آيو.

بادشاهي فرمان ۽ حڪم موجب نواب اعظم پنهنجي پٽ ۽ ميان يار محمد جي سرائين جي لشڪر سميت ميربور بٺوري جي ويجهو جهوڪ ۾ لڙائي واسطي صفون ٻڌي روانا ٿيا ۽ شاهہ عنايت الله جي درگاهہ جي چوديواري جي چوڌاري گهيرو ڪيائون.

ميان يار محمد ڪلهوڙي، شهداد ٽالپر کي سفارش واسطي قرآن شريف وچ ۾ آڻي، درويش وٽ ناهہ لاءِ موڪليو. ميان يار محمد، شهداد ٽالپر کي قسم قرآن کڻي واعدا ڏنا ورتا. تہ ان کي ڪيئن بہ ڪري لڙائي کان هٿ ڪڻائي.

درويش قرآن مجيد جي سفارش قبول ڪري، روبرو اچڻ لاءِ آماده ٿيو. جيتوڻيڪ کيس معلوم هو تہ موت منهنجي مٿان اچي پهتو آهي. تقدير کان مُنهن موڙڻ جو ڪوبہ چارو ڪونهي ۽ قضا تي رضا ڏيکاري.

ميان يار محمد عباسي واعدو وفا نہ ڪيو. پنهنجي قيامت ڪاري ڪري، درويش کي ڪٽي قيد ڪيو ۽ تلوار سان قتل ڪيو.

مشهور آهي تہ درويش رندا نہ طبيعت عاشقن وانگر سر جي پرواهہ نہ ڪئي. ان وقت پنهنجي چيل هي رباعي پڙهي:

سر در قدم يار فدا شدڪ بجا شد
اين بار گران بود ادا شد ڪہ بجا شد
از خون دلم ڪرد حنائي سرم انگشت
خون دلم انگشت نماشد ڪہ بجاشد

[دوست جي قدمن ۾ سر فدا ٿيو سٺو ٿيو هي ڳرو بار هو ادا ٿيو سٺو ٿيو. منهنجي دل جي خون منهنجي مٿي کي رنگين ڪيو. منهنجي دل جو خون ماڻهن لاءِ تماشو بڻيو سٺو ٿيو.]

دير است ڪه آوازه منصور ڪهن شد.
اڪنون تو برو جلوه دار رسن را.
[گهڻو وقت گذري ويو آهي جو منصور جو آواز پراڻو ٿي ويو آهي.
هاڻي ڦاسي تي جلوي ڏيکارڻ جو تنهنجو وقت آهي.]

نواب اعظم خان فتح ڪاميابي کان پوءِ ٺٽي شهر روانو ٿيو ۽ مياڻ يار محمد پنهنجي ماڳ تي (خدا آباد) آيو.

ڳالهه ٿا ڪن تہ شهداد ٽالپر کي وچ ۾ آڻي (ميان يار محمد يا نواب اعظم خان طرفان شاهہ عنايت الله صوفي کي قرآن تي واعدو وٺي، پوءِ قيد ڪري شهيد ڪرڻ جي درد ناڪ واقعي کان پوءِ ڏک ۾) واعدي خلافي ڪري شهداد ٽالپر مٿي تي پٽڪو نہ ٻڌو.

جهوڪ جي فتح ۽ عنايت الله صوفيءَ جي شهيد ٿيڻ جي تاريخ سال 1130هہ/1718ع ۾ واقع ٿي.

سال 1131هہ/1718ع ۾ ميان يار محمد پنهنجي طبعي عمر پوري ڪري، هُن جهان جو سفر اختيار ڪيو يعني گذاري ويو.

# ميان نور محمد ڪلهوڙو

## خدايار خان (ميان نور محمد ڪلهوڙي) کي حڪومت ملڻ جو بيان:

ميان خدا يار خان(نور محمد ڪلهوڙو) پيءُ جو قائم مقام ٿيو ۽ حڪومت جون واڳون سنڀاليں، بادشاهي تخت تي ويٺو. سڀني جي اتفاق سان عباسي خاندان جي پڳ سندس مٿي تي رکيائون. سندس لقب "ميان نور محمد" مقرر ڪيائون. (جيتوڻيڪ مرڪزي حڪومت مغلن طرفان کيس لقب"خدايار خان" مليو هو.)

ميان نور محمد کي ست پٽ هئا: (1). محمد مراد ياب خان (2) عطر خان (3) احمد يار خان (4) خداداد خان (5)غلام شاه خان (6) غلام نبي خان (7) عبدالنبي خان .

ان دوران هندستان جي بادشاهي بي جان جسم وانگر ٿي وئي. ميان نور محمد جي ڀاڳ جو ستارو بلند ۽ مددگار هو. مرڪز طرفان صادق علي خان ٺٽي جي صوبہ داري تي مقرر ٿيل هو. ان ڪري اهو حڪومتي مسند کي سنڀي اگهہ تي وڪٽي واپس روانو ٿي ويو. تقدير جي حڪم سان مرزا باقي خان ترخان وانگر هيءُ بہ سنڌ جي صوبہ داري تي رهيل (آخري نشاني) هو:

حريفان بادها خوردند رفتند.

تهي خم خانه ها ڪردند رفتند! (جامي)

[پيارا دوست محبت جو شراب پي هليا ويا. محبت جا مرڪز يا شراب خانہ خالي ڪري هليا ويا.]

## ميان نور محمد ڪلهوڙي جي شخصيت ۽ انتظام:

ميان نور محمد وڏي سمجهہ وارو ڏاهو هو. اڪثر قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هوندو هو ۽ زميندارن وانگر بادشاهي ٿي هلائي.

هيٺين پرڳڻن جي زميندارن جيئن ونگو نوت، راهمه ، مانڊر ۽ لاڪاٽ پرڳڻن ۽ بهرام پور جي سرڪردن لشڪر، برادري ۽ مال متاع جي گهٽائي ڪري حڪومت سان سرڪشي ٿي ڪئي.

ميان نور محمد منصوبي بندي، تلوار جي زور ۽ عهد پيمان ذريعي سيني کي عدم جي ملڪ جو مسافر ڪيو. انهن سيني جاگيرن ۾ نومڙيا، جوکيا ۽ ڪلمتي بلوچن کي حالتن سڌارڻ لاءِ مقرر ڪيو. جيڪي اهي سڀ ڏک سک ۽ جنگ جدل جي وقت ۾ ميان صاحب نور محمد سان پانهه ٻيلي ٿيڻ لاءِ هر وقت اچي حاضر ٿيندا هئا. ميان نور محمد به دل جي اطمينان ۽ آزاديءَ سان ٺٽي ۽ سنڌ تي حڪومت هلائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي.

پنهنجي اميرن مان سلطان سامتيو- جيڪو به وڏو سمجهدار ڏاهو هو- ان کي ٺٽي شهر جو ڪاردار ۽ ملڪ سنڌ جي انتظام هلائڻ لاءِ مقرر ڪيو. ان ڪجهه وقت ٺٽي جي حڪومت هلائي ۽ پنهنجي عمر پوري ڪري گذاري ويو. ان ڪان پوءِ سرڪشن جي شورش ۽ باغين جو فتنو آبڪلاٽي جي پاڻي ۽ برسات وانگر ختم ٿي ويو ۽ ڪو به سرڪش مخالف نه رهيو.

ڪاردار يا منتظم هڪ يا ٻن سون سوارن ۽ پيادن سان ٺٽي شهر ڪان ايندو هو. اهڙي طرح هر هنڌ ڪار دار يا انتظام هلائيندڙ مقرر هئا. اهي مقاطعي، زراعت، زمين جي ڍل جا پيسا ڏوڪڙ گڏ ڪري، خزاني ۾ جمع ڪرڻ لاءِ پهچائيندا هئا.

شهر خداآباد آباد ٿيو جو سامتاڻي پرڳڻي(موجوده دادو ضلعي) ۾ هو. واپاري سوداگر خدا آباد ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ واپار ڪرڻ لڳا. ميان صاحب نور محمد جي حڪومت جو تخت گاهه به خدا آباد هو.

سادات سگهورا، پلارا بزرگ درويش، ٺٽي ۽ ٻين شهرن جا قاضي، مفتي، منصبدار عهدي دار جن جو چغته (مغلن) جي زماني ۾ روزينو مقرر هو. ميان نور محمد طرفان به انهن مان هر هڪ کي رتبي آهر روزينو جاري رکيو ۽ هم پيشه ماڻهن جي حجت ختم ٿي.

## مير بهرام پٽ مير شهداد ٽالپر وفادار منتظم:

مير بهرام پٽ مير شهداد ٽالپر عقلمند سمجهه دار وزارت جي لائق هو. اهو وڏي فهم فراست ۽ ڏکهي نظر وارو هو. پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائيءَ ڪري ميان صاحب جي مقربن مان هو.

هن ڪان پهريان بلوچن جي سرداري چانر ننڍي ٽالپر وٽ هئي. اها سرداري بہ لطف مهرباني ، محبت ۽ سهٽي سلوڪ سان پنهنجي هٿ ۾ آنداڻين. انهن راڄ وارن جي هر سار سنڀال پنهنجي ذمي ڪنيائين. ان ڪري سڀ بلوچ سنڌس حسن سلوڪ مان خوش ۽ هر طرح نيڪي ڪندا هئا. بلوچن جو لشڪر بہ روزانو ترقي ڪري وڌندو ٿي ويو ۽ پاڻ مير بهرام ٽالپر، بلوچ رجمينٽ جو سپهہ سالار ٿي ويو ۽ تمام بهترين خدمتون بجا آڻڻ لڳو. لائق خدمت جي عيوض ميان صاحب جو پرو سي جهڙو وفادار ۽ پيارو هو.

راڄوليڪي، ميان نصير محمد جي زماني کان خاص مريدن ۾ شامل هو ۽ قوم سرائين جو خليفو مقرر هو.

قوم جت يا چت مانٰ سرائي شاهہ بهارو سرڪردو اڳواڻ هو. ان قوم جي پلٽڻ جو سپهہ سالار هو.

اهڙي طرح مراد گنجہ ۽ اختيار کهاوڙ بہ ڪجھ سرائين جي دستن جا اڳواڻ هئا. مطلب تہ اهي چارئي اڳواڻ سرائين جي چئن دستن جا سپهہ سالار هئا ۽ سري جي جاگير جي سار سنڀال تي مقرر هئا ۽ خدمت ۾ بہ حاضر هوندا هئا.

## مير عبدالله بروهي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ماڻهن ۾ لڙائي ۽ ميان جي ڪاميابي:

مير عبدالله خان بلوچستان جو حاڪم، سرحد خراسان بروهين جي دوم مان لشڪر جو صاحب هو. ان جي سرحد، پرڳڻي ڪاڇي ۽ پرڳڻي چانڊڪي سان لڳو لڳ ملندڙ هئي. ان ڪري ڪلهوڙن ۽ بروهين جي وچ ۾ دنگائي هجڻ ڪري، دنگي فساد جي باهہ پڙڪڻ لڳي. چاڪاڻ

تہ مير عبدالله بروهي جهجهي لشڪر ۽ تلوار جي زور ڪري، ڪنهن کي بہ اک ۾ نہ ٿي آندو ۽ ڪنهن کي بہ طاقت ۾ پاڻ جهڙو نہ ٿي سمجهيو. ان ڪري اوچتو ٻنهي ڌرين ۾ جنگ چڙهي پئي.

مراد گنجہ عباسي خاندان جي خاص مريدن مان هو. پرڳڻي ڪاڇي جو انتظام بہ ان جي حوالي هو. اهي دنگي فساد جون خبرون ميان صاحب (نور محمد) جي خدمت ۾ پهچائيندو رهندو هو.

ميان صاحب مراد گنجہ جي مدد لاءِ شاهہ بهاري ۽ ٻين کي لشڪر ڏئي جنگ لاءِ تاڪيد ڪيو. مطلب تہ ٻهريان تيرن تفنگن جي لڙائي لڳي. ان کان پوءِ تلوارن سان جنگ زور ورتو. نيٺ فتح ۽ ڪاميابي ميان صاحب جي ٿي ۽ مير عبدالله شهيد ٿي ويو.

ڳالهہ ٿا ڪن تہ لڙائي جي ڏينهن مار ڌاڙ جي باهہ ٻري رهي هئي. مير عبدالله چوپڙ راند ۾ مشغول هو. گهٽي لشڪر کي ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو ۽ تقدير جي ڪمن کان غافل هو. جڏهن ميان صاحب جي لشڪر جي غلبي ۽ پنهنجي لشڪر جي هار ڏنائين، تہ لاچار اٿيو. لڙائي ۾ سخت مقابلو هلي رهيو هو. تقدير جي حڪم سان جنگ هلندي تلوار جو ڪاچ بنيو. ان کان پوءِ قلعو سيوي، قلعو گنجابہ ۽ قلعو ڍاڍر ميان صاحب جي لشڪر جي قبضي ۾ اچي ويا. ميان صاحب کي فتح ۽ ڪاميابي جو هر طرح ۽ هر طرف کان اطمينان ٿيو.

## ميان داؤد عباسي جي سرڪشي ۽ مير حڪيم عبدالرزاق جفارهند ستاني جو انوکو احوال:

ميان نور محمد جي ڀائٽيي داؤد خان عباسي ڪلهوڙي کي علحده جاگير مقرر ٿيل هئي. جنهن سرڪشي ۽ علحدگي جو خيال ٿي ڪيو پر قدرتي بخت ميان نور محمد جي مدد ٿي ڪئي. ميان محمد داؤد جو تير صحيح نشان تي نہ لڳو مگر ميان نور محمد بہ پنهنجي ڀائٽي هجڻ ڪري پاس خاطري ۽ چشم پوشيءَ کان ڪم پي ورتو.

هندستان جو باشندو مير عبدالرزاق علم جعفر ۾ وڏو قابل ڪارهو پڻ علم طب ۾ "لقمان ثاني" هو. اهو حاذق حڪيم هندستان

مان هلي، ميان محمد دائود جي خدمت ۾ اچي رهيو ۽ ميان دائود جي همرازن ۽ دمسازن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. ميان داؤد ان جي خرچ پکي جو بندوبست ڪندو هو. اهو حڪيم ميان نور محمد جي مجلس ۾ به حاضر ٿيندو هو.

ڪن (گامون سچار جهڙن) سچ چوندڙ ماڻهن کان ٻڌو ويو آهي ته، جنهن وقت مير عبدالرزاق هندستان مان سنڌ اچڻ جو ارادو ڪيو ۽ خرچ جي کوٽ ڪري بنهه تنگ دستي ۾ هو. جڏهن ملتان جي قلعي جي آسپاس پهتو ته، مسڪيني حال کان تمام تنگ ٿي پيو. جيئن ته کيس علم جفر ۾ مهارت حاصل هئي. قلعي جي ٻاهران هڪ گهڙيءَ ۾ سرسبز باغ تيار ڪيائين. ان باغ ۾ ميويدار وڻ ٻوٽا، گل غنچا ۽ پاڻي جون وهندڙ نهرون به جاري هيون. گويا قدرت الاهيءَ سان سرسبز شاداب باغ ڏسڻ ۾ پي آيو. ان باغ کي ملتان جي هڪ واپاريءَ کي ٺيڪي يا مقاطعي ۾ ڏئي يا گروي رکي، راهه جي خرچ لاءِ اُڌارا پيسا ورتا ۽ ان سان واعدو ڪيائين، ته سنڌ پهچڻ سان اوڌر ادا ڪندس. جڏهن سنڌ پهتو ته جيڪي واپاريءَ کان پيسا ورتا هئائين، اهي واپس ڪيائين. پيسن ملڻ کان پوءِ جڏهن واپاري اتي باغ وٽ پهتو ته باغ موجود نه هو پر زمين غيرآباد ۽ خشڪ ڏسڻ ۾ آئي ۽ انوکو طلسم ٿي ڇاتائين.

مير عبدالرزاق، داؤد خان کي علم طب سيکاري بهرمند ڪيو. ان ڪري داؤد خان علم طب ۾ شهرهء آفاق ۽ هرهنڌ حاذق حڪيم ۽ وقت جو مسيح مشهور ٿي ويو.

هڪ ڏينهن مير عبدالرزاق طلسم لکي گوڏي هيٺان رکيو ۽ داؤد خان کي ٻڌايئين ته ميان نور محمد هن ئي مهل هتي اچي حاضر ٿيندو. طلسم جي برڪت سان ميان نور محمد به ان ئي گهڙي تڪڙو اچي مير عبدالزاق وٽ پهتو.

اها طلسم واري حقيقت ڪنهن ماڻهو وڃي ميان نور محمد کي ٻڌائي. ان طلسم واري ڳالهه جو پاڻ ميان نور محمد به وقت بي وقت بنا ڪم جي اتي مير عبدالرزاق وٽ اچڻ وڃڻ جو آزمودو به ڪيو.

## مير حڪيم عبدالرزاق طلسم باز جو سيوهڻ ويجهو درياءَ ۾ ٻڏڻ:

ان کان پوءِ ميان نور محمد پاڻ کي تمام گهڻو پابند بڻايو ته متان ايئن اوچتو ڪيس ڪنهن بهاني گهرائي، منهنجي سر ۾ ساهه جو خاتمو نه ڪن.

اتفاق سان مير عبدالرزاق ٻيڙيءَ ۾ پيو آيو. سيوهڻ جي ويجهو درياءَ ۾ اونهو پاڻي ۽ وڏو ڪُن هو. ٻيڙيءَ جي ناکئن ميان نور محمد جي اشاري سان ٻيڙيءَ جو اوچتو ڪٺي تختو يا ڦرهو ڪڍيو ۽ ٻيڙي ٻڏي وئي، جيئن ته مير عبدالرزاق پاڻيءَ ۾ ترڻ نه ڄاڻندو هو. تيئن طلسم باز مير عبدالرزاق به درياءَ شاهه جي لهرن حوالي لُڙهي لهوارو ٿي ويو. سندس علم جفر ۽ طب جا ڪتاب داؤد خان وٽ رهجي ويا.[1]

## سوداگرن کان سيوهڻ وٽ ڦرلٽ جو واقعو:

انهن ئي ڏينهن ۾ ميان صاحب نور محمد جو بخت بيدار ٿيو هو. چار پنج سودا گر حرمين شريفين جي زيارت واسطي پنهنجن ٻارن ٻچن، ساز سامان ۽ مال متاع سان پنهنجا ٻيڙا پرايو سنڌ مان اچي گذريا. انهن سوداگرن ميان صاحب کان واٽ يا پتڻ تي پنهنجي حفاظت واسطي چوڪيدار ۽ نگهباني لاءِ چيو ۽ مدد طلب ڪئي.

ميان صاحب انهن جي سار سنڀال حفاظت ۽ نگهباني لاءِ ماڻهو موڪليا. سيوهڻ جي ويجهو جبل جي لنگهه يا لڪ وٽ، سرائين جا سو به سو ماڻهو ڦورن ڌاڙيلن جي روپ ۾، رات جو پتڻ جي چوڪيدارن کي تلوارن سان ماري ڪُٺي زخمي ڪري، ٻيڙيءَ ۾ ويٺل سوداگرن کان ساز سامان، مال متاع ڦري لُٽي هليا ويا.

---

[1] نوبڻ مل کان هي واقعو لکندي سهو ٿي آهي. حڪيم صاحب، ميان يار محمد جي دور ۾ 1127هه ۾ ڪنهن واقعي ۾ شهيد ٿيو هو (مقالات الشعراء، ص 761) (مترجم).

## نادر شاهہ جو سنڌ تي حملو، مياں نور محمد ڪلهوڙي جي دورانديشي ۽ عمرڪوٽ ۾ هڪ ڪروڙ ڏنڊ ڀرڻ ۽ ٻہ پٽ يرغمال ڏيڻ:

ان دوران نادر شاهہ بادشاهہ جي فتح ۽ ڪاميابي، ڦرلٽ ۽ حملن جو هرطرف طبل وڄڻ لڳو ۽ پڙاڏو گونجڻ لڳو ۽ شاهجهان آباد فتح ٿيو.

مياں نور محمد دور انديشي ڪري نادر شاهہ جي دربار ۾ درخواست موڪلي ۽ دوستيءَ جو دم ڀرڻ لڳو. پر ٻي طرف سر ۽ ساهہ جي خوف کان اهل عيال ٻارن ٻچن ساز سامان سميت هلي، ٿوري وقت ۾ عمرڪوٽ ۾ آيو ۽ ڏني ڏيپ کان نادر شاهہ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو تہ اوچتو شهباز بلند پرواز وانگر نادري لشڪر جا پري کان بلند بالا جهولنڊڙ جهنڊا نظر آيا. اهو سڄو احوال تاريخ ۾ لکيل آهي.

حاصل مطلب تہ نادر شاهہ بادشاهہ مياں نور محمد کان خراج يا ڏنڊ طور هڪ ڪروڙ سون چانديءَ جا روپيا، هيرا جواهر ورتا ۽ سندس ٻہ پٽ مراداياب خان ۽ غلام شاهہ يرغمال ڪري، ضمانت طور پنهنجي ملڪ وٺي ويو ۽ نادر شاهہ بادشاهہ کي فتح ۽ ڪاميابي نصيب ٿي.

## لطف الله وڪيل جي ڏاهپ، ان جي ڳالهين کان متاثر ٿي نادر شاهہ مياں نور محمد کي ملڪ موٽائي ڏنو:

لطف الله خان مشهور "مير متارو" سيوهاڻي جيڪو تمام قابل ڪار گفتگو جو ماهر، خوش طبع ڏاهو بادشاهہ جي خدمت ۾ سنڌ طرفان وڪالت جي عهدي تي مقررهو ۽ سنڌ جي ڪلهوڙا حڪومت طرفان مرڪز ۾ بادشاهہ وٽ ڏاهپ سان سهڻا جواب ڏيندو ۽ پهچائيندو رهندو هو.

تنهن تي بادشاهہ ڏنڊ وٺڻ سان گڏوگڏ سندس سمجهہ ۽ ڏاهپ ڀرين ڳالهين کان متاثر ٿي، سنڌ ملڪ اڳ وانگر مياں نور محمد جي حوالي ڪري موٽائي ڏنو ۽ پاڻ واپس وطن موٽڻ لڳو.

سنڌ ۾ نادر شاهه جي لشڪر اچڻ وقت وڏي غارت گري ۽ مار ڌاڙ ڦرلٽ ٿي. ماڻهو ويچارا ڪنگال، مٿي پيرين اگهاڙا ۽ دربدر ٿي ويا.

گهڻي وقت کان پوءِ نادر شاهه خراسان طرف واڳون واريون تہ. گهر گهاٽن کان دربدر ٿيل ماڻهو ويچارا بہ پنهنجن ماڳن تي موٽي آيا ۽ فتني فساد جو غم غبار گهٽ ٿيو. ان دوران مير متارو شاهه، الله تعاليٰ جي دربار ۾ مغفرت سان وڃي مليو يعني وفات ڪري ويو.

ان کان پوءِ ديوان گدومل بادشاهي دربار ۾ وڪيل مقرر ٿيو. جنهن جو اصل کان ئي هن ڪلهوڙا خاندان سان واسطو هو.

مير متاري شاهه جي تاريخ وفات ڪنهن شاعر هن ريت چئي آهي:

چو در مرگش جهاني بود راضي،
قضا آمد بگفتا: مير قاضي 1161هہ/1748ع

[جڏهن ان جي وفات تي جهان راضي هو تہ تقدير اچي چيو: مير قاضي].

## نادر شاهه جو مارجڻ ۽ احمد شاهه دراني جي بادشاهي:

نادر شاهه بادشاهه خراسان پهچي حياتيءَ جو سامان ٻڌي وفات ڪري ويو. احمد شاهه دراني، نادر شاهه جي شهادت يا مارجڻ واري رات خزاني مان سون چاندي، پيسا ڏوڪڙ ۽ هيراجواهر ڪٺي ڪابل ۽ قنڌار روانو ٿي ويو ۽ سال يارهن سوسٺ هجري (1160هہ – 1747ع) ۾ بادشاهي تخت تي ويٺو.

## احمد شاهه دراني جو لاڙڪاڻي سنڌ اچڻ ۽ ميان تي خراج مڙهڻ:

احمد شاهه دراني گهڻي لشڪر ۽ جنگي ساز سامان سان لاڙڪاڻي سنڌ ۾ آيو. ميان نور محمد پنهنجو وڪيل بادشاهه جي دربار ۾ موڪليو ۽ مٿس هر سال خراج يا ڏن مقرر ٿيو تہ اهو ميان صاحب ادا ڪندو رهندو.

## احمد شاهہ جو هندستان تي حملو ۽ ظلم ستم ڪرڻ:

احمد شاهہ بادشاهہ هندستان فتح ڪرڻ جي ارادي سان اوڏانهن واڳون موڙيون ۽ دکني فوج ان سان جنگي مهاڏو اٽڪايو ۽ مقابلو ڪيو. قضا الاهيءَ سان دکني فوج هارايو ۽ انهن جون بازارون وغيرہ ڦرياڻون لٽياڻون.

"مترا" نالي هندستان جي مشهور شهرن مان تمام گهڻو آباد شهر هو. احمد شاهہ جي لشڪر ان شهر کي بہ ڦري لٽي تباهہ برباد ڪيو. ظلم زبردستيءَ ڪري انهن جا گهڻا مرد، زالون ۽ ٻار ٻچا افغانن جو لشڪر قيد ڪري، ڪابل قنڌار ۽ خراسان وٺي ويا ۽ وڏو ظلم ٿيو!

ميان نور محمد، احمد شاهہ دراني کي واعدي موجب هر سال ڏن يا نذرانو موڪليندو رهندو هو. تنهن هوندي بہ اوچتي بادشاهي حملي ۽ غضب کان خوفزده رهندو پيو آيو. جنهن وقت بہ بادشاهي لشڪر جي چرپر جو پڙلاءُ سندس ڪن پوندو هو تہ ريگستان ڏ ر هليو ويندو هو.

## شيخ عزيز الله ۽ شيخ شڪرالله سيوهاڻي جو مسلمان ٿي، سرڪاري خدمت بجا آڻڻ:

اورنگ زيب عالمگير بادشاهہ جي دور ۾ سيوهڻ جا رهاڪو شيخ عزيز الله ۽ شيخ شڪر الله لالچ ۽ سرڪاري منصب ۽ عهدن جي طمع ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿيا هئا. اهي ان وقت ٺٽي ۾ رهاڪو هئا ۽ ميان نور محمد خان جي سرڪار ۾ اميرن مان هئا. بلوچن جي لشڪر ۽ بهادرن جا سرڪار طرفان صلاحڪار مقرر هئا. انهن ٻنهي شيخن کي "برخوردار" جو لقب مليل هو. (اهو لقب ڪلهوڙن طرفان پنهنجي اولاد لاءِ پيار ۽ لاڏ ڪوڏ واسطي مقرر ٿيل هو. برخوردار جي معنيٰ آهي حصو وٺندڙ ياڳي يائيوار). اهي ٻئي شيخ بہ دل و جان سان خدمت ۾ رڌل هوندا هئا. انهن ٻنهي شيخن صادق علي خان کان صوبي سنڌ ۽ ٺٽي جي مقرر قيمت ادا ڪرڻ لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون.

چار بجار انهن ذڪر ڪيل شيخن جي ملازمن مان هو. ان چار بجار لڙائي جي وقت راڻا اجمال(؟) جاگيردار ڏاريجه ۽ والڪري(؟) ۽ لاهري بندر ۾ تمام سهڻي نموني خدمتون بجا آنديون. جوڪين جو لشڪر چوڏاري گڏ ٿيو ۽ راڻو اجمال مارجي ويو.

اهڙي ريت چار — جنهن جو نالو راجه چليتي هو — ڪاري پاڻي سمنڊ يا درياءَ جي ڪنڌيءَ تي سامان جي پريل ٻيڙين سان رهي، ڇهن پنجن هزارن جي لشڪر سان حڪومت تي هلائي. انهن جي وچ ۾ سوال جواب ٿيا.

## ٺٽي جي ڪاردار گل محمد خراساني طرفان ڳرو ٽيڪس مڙهڻ:

مٿي ذڪر ڪيل شيخ، ميان صاحب وٽ عام مختار هئا ۽ ٺٽي شهر جي ڪاردار شيخ شڪر الله جي وفات کان پوءِ ٺٽي شهر جي نگراني ۽ ڪارداري گل محمد خراساني جي حوالي ٿي، جيڪو به سرڪار جي خدمتگارن مان هو.

ٺٽي شهر ۽ آسپاس جا سوٽي ۽ ريشمي ڪپڙي جا ڪاريگر يا واپاري هر سال ”وريي درس“ جي ميلي تي ويندا هئا. مهانگيون شاندار ريشمي پوشاڪون ۽ پٽ پٽيهر پهري ۽ ٻيو پاڻ سان ڪاڏي پيتي جو ساز سامان کڻي اتي وڃي محفلون ملهائيندا هئا ۽ دولت جي نشي ۾ مخمور هئا.

ڪاردار گل محمد خراساني انهن ماڻهن جي اهڙي اعلي هار سينگار ۽ شان شوڪت کي پنهنجن اکين سان پي ڏٺو. سو ان ڪري ٺٽي جي انهن سيني ڪاريگرن واپارين مهاجن سونارن تي ڳرو ٽيڪس مڙهيو ۽ هر سال ٽيڪس اڳاڙڻ شروع ڪيو. ان ڳري ٽيڪس مڙهجڻ ڪري ٺٽي شهر جي رونق گهٽجڻ لڳي. ماڻهو ڳري ٽيڪس ڀرڻ کان عاجز ۽ پريشان ٿي پيا. وٽن پيسو پنجڙ ڪونه ٿي بچيو. صفا ٺلها ٺڪر سُڃا سکڻا ۽ مسڪيني حال ۾ ٿي پيا.

## ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ٿر ۾ وفات، منشور الوصيت ۽ مدفن:

ميان نورمحمد آخر عمر ۾ ٿر ريگستان روانو ٿيو. قضا الاهيءَ سان خناق جي بيماريءَ ۾ ساهہ ساهہ پيدا ڪندڙ جي حوالي ڪيو يعني وفات ڪري ويو.

ميان نور محمد جي زماني ۾ سندس وڏو پٽ محمد مراد ياب خان ڪجهہ ماڻهن سان گڏ نادر شاهہ بادشاهہ وٽ يرغمال هئا. نادر شاهہ جي وفات (1160هہ/1747ع کان پوءِ ميان نور محمد جي وقت ۾ محمد مراداياب سنڌ واپس آيو هو. سندس والد ميان نور محمد جي وفات کان پوءِ عباسي خاندان جي پڳ سندس (محمد مراداياب) جي مٿي تي رکيائون.

ميان نور محمد عباسي جي حڪومت جو زمانو پورن پنجٽيهہ سالن کان ڪجهہ وڌيڪ عرصو آهي. ميان نور محمد جو"وصيت نامو"، ("منشور الوصيت و دستور الحڪومت" نالي سان فارسي ۾ لکيل) مشهور آهي.[1] جيئن تہ ٺٽي شهر جي عامل پيشہ ڪارڪنن ۽ اهلڪارن ميان نور محمد جي مقرر ڪيل صوبہ دارن وٽ ميان صاحب جي دل سان خدمت گذاريءَ ۾ ڪوشش نہ ٿي ڪئي. ويتر وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ٿي ڪيون. ان اڻ پوري خدمت يا بي وفائي ڪري، خود ميان نور محمد بہ ان ٺٽي طرف ملازم گهٽ ٿي موڪليا ۽ ٺٽي جي باشندن ڏانهن گهٽ توجه ٿي ڪيو.

---

[1] ڪتاب "منشور الوصيت" (فارسي) جو سنڌي ۾ ڪيل راقم جو ترجمو موجود آهي. ان جو پهريون ڇاپو ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي ڪراچي طرفان 1996ع ۾. ۽ ٻيو ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري طرفان 2005ع ۾ ڇپيو آهي. (مترجم)

هڪ ڏينهن ٺٽي شهر جي مشهور ساداتن مان مير "محسن" ٺٽوي، ميان نور محمد جي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيو. ميان نور محمد (بہ سُخن شناس هو) ان ڪري هي مصرعہ زبان سان پڙهيو:

"درثمشۂ(؟) کسي نيست کہ گردن زني نيست"(؟)

[.... ڪوبہ شخص اهڙو نہ آهي، جيڪو قتل جي لائق نہ هجي.]

ٻيو مصرعہ مير محسن ٺٽوي هن ريت چيو:

"اول منم از جمله گردن زدني ها!"

[پهريان آئون پاڻ ئي قتل جي لائق آهيان.]

ميان صاحب ٻيو مصرعہ ٻڌي زبان سان "استغفرالله" چيو يعني اهڙي ڳالهہ چوڻ کان آئون الله تعاليٰ کان بخشش معافي ٿو گهران ۽ چيو تہ، خدا ڄاڻي تہ سادات سڳوري سان اهڙي نسبت ڪرڻ جي منهنجي نيت نہ هئي.

ميان نور محمد سال 1166 هجري ۾ هن دنيا مان موڪلائي وفات ڪري ويو.[1]

---

[1] ميان نورمحمد ڪلهوڙو سال 1167هہ ـ 1753ع ۾ وفات ڪري ويو کيس شاهہ پور جهانيان کان اوير ڏانهن ويندڙ رستي لڳ "محمد آباد" تعلقي دولت پور صفن، ضلعي نواب شاهہ ۾ دفن ڪيو ويو. مٿس شاندار مقبرو آهي. ميان صاحب جي قبرستان ۾ ٻين اميرن ڪبيرن ۽ عزيزن قريبن مٿان بہ قبا اڏيل آهن. ان ڪري ميان صاحب جي قبرستان کي ترجا ماٿهو "ميان جا قبا" چون ٿا. اهي مقبرا النور شگرمل کان اوير ڏانهن ويندڙ رستي "محمد آباد" دولتپور صفن لڳ آهن. (مترجم)

# ميان محمد مرادياب خان

## محمد مراد ياب جو حڪومت جي تخت تي ويهڻ ۽ بدانتظامي، ٺارو ڪاسائي ۽ ديوان ڀانو مل جي منتظمي:

پنهنجي پيءُ ميان نور محمد خان عباسيءَ جي وفات کان پوءِ محمد مراد ياب خان پيءُ جي جاءِ تي حڪومت جي تخت تي ويٺو. جواني ديواني جي نشي، حڪومت لشڪر (مريدن) جي گهٽائي ڏسي، ملڪ جي انتظام ۽ مالي مشڪلاتن ڏي ڪو توجهه نه ڪيو. ٺارو ڪاسائي ۽ ديوان ڀانو مل چانڊڪي جا رهاڪو سرڪار جا مدارالهمام يا حڪومت جا منتظم وزيراعظم هئا.

محمد مراد ياب خان نصرپور جي ويجهو درياءَ جي ڪنڌيءَ تي نئون شهر "مراد آباد" نالي آباد ڪرايو. شايد نصرپور کي دريائي وهڪري ڪاٽ ڪري ڀاتو ٿي.

## آمدني جي گهٽتائي ۽ عملدارن جي چال چلت:

روياهه پرڳڻو تمام خوشحال ۽ آباد هو. تقريباً هن پر ڳڻي مان آمدني ست لک روپيا گڏ ٿيندي هئي. اتي خدا آباد جي قديم خاندان جا ڪارڪن عملدار رهندا هئا ۽ اتي ڪجهه سيوهڻ جا ملازم پڻ هئا. مگر محمد مراد ياب خان جي حڪومت جي ڪم ڪار ۾ خداآباد جي اعليٰ عملدارن طرفان سرڪاري خزانو لٽڻ ۽ گهٽ وڌائي حد کان وڌي وئي ۽ هر عملدار ڏهه ڏهه هزار چوري تي لڪايا. ايتري قدر جو ستن لکن واري آمدني گهٽجي ، رڳو وجي ٽيهه هزار روپين تائين پهتي. اها رقم به خدا آبادين ۽ سيوهاڻين ورهائي تي ڪنئي.

خدا آبادي عملدارن جو شان شوڪت ۽ مان مرتبو حد کان زياده ٽپي ويو. سندن گهر جي زالن پٽ پٿهر جا مهانگا ويس وڳا ۽ هار سينگار جي ساز سامان جو تمام گهڻو رواج وجهي ڇڏيو. سون ۽ چانديءَ جا ڳهه ڳنا ان اپرانڌ پي ٺهرايائون. دنيا جي نمائش ڪري خوار خراب به ٿيا، پر هر طرف بازار ۽ شهر ۾ رڳو سون جو تجلو ۽ نظارو ڏسڻ پسڻ ۾ پي آيو.

ہي پاسي محمد مراداياب خان بہ نشي پتي، شراب ڪباب ۾ مخمور گذارڻ لڳو. سرڪار جا امير بہ ڪچهريءَ ۾ چرچا گهبا ۽ بدڪلامي بڪڻ لڳا ۽ سرعام گندگارين جا ڏوڙيا لايو ويٺا هئا.

سڀ سرائي فقير ۽ انهن جا وڏا اڳواڻ تہ انهن ڪمن، ڳالهين ۽ ڪارگذارين کان بنھ عاجز ۽ پريشان ٿي پيا (تہ سرائي فقيرن جي دور حڪومت ۾ اهي ڳالهيون تہ نہ ٿيون سونهن!) ۽ انهن جو حل سوچڻ ۽ ڳولڻ لڳا.

آخر هي زيادتين جو شيشو پڇٽو هو سو ٿيو ايئن جو آخرڪار محمد مراد ياب خان حڪومت کي مقاطعيٰ طور يا ٺيڪي جي حيثيت سان ڏئي، هر ديهہ، هر شهر ۽ هر پرڳڻي ڏي لکت موڪلي ۽ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪري، دلجاءِ ڪري (مسقط وڃي) ويٺو. حڪم ڪيائين تہ ڪارخانن، ٻيڙين ۽ جهازن جي سامان جو ٽيڪس خزانو مال اسباب کيس مسقط بندر پهچائين. پاڻ اتي ويهي انتظار ڪرڻ لڳو.

## محمد مراداياب جي بدانتظامي ڪري سرائين جو ٻن گروهن ۾ ورهائجڻ:

انهي ڪري سرائين فقيرن جي جماعت ۾ بي اتفاقي عالم شڪار ٿي پئي يعني سرائي فقير ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪ محمد مراداياب خان ۽ سندس اميرن جي ظالمانہ ڪارنامن جا همدرد ۽ ٻيا حڪومت جي ڪڏن ڪرتوتن جا مخالف. گهڻ سمجهہ ٿوري سوچ ۽ ڏگهي نظر نہ رکڻ وارن جي ڪنن ۾ چڻ تہ ڪپهہ پئجي وئي هئي ۽ هر روز ڪوڙيون سچيون ۽ تکيون مٺيون ڳالهيون محمد مراد ياب خان تائين پهچائڻ لڳا. نيٺ ٻنهي طرفن کان مخالفت جي باھہ پڙڪو ڪاڏو ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي.

ان ڳنڀير صورتحال ۾ ميان محمد مراد ياب چڱائي ۽ مصلحت اها ڏٺي، تہ پنهنجي رهڻ واري جاءِ جي چوڌاري اوڏيجا. دل ۾ ٻين ذاتين جا لشڪري ماڻهو پهريدار مقرر ڪيا ۽ پنهنجي همدرد لشڪر جي زور تي سرائين جي اڳواڻن کي ٻڌي ڪٺي قابو ۽ قيد ڪيو.

## ميان مرادياب جي ڪوٽ تي سرائين جو حملو قبضو ۽ ڪيس قيد ڪرڻ:

جڏهن سرائين ڏٺو تہ پاڻي سر ڪارن چڙهي ويو آهي ۽ ان جو علاج پاڻ ٻُڏڻ کان اڳ ۾ ڪرڻ کپي. ان ڪري سيني ٻين سرائين اڳواڻن ٻَڌي ڪري. نمڪ ۽ مريديءَ جو طريقو دل مان ڪڍي، سڄ اپرڻ مهل ميان جي ڪوٽ يا قلعي جو دروازو وڃي کولياٺون يا پڳائون. اجان صبح واري نوبت مس وڳي، تہ سرائي اوچتو قلعي ۾ ڪاهجي پيا ۽ محمد مرادياب کي وڃي قيد ڪيائون.

## ميان غلام شاهہ کان قرآن مجيد تي سرائين طرفان بادشاهي جو واعدو وٺڻ:

سندس ڀاءُ ميان غلام شاهہ خان کي قرآن مجيد تي حق انصاف سان حڪومت ڪرڻ جو واعدو ورتائون. جيئن تہ غلام شاهہ سُڃائي ۽ تنگدستيءَ کان مرڻ تي اچي پهتو هو. هن حڪومت ملڻ جي خوشخبريءَ ٻڌڻ کي غيبي فتح ۽ آسماني ڪاميابي سمجهيائين:

آري چون نوازد خدا يتيمي را،
گنج بي رنج رايگان بخشد.

[جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن يتيم (مسڪين محتاج) کي نوازيندو آهي، تہ ان کي تڪليف ڪرڻ کان سواءِ واٽ ويندي خزانو ڏيندو آهي.]

محمد مراد ياب خان جي حڪومت تقريباً چار سال کن هئي. سال 1170هہ/1757ع تائين ڪجهہ مريدن پنهنجي پير کي پوڄيو ٿي. يعني 1170هہ تائين مريد پنهنجي پير محمد مراداياب جا انگل آرا سهندا ۽ ميڄيندا رهيا.

## مُراد آباد ۽ احمد آباد شهر اڏجڻ ۽ ڊهڻ:

ڳالهہ ڪٿائٽي تہ پيڙي ۽ مريدي، جو فرق وڃان ختم ٿيو ۽ جهان ۾ طعنا مهڻا مشهور ٿيا. قضا پنهنجو ڪم ڪيو. نئون آباد ڪيل شهر "مراد آباد" درياءَ پائي ويو.

مراد آباد کان پوءِ محمد مراد ياب ۽ سندس ڀ پٽ حسن علي ۽ عباس علي هڪ ڏينهن پراڻي ٻونڊي ٻيڙي، ۾ چڙهي، شهدادپور جي ويجهو نئين شهر اڏڻ جي تجويز ۽ صلاح ڪيائون. ان جو نالو "احمد آباد" رکيائون، جيڪو شهر ٽي چار مهينا قائم ۽ آباد هو.

## ميان عطر خان طرفان بادشاهي جي حقداري:

ان دوران ميان عطر خان پنهنجي طرفان سيني اڳواڻن کي لاڳيتو پيغام ۽ خط موڪليندو رهيو. لکيائين تہ : "مراد ياب خان کان پوءِ حڪومت ڪرڻ جو منهنجو وارو آهي. ڪهڙو انصاف آهي جو منهنجي هوندي غلام شاهہ تخت نشين ٿئي؟"

ميان غلام شاهہ جي نون پراڻن اميرن جواب ڏنو تہ ، "هي تقدير جو ڪم آهي. اهو جيڪو ٿيڻو هوسو ٿيو."

جڏهن عطر خان، غلام شاهہ جي اميرن کان نااميد ٿيو تہ لاچار بهادر خان داؤد پوٽي – جيڪو داؤد پوٽن جو سردار هو– کي لشڪر جي مدد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. بهادر خان ٻہ سندس عرض اگهايو. سندس مدد لاءِ لشڪر گڏ ڪيو. جڏهن هي خبر ميان غلام شاهہ کي پهتي، تہ مير بهرام سان صلاح مصلحت ڪئي، تہ ڇا ڪجي؟

## ميان عطر خان طرفان داؤد پوٽن ۽ ميان غلام شاهہ طرفان مير بهرام ۽ مرين وچ ۾ لڙائي ۽ ميان غلام شاهہ جي ڪاميابي:

مير بهرام احمد آباد کان جنگ ڪرڻ جو اشارو ڏنو ۽ شهر کي ساڙائي بهاول پور روانا ٿيا ۽ ٻنهي طرفن کان جنگ جون تياريون ٿيون.

شاهہ بهاري جو پٽ مقصود شاهہ ۽ ڪجهہ سرائي ميان عطر خان سان گڏ رفيق هئا. ميان غلام شاهہ سان مير بهرام مددگار ۽ واهرو هو. نيٺ ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ لڙائي لڳي. هن جنگ ۾ مير بهرام، مري ذات جي

بلوچن ۽ ٻين برادرين سان گڏجي تمام وڏي جدوجهد ۽ ڪوشش ڪئي. داؤد پوٽن جو لشڪر مير بهرام جي ماڻهن تي زور پوڻ لڳو پر مري بلوچ بروقت مير بهرام جي مدد لاءِ پهچي ويا ۽ داؤد پوٽن جو حملو ۽ زور ٽوڙي وڌائون. فتح ۽ ڪاميابي ميان غلام شاهه جي لشڪر کي ملي. ان جنگ هلندي بهادر خان داؤدپوٽو لڙائي ۾ بندوق سان مارجي ويو. اهڙي طرح فتح ۽ ڪاميابي کان پوءِ سنڌ موٽيا ۽ غلام شاهه طاقت ور ٿي ويو.

## ميان عطر خان جي افغانن کي مدد لاءِ دانهن ڏيڻ ۽ سنڌ اڏواڏ ڪري ورهائڻ:

جڏهن عطر خان شڪست کان نااميد ٿيو ته ڪابل ۾ ســـ.ر .رڪزي بادشاهه وٽ وڃي دانهيو ۽ مدد لاءِ عرض ڪيو. اتان حاجي عطائي افغان بادشاهي لشڪر سان مدد ڪرڻ لاءِ سنبريو.

جڏهن غلام شاهه فتح ۽ ڪاميابي کانپوءِ اطمينان ۽ آرام سان ويٺو ته ڪابل قنڌار جي بادشاهي لشڪر جي اچڻ جو ٻڌي، مير بهرام سان صلاح مشورو ڪيو. صلاح هي بيٺي ته، جهيڙي جهڳڙي ۽ دنگي فساد کي ٽارڻ لاءِ ، سنڌ ملڪ کي اڌواڌ ڪري ورهائجي. پوءِ اڳتي هلي جيڪو تلوار جي زور تي ڪامياب ٿئي، ته اهو ملڪ جو مهندار ٿئي يعني جو کٽي سو کائي. ان ڪري اوڍيجا شهر جي ويجهو لهري ڍنڍ(؟) کان ملڪ کي ورهائي اڌواڌ ڪيائون .

## ميان غلام شاهه، شاهه ڳڙهه قلعو جوڙايو ۽ ڪڪرالي جي ڄام کي شڪست ڏني:

غلام شاهه پنهنجي لشڪر سان گوجه(؟)_ جيڪو سمنڊ جي ساحل تي ڪڪرالي جي ڄام جي ملڪيت ۾ هو – ڏانهن روانو ٿيو. ڪڪرالي جي ڄام لحاظ ۽ مروت جا شرط بجا آڻي ڪيس اتي اچڻ ڏنو. غلام شاهه گوجه(؟)ماڳ کي ڪوٽ ڏياري قلعو جوڙائي، متس "شاهه ڳڙهه" نالو رکيو. جڏهن ميان غلام شاهه اتي شاهه ڳڙهه ۾ اطمينان سان ٺهي ٽڪي ويٺو ته ڪڪرالي جي ڄام سان سندس مقابلو ٿيو. ڄام

مقابلي جو تاب نہ جهلي سگهيو ۽ شڪست کاڌي. ملڪ (علائقو) ميان غلام شاھہ جي قبضي ۾ آيو.

## وڪيل ديوان گدومل جو افغان دربار مان غلام شاھہ جي نالي فرمان جاري ڪرائڻ:

ديوان گدومل وڪيل جنهن عطر خان جي وڪالت ڏني ڪئي. ان جا ٻار ٻچا اهل و عيال بہ شاھہ ڳڙھہ ۾ قيد ڪيا ويا. ميان غلام شاھ جي طاقت روز بروز وڌندي وئي.

ديوان گدومل دور انديشيءَ سان سمجهيو تہ شايد افغان سردار جي ساٿ سان عطر خان پنهنجي نالي فرمان جاري ڪرائي سنڌ ۾ ايندو سو غلام شاھہ ايئن ڪيس سنڌ ۾ اچڻ نہ ڏيندو. لاچار بادشاهي دربار مان بادشاهي فرمان غلام شاھہ جي نالي حاصل ڪري. انهي طريقي سان پنهنجو ڇوٽڪارو ۽ پلو سوچيو بادشاهي فرمان جو نقل ميان غلام شاھہ ڏي روانو ڪيو ۽ معافي جو طلبگار ٿيو. ميان غلام شاھہ فرمان وٺي ڏيڻ جي عيوض سندس قصور معاف ڪيو. ديوان گدومل وڪيل ٻن سالن جي لڳاتار ڪوشش سان ميان غلام شاھہ جي نالي فرمان جاري ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

نيٺ سال 1172ھہ/1759ع ۾ بادشاهي خلعت ۽ سنڌ جي حڪومت جو بادشاهي فرمان ميان غلام شاھہ جي نالي مقرر ٿيو. غلام شاھہ گهڻي پاڳ، دولت، ماڻهن ۽ آزاديءَ سان سنڌ ۾ آيو ۽ هالہ ڪنڊي جي ويجهو نئين شهر اڏائڻ جي تجويز ڏني. سال 1173ھہ/1760ع ۾ ڪاٽوٽ نالي شهر اڏايو. فتني فساد جو غبار گهٽ ٿيو. دل جي اطمينان سان مالي مُلڪي مُهمن ۽ بندوبست ۾ مشغول ٿي ويو. ديوان گدومل درخواست ۽ سوکڙين سان گڏ بادشاهي دربار ۾ روانو ٿيو ۽ بادشاھہ جي وزير شاھہ ولي خان کي پنهنجو مربي ۽ همدرد ڪري ورتو.

# ميان غلام شاهہ خان

## ميان غلام شاهہ خان جي حڪومت جو احوال

### ميان غلام شاهہ جي شاندار شخصيت:

ميان غلام شاهہ عباسي ڪلهوڙو دنيا جهان جا ڏک سک آزمايل ۽ ڏٺل مرد، تجربيڪار، سخي، مسافر نواز جنگ جو آزموده گار، بهادر پهلوان ۽ مضبوط دل وارو شخص هو. سنڌس بخت بہ بيدار هو. خدا جي ڏنل دولت حڪومت سان نوازيل هو. ڪاڻ خوراڪ اناج، چوپاين لاءِ گاهہ پنو ۽ سينگاريل گهوڙا هميشه پاڻ وٽ رکندو هو. جيڪو بہ باهمت ماڻهو ۽ سپاهي ڳالهائڻ وقت دلير ڏسندو هو ان کي پنهنجي خاص نظر ۽ هٿ هيٺ رکندو ۽ کين پائيندو هو. جيڪي واپاري ۽ مسافر ٻين ملڪن کان ايندا هئا، انهن جي تمام گهڻي عزت ۽ سار سنڀال ڪندو هو. اهي واپاري ماڻهو هيرا جواهر، واپار جا گهوڙا ۽ ناياب قيمتي سامان وغيره پري کان کڻي ايندا هئا، تہ انهن کان اهي شيون ڳري مُلهہ ۾ خريد ڪري وٺندو هو ۽ ٻيون بہ انهن سان گهڻيون رعايتون ڪندو هو. ملڪ جا ماڻهو توڙي مسافر سنڌس دور ۾ خوش آباد ۽ خوشحال هئا. اوري پري جا محنتي ڪاريگر ۽ هنرمند سرڪار وٽ حاضر ٿيندا هئا، تہ سيني کي پنهنجي ملازمن جي لڙهيءَ ۾ شامل ڪندو هو. سورت بندر ٻين ولايتن ۽ بندرن تان جيڪي سوداگر ايندا هئا. اهي بہ سنڌس ئي دور ۾ فيضياب ۽ بهرمند ٿي ٿيا.

جيتوڻيڪ ڪيس گهڻي عيش عشرت، خوشي شادماني بہ ٿيندي هئي، پر غفلت ۾ نہ گذاريندو هو. شب بيدار هو پنهنجين گهروارين سان عيش خوشي ملهائي، وهنجي سهنجي تازو توانو ٿي؛ رات جي پوئين پهر دستار ٻڌي؛ ٻاهر خاص ڪچهري ۾ اچي ويهندو هو.

ڍهوڙن، بورچي خاني ۽ گهرو خرچ تي ڪن نہ ڏيندو هو البت حڪومتي ڪاروبار يا ماليات جو خرچ هر سال پنهنجي روبرو چيڪ

ڪندو هو. ديوان چيلارام سيوهاڻي خزاني جو وزير هو. افغان عملدار ۽ ٻيا سيئي سپاهي سرڪار جي خاص دستي ۾ ملازم هئا. هن خاص دستي ۾ ٻارهن هزار سوار ۽ پيادا شامل هئا.

## ديوان گدومل ۽ ميربهرام:

ديوان گدومل مرڪزي بادشاهي دربار ۾ وڪيل هو. هر سال دربار شاهي ۾ بناعُذر ۽ بهاني جي خراج ادا ڪندو هو ۽ بادشاهه جي اميرن وزيرن کي به خوش ۽ راضي رکندو هو. مير بهرام کي تمام گهڻي عزت ۽ احترام سان ڏنو ويندو هو. جڏهن ڪچهريءَ ۾ ايندو هو ته ان سان ميان غلام شاهه خاص ڪچهري ڪندو هو.

(ميان غلام شاهه) شاهجهان آباد، لاهور، ڪابل قنڌار ديرن ۽ سمنڊ جي بندرن جون خبرون ۽ حال احوال قاصدن ذريعي معلوم ڪندو ۽ باخبر رهندو هو. ان ڪري انهن قاصدن کي به چڱو خرچ پکو ڏنو ويندو هو.

## منشي ٻالڪ رام:

ٻالڪ رام سرڪاري منشي هو جيڪو بادشاهي دربار يا ٻين پاسن ڏي لکپڙهه ڪندو هو.

## مجلسي آداب ۽ راڄ خوشحال:

ميان غلام شاهه جي دربار ۾ به دربان ۽ خدمتگار سمجهدار مجلسي آدابن جا ڄاڻو ۽ لائق ماڻهو مقرر هئا. بادشاهي ڪچهريءَ ۾ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي اُٿي سلام ۽ ڀليڪار ڪندا هئا.

خليفو راڄو ليکي، شاهه الله بخش، اختيار ڪهاوڙ ۽ ٻيا سرائي حڪومت جي قاعدي قانون ۽ صلاح مصلحت ۾ ڀاڱي ڀائيوار هئا ۽ ڪنهن کي به حد کان ٻاهر پير ڊگهو ڪرڻ نه ڏنو ويندو هو يعني هر ماڻهو ۽ عملدار يا راڄ جو ماڻهو حد اندر رهندو هو. مطلب ته هر هڪ ماڻهو کي حيثيت آهر مرتبو ۽ مان ملندو هو ۽ ميان غلام شاهه جي حڪومت ۾ سڀ ماڻهو خوش ۽ راضي هئا.

## راڄو ليکي جي مشوري سان مراد ياب جي ڀن پٽن حسن علي ۽ عباس علي کي درياءَ ۾ ٻوڙائڻ:

سال 1174هـ/1761ع ۾ راڄو ليکي جي صلاح سان ميان مراد ياب جي ٻن پٽن حسن علي ۽ عباس علي کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري درياءَ ۾ ٻوڙايو ويو. انهن ٻنهي ڀائرن جي شهادت کان پوءِ ظاهر ۾ گهڻو ارمان ۽ ڏک ڏيکاريائين، پر ان جو ڪوبہ فائدو نہ هو. ان کان پوءِ ميان غلام شاهہ پنهنجي ڏاهپ ۽ ڏکهي نظر سان ٻين حڪومتي معاملن ۾ مُهمن ڏي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ڪنهن شاعر شخص درياءَ ۾ ٻوڙيل ٻنهي صاحبزادن جي تاريخ وفات ڏک سان چئي آهي. ان جو مفهوم هي آهي

"هيءَ دنيا عميق سمنڊ جيان آهي، ان جون ويرون هميشه موجن ۽ جوش ۾ آهن. ناميارا ماڻهو بہ ان ۾ مُنهن لڪايو ٿا ڇڏين. بہ پيارا موتي، انهن مان هر هڪ "دُر يتيم" هو انهن جي حسن ۽ جمال ۽ جُدائي کان دليون داد فرياد ڪندڙ آهن. جڏهن برسات جون بوندون درياءَ ۾ ڪرنديون آهن، تہ سپ وانگر چپ بند خاموش آهن... ارادي جي سمنڊ ۾ عقل جي ٻيڙي ٻڏل آهي. ان ڪري هتي هوشمند ڏاها حيران آهن. ٻئي صاحبزادا عباس جي باغ جا خوشبودار ۽ سهڻا گل هئا. انهن جي ايئن اوچتي وفات ٿي وئي، جيئن وهندڙ پاڻي انهن کي لوڙهي کڻي ويو. قدرت الاهي کان عقل کي الهام ٿيو تہ: "يکجاء هر دوقصه" تاريخ سال وفات انهن جو آهي."[1]

## مبارڪ داؤد پوٽي جي ميان غلام شاهہ سان وفاداري:

سال 1174هـ/62 – 1761ع ۾ ميان غلام شاهہ، داؤد پوٽن جي ملڪ ڏي ارادو ڪيو. داؤد پوٽن جي اڳواڻ مبارڪ خان داؤد پوٽي، ميان

---

[1] غلام رسول مهر هن واقعي جي باري ۾ ڀڌتر جو شڪار لسجي ٿو: ان کان سواءِ قطعہ تاريخ کي بہ درست نہ ٿو سمجهي (تاريخ ڪلهوڙا، جلد دوم، اردو ص 672_673) مترجم.

غلام شاهہ جي خدمت ۾ اچي وفاداريءَ سان رهڻ يا نوڪري جو شرف حاصل ڪيو ۽ پين سرڪردن ماڻهن بہ فرمانبرداري قبول ڪئي. ميان صاحب اتان اطمينان ۽ ڪاميابي سان سنڌ موٽيو.

## حڪيم عبدالهادي کي انعام ۽ ماهيانو ڏيڻ:

ميان غلام شاهہ، مير عبدالهادي حڪيم کي ٻين انعامن کان سواءِ هڪ هزار روپيا مهينو وظيفو مقرر ڪيو. حڪيم نبض سڃاڻڻ ۾ وڏو ماهر هو. جڙي ٻوٽين مان معجونون، ڪُشتا ۽ دل وٽندڙ شربت ٺاهڻ جو ڪم سندس حوالي هو.

## هر موسم ۾ اميرن خادمن کي ويس وڳا ڏيڻ:

ميان غلام شاهہ سياري، اونهاري ۽ موسم بهار جي شروعات ۾ اميرن خدمتگارن ۽ خاص ملازمن کي ڪپڙا لٽا ۽ ويس وڳا بہ ڏيندو هو.

## جبل جاره ڪڇ جي فتح:

ميان صاحب سال 1176هہ/64 – 1763ع ۾ ڪڇ ولايت ڏي وڃڻ جو دلي ارادو ڪيو. جوکيا، جت، بلوچ ۽ ميربهرام سان گڏ خاص بلوچن جا ماڻهو بہ هن ڪاهہ ۾ گڏ هئا.

جبل جاره (؟) جنهن جي بلندي آسمان سان ڳالهيون ٿي ڪيون، ان جبل کي مضبوط قلعي وانگر سمجهي، اتي جاڙيجا ٻارن ٻچن سان رهاڪو هئا.

بلوچن جو لشڪر بہ رڍن ٻڪرين وانگر بندوقون هٿن ۾ ۽ تلوارون چيلهہ سان ٻڌي جبل وٽ اچي پهتا. هن لڙائي ۾ مير بهرام سان آندل خاص بلوچ مجاهدن وڏي جوانمردي ڏيکاري. جيئن تہ جبل جي چوڌاري اوٽ يا بچاءَ وسيلي ڪو ڪوٽ قلعو ٺهيل ڪونہ هو. ان ڪري بلوچن جي گهڻي لشڪر جبل تي مٿان چڙهي، بندوقن سان جاڙيجن جا گهڻا ماڻهو ماريا. ميان غلام شاهہ فتحياب ٿيو. ڪڇ ولايت گهوڙن جي سنبن هيٺان تباهہ ٿي ۽ فصل آبادي گهوڙن جو چارو بڻيو.

## ميان غلام شاهه جي سنڌ راڻيءَ سان شادي:

قلعي پچ نگر ۾ ڪڇ جو راجا راءِ گوهر رهاڪو هو. ڪڇ ۾ اهو قلعو تمام مضبوط مشهور هو ۽ اڄان تائين موجود آهي. ڪڇ جي راءِ، ميان غلام شاهه سان ملاقات ڪري، چنڊول پڪيءَ جهڙي نازڪ ۽ سهڻي پنهنجي ڀيڻ يا ڌيءَ (؟) ان ڏانهن موڪلي. ان جو لقب "سنڌراڻي" هو. ميان صاحب ان سان نڪاح ڪري، ڪيس پنهنجي حرم ۾ داخل ڪيو. جيتوڻيڪ ميان صاحب جي "ممونه" نالي ڳائڻي سان تمام گهڻي دل هئي. سڄي رات ان وٽ هوندو هو پر ميان صاحب رات جو پهريون پهر ڀين گهروارين وٽ بہ گذاريندو هو. ۽ پوئين رات وهنجي سهنجي، تيل ڦليل ڪري ڪچهريءَ ۾ ايندو هو.

## گهوڙن جي سنڀال، سير شڪار ۽ شاهه پور شهر ٻڌرائڻ:

ميان صاحب روزانو گهوڙن جي طنبيلي ۾ اچي ويهندو هو. گهوڙن جي سار سنڀال، داڻو پاڻي ۽ خدمت چاڪريءَ پنهنجي روبرو ڏسندو هو.

ميان صاحب سياري جي منڊ ۾ بازن جو شڪار ۽ درياءَ جو سير شڪار ڪندو هو.

ميان غلام شاهه سال 1178هه/1765ع ۾ بهار جي موسم شروع ٿيندي ئي ديري خاٽوٽ ڪي ڇڏي، هالہ ڪنڊيءَ جي ويجهو "شاهه پور" نالي شهر ٻڌايو.

## ميان غلام شاهه ۽ مير بهرام ۾ فصل گهٽ لهڻ تان شڪر رنجي ۽ اختلاف:

قضا الاهي سان ٻئي سال 1179هه / 1766ع ۾ شهدادپور ۽ لاڪاٽ پرڳڻي ۾ جوار جو فصل خس ۽ خراب ٿي ويو. ميان غلام شاهه دل ۾ ان جو سبب مير بهرام ڪي ڄاڻايو ۽ سمجهيو. (ميان صاحب پاڻيو تہ شايد مير بهرام پوک جو خيال نہ ڪيو. وقت تي صحيح پاڻي نہ ڏياريو ۽ وڏيڪ اپت لاءِ توجه نہ ڏنو.) ان ڪري ميان صاحب ڍل ۾ بلوچن جو رهيل کهيل

فصل ضبط ڪيو ۽ گهٽن بلوچن تہ گهر جو مال اسباب ۽ اُٺ وغيره ڍل ۾ ڏئي پاڻ ڪي آجو ڪيو.

ميربهرام بہ بلوچن سان اهڙي ظلم ۽ زبردستي جي ڏکاري احوال بابت صبر ڪرِي، ڪڏهن بہ ميان صاحب جي دربار ۾ ڏوراپي جو هڪ حرف بہ نہ ڪُڇيو.

ميان صاحب، ميربهرام جي صبر ۽ تحمل ڪي ان باري ۾ ويتر شڪ ۽ گمان ڪري پانيو (تہ ان جوار جي فصل گهٽ لهڻ ۾ واقعي مير بهرام جو قصور هو.)

ان ڪري ميان غلام شاهہ، مير بهرام کي نوڪري تان لاهي ڇڏيو(شايد اڳتي هلي ميان صاحب فصل گهٽ لهڻ بابت قدرتي آفت معلوم ڪري) نيٺ مير بهرام کان راضي ٿيو ۽ اصل عهدي تي بحال ڪيو.

## آسمان تي پڇر تارو ڏسجڻ:

هن سال آسمان تي اتر طرف کان پڇر تارو ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ڪجهہ وقت هر سال ڏسبو هو.

## لاڪاڻ پرڳڻي ۾ گوشت جي ٽڪرن جو مينهن وسڻ:

هنن ئي ڏينهن ۾ لاڪاڻ پرڳڻي جي سرزمين ۾ آسمان مان گوشت جي ٽڪرن جو مينهن وُٺو. ميان صاحب انهن گوشت جي ٽڪرن کي گهرائي، پنهنجين اکين سان ڏٺو. گوشت جي ٽڪرن مٿان مرونءَ جي وارن جهڙا وڏا وار بہ هئا. هي ڳالهيون زماني جي عجائبات مان تمام انوکيون آهن.

## ديوان گدومل طرفان بادشاهي دربار مان ديرن جو فرمان آڻڻ ۽ ميان جو ديرن ڏانهن وڃڻ:

ان دوران ديوان گدومل ، ديري اسماعيل خان (ديري) غازي خان ۽ انهن سان لڳ علائقن جا فرمان، بادشاهہ جي دربار مان وٺي، ميان غلام شاهہ وٽ کڻي آيو. فرمانن سان گڏ بادشاهہ طرفان ميان غلام شاهہ واسطي

هاٿي، خلعت ۽ ٻيا انعام اڪرام بہ آندائين. ان ڪري ميان صاحب ديرن ڏانهن توجه ڪيو ۽ پڪ خاطر منزلون ڪندو تڪڙو اتي پهتو. هر جاءِ تي پنهنجا ڪارڪن، لشڪر ۽ منتظم مقرر ڪيا. ديري غازي خان جو حاڪم غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان کان ڪجهہ ماڻهو ميان صاحب پاڻ سان گڏ سنڌ وٺي آٿي قيد ڪيا، پر انهن مان هر هڪ کي سندس حيثيت آهر روزينو بہ ڏنو ويو.

وڪيل پير گنج بخش ۽ ناصر الدين وڪيل دروازي تي حاضر هئا. ابو سمند خان جو پوٽو يا ڏوهٽو ابراهيم خان جيڪو ملتان جو صوبہ دار ۽ نواب هو. اهو وفاداريءَ سان ميان صاحب جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو. ميان غلام شاهہ بہ ان جي عزت ڪري، عيد جي ڏينهن کيس هاٿي تي سوار ڪيو ۽ سندس تمام گهڻو خيال ۽ احترام ڪيو. سندس عزت ۽ خدمت ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ڪئي.

عزت طور الهداد خان چشتيءَ کي پالڪي ڏني وئي ۽ ان سان گڏ ٻيا انعام اڪرام بہ کيس ڏنائون.

الهداد گجر بہ ميان صاحب جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو. ان کي ڪڪرالي پرڳڻي سان گڏ پرڳڻو روپاهہ وڏيڪ ڏنو ويو.

ميان غلام شاهہ جي دور ۾ هر عام خاص ماڻهو آسودا ۽ خوشحال هئا.

## ميان غلام شاهہ طرفان حيدرآباد ۾ پڪو ۽ ڪچو قلعو نئين سر جوڙائي، اتي رهائش اختيار ڪرڻ:

ان سان گڏ ميان غلام شاهہ حيدرآباد جي قلعي جوڙائڻ جي رٿ ۽ ارادو ڪيو. پاڻ سر زمين تي وڃي، ان جڳہ جو معائنو ڪيو. قلعو نيرون ڪوٽ گنجي ٽڪر تي پراڻي وقت کان ٺهيو پيو هو. ميان صاحب اها جڳہ پسند ڪري۔ خدمتگار ميرزا احمد خراساني جيڪو لشڪر جي پگهار تقسيم ڪندڙ ۽ اعتماد وارو سپهہ سالار هو۔ کي قلعي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ منتظم مقرر ڪيو قلعو سرن، چوني ۽ گچ سان ٿوري وقت ۾ ٺهي راس ٿيو. هن جهڙو مضبوط بلند ۽ مٿاهون (پڪو قلعو) سڄي سنڌ ۾ ڪونهي.

پڻ قلعو عالم شاھ (ڪچو قلعو) مٽي گاري، ڪاٺ ۽ سرن سان ٻارهن هٿ ويڪرو ۽ بلند ٺاهيو ويو. سال 1184ھ/1770ع ۾ ميان غلام شاھ ديري شاھ پور کان حيدرآباد جي قلعي ۾ اچي رهڻ جو خيال ڪيو ۽ قلعي عالم شاھ ۾ واپارين ۽ دڪاندارن کي بازار ٺاهڻ لاءِ پلاٽ ورهائي ڏنا ويا.

خاص بنگلي جي جاءِ، شيش محل ۽ گهر جي عورتن جي لاءِ حويلي کي ساڳ جي ڪاٺ وغيره سان سهڻو ڪري سينگاريائون. محرم مهيني جي اوائل ۾ سڀ واپاري دڪاندار ۽ ڪاروباري ماڻهو اتي اچي رهيا.

ميان غلام شاھ جڏهن قلعي ۾ آيو تہ الله تعاليٰ جو تمام گهڻو شڪر بجا آندو ۽ چيو تہ :"هينئر دل کي اطمينان آهي، جو مخالف ۽ دشمنن جي شر کان اهڙي مضبوط قلعي جي پناھ ۾ آهيان."

## ديوان گدومل وڪيل جو مارجڻ ۽ شيخ محمد محفوظ ٺٽويءَ طرفان وڪالت جو عهدو سنڀالڻ:

ديوان گدومل وڪيل(قلعي حيدرآباد مان) ميان صاحب کان موڪلائي، بادشاهي دربار (ڪابل قنڌار) ڏي، ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان جي رستي سان روانو ٿيو تہ ديوان گدومل جي ئي ملازم سيد عظيم نالي ديوان کي ماري وڌو. ديوان پنهنجي خدمت جو پورو حق ادا ڪيو.

شيخ محمد محفوظ خان ٺٽي جو رهاڪو ۽ ديوان گدومل جو نائب يا مددگار هو. ان کي (افغانن جي باشاهي دربار ۾ ديوان گدومل وارو) وڪالت جو عهدو حوالي ڪيو ويو.

## حيدرآباد ۾ زلزلو:

هنن ئي ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ زلزلو آيو جو دروازن جا ڪرف ڪڙا کلي پيا ۽ ماڻهو زمين تي ڪري پيا.

## احمد شاهہ بادشاهہ جي وفات جي خبر سنڌ پهچڻ ۽ غلام شاهہ جو عذر خواهي لاءِ وڃڻ واسطي مير بهرام سان مشورو ڪرڻ:

سال 1185هہ[1] ۾ بادشاهہ احمد شاهہ ابدالي جي وفات جي خبر سنڌ ۾ پهتي. ان جي وفات کان پوءِ مبارڪ خان داؤد پوٽو آيو.

ميان غلام شاهہ ميربهرام کي چيو تہ:

"بادشاهہ (احمد شاهہ ابدالي) گذاري ويو آهي. ان ڪري مناسب آهي تہ بادشاهہ جي وفات تي سندس پونير سان عذر خواهي ڪرڻ واسطي ڪابل قنڌار وڃجي!"

ان تي شايد اتي ويٺل مبارڪ خان داؤدپوٽي يا ڪنهن ٻئي ماڻهو چيو تہ جنهن ماڻهو وٽ ٻارهن هزار هٿيار پهنوار ڀيريل ۽ لڙائين جا آزمايل سپهہ سالار ۽ لشڪري موجود هجن، تہ پوءِ پاڻ کي پورو بادشاهہ سمجهڻ گهرجي. آزادي ۽ بغاوت جو نعرو هڻڻ گهرجي، مرڪز کي خراج يا ڏن بہ نہ ڏجي. هي اشارو ميان غلام شاهہ جي بادشاهي ڏانهن آهي.

جيئن تہ مير بهرام تجربيڪار دور انديش، ايندڙ واقعن ۽ معاملن جي نتيجن تي ڏکهي نظر رکندڙ ماڻهو هو. تنهن هوندي بہ مير بهرام، ميان غلام شاهہ جي خدمت ۾ ڏاهپ سان، عرض ڪيو تہ : "جيئن بہ اوهان گهرو تہ ان لاءِ ساز سامان تيار ۽ موجود رکجي."

ائين ڪندي اها خبر بہ پئي تہ . بادشاهہ احمد شاهہ جو پٽ تيمور شاهہ بادشاهي جي تخت تي ويٺو آهي. خراج يا ڏن ادا ڪرڻ جو فرمان بہ نڪري چڪو آهي. اهو خراج ادا ڪرڻ جو فرمان ڪٺي، ٽپال ڪٽي ايندڙ ماڻهو حيدراباد ۾ پهچي ويا. اڳئين دستور موجب بادشاهي خراج ۽ وڪيل بادشاهہ جي دربار ۾ موڪليا ويا.

[1] احمد شاهہ ابدالي 20 رجب 1186هہ/17 آڪٽوبر 1772ع تي ميان سرفراز جي دور ۾ وفات ڪئي.

## مِيان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حيدرآباد ۾ وفات ۽ مدفن:

انهي دوران ميان غلام شاهه رات جي پهرئين پهر غسل خاني ۾ پاڪائي لاءِ وهنجڻ ويو. خاص خدمتگار موجود هئا. الله تعاليٰ قادر جبار جي حڪم سان ميان صاحب تي غسل خاني ۾ فالج جو حملو ٿيو ته ٻاهر نڪتو. پر سندس ڳالهائڻ سمجهه ۾ نه ٿي آيو.

سندس پٽ محمد سرفراز خان کي خبر پئي، ته بروقت اچي پهتو. صبح جو ميان غلام شاهه جي بيماريءَ جي عام ماڻهن تائين مشهور ٿي وئي. گهٽين بازارن، عورتن ۽ مردن جي زبان تي اهائي ڳالهه هئي. نيٺ ميان غلام شاهه آچر جي ڏينهن ٽين (3) تاريخ جمادي الاول سال 1186هه/ 1772ع تي وفات ڪري ويو.

ماڻهن جي روئڻ جو آواز اندران ٻاهران وڃي آسمان تي پهتو. سيني اميرن ۽ شاگردن (مريدن) ميان صاحب جو جنازو ڪلهن تي کنيو ۽ حيدرآباد قلعي جي ويجهو اتر طرف گنجي ٽڪر تي ميان غلام شاهه کي دفن ڪيائون. ان کان پوءِ حڪومت محمد سرفراز خان سنڀالي.

## ميان غلام شاهه جي دور ۾ ميان محمد سرفراز جي ديوان گدومل خزانه آفيسر سان دلي دوستي ۽ ميان غلام شاهه جي ڪاوڙ

مخفي نه رهي ته محمد سرفراز خان وليعهد ۽ ميان غلام شاهه جو فرزند ارجمند هو. پيءُ جي پاڇي ۾ علم، مجلسي آداب ۽ زماني جا لاها چاڙها سکيو. غلام شاهه جي دور ۾ به ڪيس جدا جاگيرون هيون.

ديوان پانونمل جو پاءُ ديوان ڀيلو مل سرڪاري خزاني جي دفتر جو وڏو عملدار مقرر هو ۽ اهو وڏي ڄمار ۽ بيماريءَ جي ڪري سرڪاري ڪم چڱي طرح ادا ڪري نه ٿي سگهيو. ان ڪري ديوان ڀيلي مل جو پٽ ديوان گدومل (ڀيو) چاچڪان پرڳڻي جو ڪاردار مقرر هو. ان کي اتان گهرائي خزاني جو سرڪاري عملدار مقرر ڪيو ويو. جنهن ڏينهن کان ديوان گدومل محمد سرفراز جي خدمت ۾ پهتو. اُن جي صحبت ۾ گهڻو

پرايو. ملازم مان ڦري دلي دوست ٿي ويو. ڄڻ ته به جسم، پر روح هڪ هو. ميان محمد سرفراز پنهنجا راز ۽ ڳجهه ڳوهه به ديوان سان سليندو هو ۽ هر صلاح مصلحت به ان سان ڪندو هو.

چاچڪان پرڳڻو ۽ سنڌ جا ڪجهه ٻيا پرڳڻا به محمد سرفراز جي جاگير مقرر ٿيل هئا.

ميان غلام شاهه پنهنجي پٽ محمد سرفراز ۽ ديوان گدومل جي اهڙي گهاٽي سنگت ۽ همرازيءَ کان رنج ۽ ڪاوڙ ۾ هو ۽ ديوان گدومل مان ان اهم عهدي تي رهڻ مان راضي نه هو پر محمد سرفراز پيءُ جي حڪم جي مخالفت کي سولو سمجهي، ديوان کي پاڻ کان جدا نه ٿي ڪيو. ديوان به خوف ۽ هراس کان ميان غلام شاهه وٽ ڪچهري ڪرڻ وقت به سلام ڪرڻ نه ٿي آيو. تنهن تي ويتر ميان غلام شاهه جي ڪاوڙ وڌندي ٿي وئي ۽ پنهنجي پٽ جي حق ۾ بدگمان ٿي ٿيو. ان بابت ميربهرام کي چيائين ته: "سرفراز کان ڪا شيءِ نه ٿيندي" مطلب ته ڪو ٻوٽو نه ٻاريندو. ميربهرام ڏاهپ سان جواب ڏنو ۽ ڄڻ ته زخم تي مرهم رکي يعني ميان غلام شاهه کي ٿڌو ڪيو.

هڪڙي ڏينهن ميان غلام شاهه جي خاص ڪچهري ۾ ننڍي ۽ بندري قد وارن فتني پيدا ڪندڙ ماڻهن جو ذڪر نڪتو ته "ننڍي قد وارو ماڻهو فتنو پکيڙيندڙ هوندو آهي." ڪچهري ۾ مير بهرام ۽ ڪجهه ٻيا امير ڪبير ۽ ديوان گدومل وڪيل به موجود هئا ۽ محمد سرفراز خان به مجلس ۾ حاضر هو ۽ شرمساريءَ کان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو (شايد ميان سرفراز جو دوست ديوان گدومل بندري قد وارو هو) تنهن تي ديوان گدومل وڪيل هڪ شعر خدمت ۾ عرض ڪيو ۽ اهو شعر هي آهي.

درازي ها دستِ مرد بايد ديد در ميدان،
قد ڪوتاهه نه بود عيب ماند نر انگستان.

[مطلب ته مڙس جي هٿن جي ڊيگهه يا سخاوت ۽ بهادري لڙائي جي ميدان ۾ ڏسڻ گهرجي. هٿ ۾ آڱرين جي ننڍ وڏائي وانگر ننڍو قد عيب نه آهي.]

مير بهرام ۽ راڄو ليکي ۽ ٻين هن شعر کي پسند ڪيو ۽ شاباس ڇپائون. مقصد تہ ڪچهري پوري ٿي ۽ ڳالھ پڄاڻي تي پهتي. ڪن ڪٽڪ ڏيکاري جڳ وڪڻندڙ فتني باز ماڻهن محمد سرفراز کي ٻڌايو تہ ميان غلام شاھ ڪاوڙ مير بهرام جي چوڻ تي ڪئي آهي. ان ڪري دشمنيءَ جي باھ اندروني طور ٻرڻ لڳي.

هڪ دفعي خدمتگار فريد پٽ صديق — جنهن جي رهڻ جي جاءِ ديوان گدومل جي گهر جي پر ۾ هئي- ميان صاحب جي خدمت ۾ اچي ٻڌايو تہ ، ديوان جي ڌيءَ مون سان ڪريل آهي ۽ رات جو مون وٽ ايندي آهي. ميان صاحب هن ڳالھ جي ثبوت لاءِ ٻانهن جي طلب ڪئي. ان ڳالھ تي ديوان شرمساري ۽ غيرت کان گهريو تہ ٻاڻ ماري وڃهي يا قاتل زهر پيئي. سچ ۽ ڪوڙ جي خبر تہ الله سائين کي آهي. نيٺ راتو واھ ديوان ڌيءَ کي وڃي نڪاڻي حوالي ڪيو ۽ صبح جو باھ ۾ ساڙائي ڇڏيو. مطلب تہ ٻنهي طرفن کان پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ دشمني جي باھ پڙڪي اُٿي.

محمد سرفراز مصلحت ۽ ڀلائي هن ۾ سمجهي، تہ سون ۽ چانديءَ، هيرا جواهر ۽ پيسا ڏوڪڙ کڻي قلعي ڪانجي(؟) ۽ قلعي پلهاري(؟) جي واٽ سان- جمالين ۽ ٻين بلوچن جي لشڪر سان جيڪي سرڪاري ملازم هئا- گجرات طرف هليو وڃي. پنهنجي سر ۽ ساھ جي خوف ۽ هراس کان وظيفي پڙهندڙ عاملن کي مقرر ڪيائين، تہ دشمنن کي بددعائون ڏين(۽ سندس لاءِ خير جون دعائون گهرن!) اندزاً لشڪر جا چار سو ماڻهو گهرائي، ڪچهريءَ ۾ اهو ظاهر ڪيائين تہ: پنهنجي پيءُ ميان غلام شاھ کان شڪار ڪرڻ تي وڃڻ جي موڪل وٺي، هينئر سفر تي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. انهي دوران اوچتو ميان غلام شاھ گذاري ويو ۽ مسافر اڻ ڏٺي جهان جي رباني راھ ورتي.

محمد سرفراز هن واقعي کي پنهنجو ڀاڳ ڪري ڀانيو. ظاهر ۾ تہ ڏکايل ۽ اندر ۾ خوش هو ڇو تہ انڌي کي لٽ ۽ سُڄي کي خزانو لڌو آهي.

جيتوڻيڪ سنڌو درياءَ پريور نموني سان ڏَني ڪَنِي تار وهندڙ هو، پر مراديابخان جي پوئين وقت ۽ غلام شاهه جي پهرئين دور حڪومت ۾ درياءَ جبل جي پاسي کان رخ مٽايو ۽ ٻي پاسي کان سمنڊ سان وڃي مليو.

درياءَ چند سال ڪڪرالي ضلعي کان وهندو رهيو ۽ هن وقت لاهري بندر کان سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. ميان غلام شاهه جي حڪومت چوڏهن سالن کان وڌيڪ رهي.

# ميان محمد سرفراز خان

## محمد سرفراز خان جي حڪومت جو احوال:

محمد سرفراز خان کي بادشاهي قاعدي موجب حڪومت جي پڳ ٻڌايائون . جيتوڻيڪ امير ڪبير محمد سرفراز خان جي بادشاهي ڪرڻ ۾ راضي نہ هئا. مير بهرام جو پٽ مير بجار نذيپڻ کان ئي(هڪ جيڏي يا همعصر هجڻ ڪري) محمد سرفراز خان سان دوستيءَ ۾ واڳيل هو. ان ڪري ان کي عهدو ڏنو ويو.

### ميان سرفراز ۽ ميربهرام جي اندروني دشمني:

اميرن لاچار عباسي خاندان جي ولايت ۽ حڪومت جي پڳ محمد سرفراز جي مٿي تي رکي. جنهن ڏينهن کان (محمد سرفراز) حڪومت جي تخت تي ويٺو تہ ظاهر ۾ قرآن شريف تي قسم سان مير بهرام کي هر قسم جي وفاداري ۽ تسليم دلجاءِ ڏني ۽ اندر ۾ دشمني رکي، اهو سوچيائين تہ ڪيئن بہ ڪري ميربهرام کي ماراڻو آهي. ان ڪري سندس مارڻ لاءِ اٽڪل ۽ بهانا پيو ڳوليائين. ان لاءِ پهريائين ڪهڻا ڪوٽ (؟) ۽ قلعي پچم ۽ پارڪر ڏي وڃڻ جو ارادو ڪيائين. ان سفر دوران واٽ تي بلوچن جي سرداريءَ جي پڳ چام پيروز جي نالي مقرر ڪيائين. لاچار بلوچن جي دستي يا ٽولي چام پيروز کي سردار تسليم ڪيو. اتان ئي ميان محمد سرفراز سنڌ ڏي موٽ ڪاڏي.

### مير بجار پٽ ميربهرام جو پلي پار وڃڻ:

هن کان اڳ ۾ ميربهرام جو پٽ مير بجار شادي ڪرڻ جي ڳالهہ تان پيءُ سان ڪاوڙ جي، حجاز مقدس (مڪي شريف ۽ مديني منوره) وڃڻ جي موڪل گهري ۽ پلي پار سفر تي روانو ٿي ويو.

## ميان محمد سرفراز جي ڪچهريءَ ۾ مير بهرام ۽ مير صوبدار جو مارجڻ:

تاريخ پندرهين ربيع الاول سال 1189هه/1775ع ۾ دستور موجب مير بهرام ۽ مير صوبدار – جيڪي ڏنگي چال چلندڙ آسمان جي اٽڪل ۽ چالاڪي کان بي خبر هئا۔ ميان صاحب محمد سرفراز جي ڪچهري ۾ آيا، ميان صاحب، مير بهرام کي ڪم جي بهاني اندر گهرايو، ميان صاحب جي حڪم ۽ اشاري سان حسين مرزاڻي، مير بهرام کي پٺيان تلوار ڪنڌ ۾ هنئي. مير شهادت ماڻي ۽ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿيو.

جيئن ته مير صوبدار ٻاهر عام ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو ته ڪيس مير بهرام جي شهادت جي خبر پئي. راڄو ليکيءَ جو پاٽئيو الله بخش، مير صوبدار جي پر ۾ ويٺو هو سو مير صوبدار ڪاوڙ مان ان کي تلوار جي هڪ ئي ڌڪ سان ماري وڌو ۽ قتيل شينهن ۽ مست هاٿي وانگر تلوار هٿ ۾ ڪٽي، رڍن ٻڪرين جي ڌڻ وانگر ماڻهن ۾ ڪاهي پيو. ٻه ٽي بلوچ اتي موجود هئا. انهن به مڙسي ڏيکاري، پر شهادت جو شربت پيتائون ۽ مير صوبدار به وڙهندي شهيد ٿي ويو ۽ کين دفن ڪيو ويو.

الله تعاليٰ هن ناحق خون تي ناراض ٿيو. محمد سرفراز ازل ابد ۾ پنهنجي عملن جي سزا جو حقدار ٿيو ۽ پنهنجي پوک کي ڪچو لڻي ڇڏيو.

مير بهرام هر ڪم سچائي سان سرانجام پي ڏنو پر تقدير جا پنهنجا ڪم آهن. جيتوڻيڪ (شايد) ميربهرام کي اڳوات پنهنجي مارجڻ جي خبر پئجي وئي هئي، پر ميربهرام، ميان محمد سرفراز طرفان الله جي ڪلام "قرآن شريف" جي قسم ۽ واعدي تي ڀروسو ڪري ساهه ڏنو.

هڪ درويش ڳالهه ڪئي، ته مير بهرام جي روح به سجدا ادا ڪيا. هڪ هن جسماني وجود ۾ اچڻ وقت ۽ ٻيو جسم مان ٻاهر اڏامي وڃڻ وقت.

## ميان سرفراز کي قدرتي هراس ۽ ڊپ:

مير بهرام جي شهادت کان پوءِ محمد سرفراز کي قدرتي ڊپ اچي ورايو. در ۽ ديوار ۾ کيس هر شهيد جي صورت ٿي نظر آئي. پنهنجي حفاظت لاءِ سخت پهرو مقرر ڪيائين. جڏهن بازار ۾ سج لٿي جو وقت ٿيندو هو ته، ڏيئا اجهائي ڇڏيندا هئا.

منشي ٻالچند ٺٽي شهر جو رهاڪو جيڪو يگانو تاريخ دان هو ان مير بهرام جي شهادت جي تاريخ لکي آهي:

زهر مير بهرام بهرام زرم،
از عزمش سر نيزه برماه زد.
به تاريخ در عرصه گاه نبرد،
اگر رخ زدي بر رخ شاه زد.
وليکن چه تقدير بود اينچنين،
قضا از قضا تيغ ناگاه زد.
و اگر نه کسي سنجد اهل خرد،
که باشير سرپنجه روباه زد.
پي سال وصال آن شهيد سعيد،
بگفتا بفردوس خرگاه زدا

[* اي مير بهرام تنهنجي مقابلي ۾ لڙائي ڪرڻ تي شاباس!

* جنهن پنهنجي ارادي ۾ قوت سان نيزي يا ڀالي سان چنڊ کي نشانو بنايو.

* تاريخ ۾ پري پري تائين مقابلا ۾ لڙايون نظر ايندين.

* جيڪڏهن نظر ڪبي ته پاڻ بادشاهه به انهن کان بچي نه سگهيا.

* پر اهڙي ڇا تقدير هئي؟

* جنهن سبب قضا (الله تعاليٰ) پنهنجي قضا يعني فيصلي ۾ حڪم سان اوچتو تلوار هنئي. مطلب ته الله تعاليٰ جي قدرتي لٺ بي آواز هوندي آهي ۽ ان جو قهر نازل ٿيندو آهي، ته ڪنهن کي خبر نه پوندي آهي.

* ۽ جيڪڏهن ڪو ڏاهن جي ڳالهه تي توجه نه ڪري ۽ ان کي اهميت نه ڏئي،
* ته ان جڻ شينهن سان لومڙي جي زور آزمائي ڪئي آهي.
* انهي شهيد ۽ نيڪ بخت انسان جي وفات کي ڪيئي ورهيه گذري ويا.
* چوڻ مطابق جنت الفردوس ۾ سڪون ۽ آرام ڪيائين.]

## محمد سرفراز جو ڄام پيروز کان شادي لاءِ ڌيءُ جو سڱ گهرڻ ۽ ميرن بلوچن جو ڪاوڙجڻ ۽ حملو ڪرڻ:

سال 1189هه/76- 1775ع ۾ ميان محمد سرفراز ڄام پيروز کان(سندس ڌيءُ جو) سڱ پنهنجي نڪاح ۽ شاديءَ لاءِ گهريو ته اتي مير فتح علي ۽ سڀيئي بلوچ بي دليا يا مجبوراً سڱ ڏيڻ تي راضي ٿيا. جڏهن بلوچ پنهنجي جاءِ تي آيا ۽ اتي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيائون، ته بادشاهه (محمد سرفراز کي شاديءَ لاءِ) سڱ نه ڏيون. چاڪاڻ ته ائين ڪبو ته پوءِ تخت تي هر نئون ويهندڙ بادشاهه شاديءَ لاءِ سڱ پيو گهرندو. پوءِ اهو رواج ته جاري ٿي ويندو.

شاديءِ نڪاح جي رات ويجهي هئي. بلوچ منجهي پيا، ته هاڻي ڇا ڪجي؟ نيٺ پاڻ ۾ هي آخري واعدو ڪري، سر تان آسرو ڪٽي، رات جي وقت سنجهي مان قلعي جو دروازو کليل هو ته قلعي ۾ اندر ڪاهجي پيا ۽ سرفراز کي وچي هٿ ڪيائون. چاڪاڻ ته تقدير به تدبير موافق هئي ۽ هنن جو ارادو پورو ٿيو.

هي واقعو سال 1190هه/77-1776ع ۾ ٿي گذريو. جڏهن ته محمد سرفراز جو تقريباً پنج ڇهه هزار لشڪر هر هنڌ ويٺو هو ۽ رات جي وقت چونڪي به ڏيندا هئا.

شاهه الله بخش، غلام حيدر سنديلو ۽ راڄو ليکي وري هتي محمد سرفراز کي قيد ڪرڻ جي صلاح مصلحت ۾ شامل ۽ صلاحي هئا ۽ تقدير جي ڪم ڏيکارڻ جي انتظار ۾ هئا.

## ميان سرفراز جو حيدرآباد ڇڏي خداآباد ۾ رهڻ:

جيتوڻيڪ محمد سرفراز شراب نہ پيئڻ جو قسم کاڌو هو پر قسم پڇي هر رات شراب پيئندو هو. سنگت جي راءِ ۽ مشوري سان قلعي حيدرآباد کي ڇڏي, خدا آباد شهر ۾ رهڻ جي صلاح ڪيائون.

ڪوسن بلوچن پراڻي شهر حيدرآباد کي ڦريو لٽيو ۽ ڪوسن جا اڳواڻ بہ ميربهرام جي ناحق مارجڻ تي ڪاوڙيل هئا ۽ ٻنهي طرفن کان اهو اصلي جهڳڙو هو. جيتوڻيڪ اهي سرڪار جا ملازم هئا.

## ميان سرفراز جي گرفتاريءَ جو تفصيلي واقعو:

(اصل ڳالهہ ۽ تفصيلي واقعو هن ريت آهي تہ) جڏهن بخت ڦٽندو آهي, تہ هر ڪم سٺي صلاح جي ابتڙ ٿي پوندو آهي. رات جي وقت ڏيڍ پهر مهل مير فتح خان پنجاهہ سٺ بلوچن جا ماڻهو ٽارو غلام هٿيارن سان تيار ٿي, مٿان چادرون ويڙهي, پير سوائي جي آستاني-جيڪو قلعي خداآباد (لڳ هالا) جي ويجهو آهي – کان اچي لنگهيا. گويا تقدير بروقت اچي پنهنجو ڪم ڏيکاريو. ائين ڪندي قلعي وارن پڇيو تہ: هيءَ لشڪر ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ ٻڌايائون تہ ميان صاحب(محمد سرفراز) جي گهر يا طلب ڪرڻ تي سندس چونڪي ڏيڻ لاءِ ٿا وڃون . اوچتو دروازي کان اندر اچي, تلوارن هٿن ۾ ڪٽي نعرو هڻيائون ۽ ڪجهہ اتي بيٺل ماڻهن کي ماريائون. محمد سرفراز ڪوٽ کان باغ جي طرف وڃڻ لاءِ دريءَ کان پيرين اگهاڙو نڪري وٺي ڀڳو ۽ تڙ تڪڙ ۾ هڪ پراڻي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي حيدرآباد روانو ٿيو. سندس پٽ ۽ ٻار ٻچا حملي ڪندڙ لشڪر بلوچن وٽ رهيا.

اتفاق جي ڳالهہ آهي تہ, جنهن ڏينهن محمد سرفراز گرفتار ٿيڻو هو. ان ڏينهن جي پوئين پهر نالي غيبي خان چانڊيئي بلوچ, ميان صاحب کي ٻڌايو بہ سهي تہ , اڄ ٽارو غلام ۽ ٻيا بلوچ, محمد مراد (ياب) وانگر اوهان کي گرفتار ڪرڻ ايندا ۽ ان سان گڏ حسين مرزائي بہ اها خبر اچي, محمد سرفراز کي ٻڌائي. ان تي ميان صاحب ڪلي چوڻ لڳو: "ائين ڪيئن

ٿي سگهندو، جڏهن تہ گهڻي لشڪر ۽ سخت ڀهري هوندي، پنجاهہ سو ماڻهو ڪهڙي جرئت ڪري سگهندا؟"

اهڙي طرح ڪجهہ ڀين ماڻهن بہ اها خبر ميان صاحب کي اچي ٻڌائي. نيٺ گهڻن ماڻهن جي ٻڌائڻ تي ميان صاحب ڊني ڊپ کان سخت تاڪيد ڪيو تہ اڄ سڄ لهڻ کان اڳ ۾ ٺي ڀهريدارن کي گهرائي، قلعي جي اندران ويهاريو ۽ ٻيا خدمتگار وڏيڪ ڀهريدارن کي ونڻ ويا.

اتفاق سان ان ڏينهن جانوريءَ ذات جي ماڻهن جي ڪنهن پٽ جو ٺُهر هو سو ان خوشيءَ ۾ پاڻ شراب پي ۽ ٻين ماڻهن کي بہ عام جام شراب ٿي پياريو ۽ ڪِل پوڳ ٿي ڪيائون.

ميان صاحب کي بہ دل ۾ خوف ۽ ڊپ پيدا ٿيو. قضا سان هڪ چوڪيدرا بہ حاضر نہ هئو جو تقدير پنهنجو ڪم ڪيو. مطلب تہ ميان (محمد سرفراز خدا آباد مان) حيدرآباد قلعي ۾ اچي پهتو. قلعي جا بُرج ، توبخانہ ۽ ٻيو ساز سامان گڏ ۽ تيار ڪرايو. راتو واهہ ديوان گدومل بہ قلعي ۾ پهتو.

ـ ميان غلام شاهہ حيدرآباد جي قلعي ۾ خراج ڏيڻ کان وڏيڪ هر ڪائڻ پيئڻ جي جنس گڏ ڪري رکي هئي، جيڪا ٻارهن سالن تائين پورائو ڪري سگهي هاـ

ست اٺ ڏينهن توب خاني کي تيار پي ڪيائون، پر سڀ سرائي ۽ راڄو ليکي لشڪر سميت متفق ۽ صلاحو ٿي، قلعي جي ٻاهران گهيرو ڪيائون

جيئن تہ محمد سرفراز کي جنگ جو تجربو نہ هو سو ڊنو تہ متان منهنجي پٽ کي ماري نہ وجهن، سوتاب نہ سهي، قلعي کان ٻاهر نڪري آيو ۽ راڄو ليکي قلعي جي ڪنجي پنهنجي هٿ ۾ ڪئي ۽ ڀهري تي بہ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيا. عباسي خاندان جي عزت ۽ اهميت نہ رهي.

محمد سرفراز عطر خان، محمد سرفراز جو پٽ مير محمد ۽ غلام شاهہ جو پٽ محمد خان سيني کي قلعي ۾ قيد ڪيائون ۽ سيني حملي ڪندڙن هڪ ٻئي سان صلاح ڪري (ميان غلام شاهہ جي پٽ) محمد

خان کي حڪومت جي پڳ ڏنائون. جيئن ته محمد خان ننڍو ۽ ناتجربيڪار هو. وڏيڪ ان جو احوال اڳتي ايندو. سندس وقت ۾ راڄو ليکي حڪومت جو مدر الهمام منتظم يا وڏو وزير ٿيو. قلعي کي مضبوط ڪري سيوهڻ کان چار ڪوهه (درياء جي اورئين پر ڪاهي پاسي)گچيري جي ويجهو نئين شهر اڏڻ جي رٿ ڪيائين.

# ميان محمد خان

## محمد خان پٽ غلام شاهه جي بادشاهيءَ جو احوال:

## راڄوليڪي جي وفات ۽ تاجو ليڪي جو خليفو ٿيڻ:

ميان محمد خان پورا ٽي مهينا حڪومت جي تخت تي ويٺو ۽ راڄو ليڪي دستن جي بيماريءَ ۾ مري ويو ۽ ان جو پٽ تاجو ليڪي پيءُ جي جاءِ تي خليفو ٿيو.

## ميان غلام نبي جي دستاربندي:

پيروز پٽافي، تاجو سامٽيو ۽ ٻين سيني گڏجي ميان غلام نبيءَ کي گهرايو جيڪو شاهه ڳڙهه قلعي ۾ نظربند هو ۽ حڪومت جي دستار ميان غلام نبيءَ کي ڏنائون ۽ ميان عبدالنبيءَ کي حيدرآباد جي قلعي جي ڪنجي حوالي ڪيائون.

# ميان غلام نبي

## ميان غلام نبي جو حڪومت جي تخت تي ويهڻ جو بيان:

ميان غلام نبي خان شاهه ڳڙهه مان اچي تخت نشين ٿيو. قلعي جي ڪنجي ميان عبدالنبي خان وٽ هئي. ڪجهه ڏينهن ڳچيري جي ويجهو"ديري ڪاهه" ۾ هئا.

## مير بجار جو پلي پار تان سنڌ موٽڻ:

پروسي وارين لکتن مان ظاهر آهي، ته مير بجار خان حرمين شريفين (مڪي شريف ۽ مديني منوره) جي زيارت ڪري، بلوچستان جي حاڪم نصير خان بروهي وٽ آيو. ۽ اتان اڳتي سنڌ اچڻ جو ارادو ڪيو.

## تاجو ڪهاوڙ ۽ ٻين جو مير بجار سان ساز:

تاجو ليکي، حسن ڪهاوڙ تاجو سامٽيو ۽ پيروز پتافي کي ميربجار خان جي واپس سنڌ اچڻ جي هيءَ خبر ڏکي لڳي. هي صلاح ڪري پاڻ ۾ سوچيائون ته، مير بجار جي اچڻ سان سندن ناتو نيڪي ته ختم ٿي ويندا.

## ميان غلام نبي ۽ مير بجار وچ ۾ بدگماني، لڙائي ۽ ميان جي هار:

ائين ڪندي مير بجار شهدادپور آيو ۽ ميان صاحب (غلام نبي) ڏي درخواست موڪليائين. نون اميرن نه ٿي چاهيو ته مير بجار سنڌ ۾ مُجي. مير بجار خان پنهنجي بلوچ پائرن جي لشڪر کي گڏ ڪيو ۽ (ڪلهوڙن جي) اميرن جي دغابازي کي جانچي ڏٺو يعني حالتن جو جائزو ورتو. جيتوڻيڪ ٻنهي طرفن کان لاڳيتو (خير خواهي) ۽ خوشامد جا خط پٽ ٿي پهتا، ته ميان صاحب خير عافيت سان خوش آهي ۽ رحم جي رتبي تي ايندو.

هن وچ ۾ مياں غلام نبي گهڻو لشڪر گڏ ڪيو. مير بجار اتان ڪوچ ڪري، ناره جي رستي سان منزلون ڪندو ٿي ويو ۽ سنڌ (ڪلهوڙن) جو لشڪر بہ سندن ڳولا ۾ پٺيان هو. مير بجار نيٺ ريگستان ڏ طرف واقعي مڪان ديوي ڪوٽ سلطنت مهاراجہ بجيسنگهہ جوڌپور جي راجا ڏانهن روانو ٿيو. نيٺ لاچار ميان غلام نبي جي لشڪر موٽ کاڌي. (شايد مير بجار خان) ڪجهہ ڏينهن ديوي ڪوٽ ۾ رهي، گهڻا بلوچ پاڻ سان گڏ ڪيا. تقريباً ٽن هزار لشڪرين سان لڙائي جي ارادي سان واپس سنڌ جو ارادو ڪيو.

جڏهن هي ڳالهہ ظاهر ٿي تہ، ميان غلام نبي – تاجو ليکي، شاهہ الله بخش ۽ ٻيا امير، سنڌ (ڪلهوڙن) جي لشڪر سان گڏ هئا – سڀ سوار ٿي شهدادپور تعلقي ۾ رستي تي لياري نالي جڳهہ تي اچي پهتا.

مير بجار خان بہ لشڪر سميت لڙائي جي ئي ارادي سان ساڳي جاءِ تي آيا. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ گهمسان جي لڙائي لڳي. الله تعالى جي قدرت سان ميان غلام نبي جي لشڪر هارايو. هن لڙائي ۾ پيروز پتافي بلوچن جي هٿان مارجي ويو ۽ تاجو ليکي ڪڪرالي طرف ڀڄي هليو ويو.

## قضا سان ميان غلام نبي جي شهادت:

قضا الاهي سان اوچتو ميان صاحب (غلام نبي) شهادت جي درجي تي پهتو يا شهيد ٿي ويو!

## حيدرآباد قلعي ۾ ميان عبدالنبي طرفان عطر خان، محمد سرفراز مير محمد ۽ غلام شاهہ جي پٽ کي شهيد ڪرائڻ:

جڏهن ميان غلام نبي جي شهادت جي هيءَ خبر ميان عبدالنبي کي پهتي، تہ حيدرآباد جي قلعي ۾ عطر خان، سرفراز خان، سرفراز جي پٽ مير محمد ۽ غلام شاهہ جي پٽ چٽني جٽن کي خونخوار تلوار سان مارائي ڇڏيو ۽ وڃي شهادت کي رسيا.

منشي ٻالچند(هن درد ناڪ واقعي جي) هن ريت تاريخ چئي آهي:

"از گل باغ عباسي پنج ڪم"[1]

[عباسي ڪلهوڙن جي باغ مان پنج گل گهٽ ٿي ويا.]

قضا الاهي سان پنجن ڪلهوڙن جي شهادت عمل ۾ آئي.

## ميربجار ۽ ميان عبدالنبي جي وچ ۾ عهد پيمان:

مير بجار خان فتح ياب ٿي، اتان موٽي اچي، ميان عبدالنبي خان کي عرضداشت لکي موڪلي ۽ نئين سر عهد پيمان يا واعدا ڪيائون. مير بجار خان سخن سچو رکيو ۽ هي شعر زبان سان پي پڙهيو:

ما بکس آشنا نمي کرديم
چون شدم آشنا نمي گرديم

[اسان زور ڪري نينهن لايون نه ٿا، جي لايون ٿا ته، توڙ نباهيون ٿا.]

---

[1] نوٽ: اصل مصنف هتي ميان عبدالنبي هٿان چئن ڄڻن جي مارجڻ جا نالا لکيا آهن. ۽ هن "تاريخ وفات " ۾ پنجن جو اشارو آهي. اڳتي پڻ پنجن ڪلهوڙن جي شهادت جو ذڪر آهي. هتي پنجين شهيد ٿيندڙ ڪلهوڙي امير جو نالو لکيل نه آهي. هن "تاريخ وفات" جي هي معني به آهي ته: "گل باغ عباسي" مان ابجد جي حساب سان 1196 عدد ٿيندا. هي "پنج ڪم" يعني پنج گهٽ ڪبا، ته 1191 ٿيندا. جيڪو غالباً هن واقعي جو سال آهي(مترجم).

# ميان عبدالنبي

## ميان عبدالنبي جي تخت نشيني جو احوال:

## مير بجار جي خير خواهي ۽ ميان عبدالنبي ۽ سندس ماڻهن جي اندروني دشمني:

(ميان غلام نبي کان پوءِ) سنڌ جي حڪومت تي ميان عبدالنبي خان تخت نشين ٿيو پر حڪومت جا ملڪي، مالي، ڏيڻ وٺڻ ۽ ٻيا سڀ معاملا ۽ ڪم ڪار مير بجار خان جي حوالي ۽ انتظام هيٺ هئا. مير بجار خان به ڏاهپ ۽ سمجهداريءَ سان سڀ انتظام سهڻي نموني سرانجام پئي ڏنا. ميان عبدالنبي جي خدمت ۾ به بااعتماد خادمن وانگر حاضر رهندو هو. مطلب ته مير بجار خان، ميان عبدالنبي خان جو خير خواهه هو ۽ بد خواهه نه هو.

ٻي طرف ميان عبدالنبي جي دل ۾ وري مير بجار خان سان اندروني دشمني چوٽان چوٽ هئي.

آڏو نالي ميان صاحب جي درٻانن مان ۽ منشي ٻالڪ رام ميان صاحب جي صلاحڪارن مان هئا. اهي وري مير بجار جي طاقت کان ڊنا ٿي، سو پنهنجن وڪيلن کي مهاراجه بجيسنگهه جوڌپور جي حاڪم ڏي موڪليائون (ته جيئن مهاراجه جوڌپور پنهنجا ماڻهو موڪلي ۽ اهي مير بجار کي ختم ڪن، ته انهي جي عيوض) مهاراجه جوڌپور جي انهن ماڻهن لاءِ (انعام طور) قلعو ڏيڻو ڪيائون.

## مير بجار جي راجا جوڌپور جي وڪيلن هٿان شهادت:

انهي ڳجهه ڳوهه جي مخالفت يا وڪالت ۾ مهاراجه جا پنج سرويچ ماڻهو وڪيل بڻجي سنڌ ۾ آيا.

مير بجار خان ته گهڻي ڪم ڪار ڪري به ٿي ڏينهن انهن آيل وڪيلن سان ملي نه سگهيو. نيٺ مير بجار سال 1194 هجري مهيني ذوالقعد آچر جي ڏينهن آڪٽوبر 1780ع انهن وڪيلن کي پاڻ وٽ گهرايو.

جيتوڻيڪ احتياط طور انهن مان هڪڙي کي بہ پاڻ سان گڏ ويجهو ويهڻ نہ ڏنائين. جوڌپور جا وڪيل اڪيلائي ۾ ڪيس اچي مليا. انهن مان هڪ پٽڪي مان خط ڪڍي کيس پڙهڻ لاءِ ڏنو. مير صاحب اڃان ان خط جو مضمون پڙهڻ طرف توجه ڪيو،ان خط واري وڪيل سان گڏ ٻيا بہ ڇٽا پاسي ۾ ويٺا هئا ۽ وجهہ جي تاڙ ۾ هئا. پنهنجن پاسن ۾ زهر آلوده خنجر لڪائي آيا هئا. قضا بہ پنهنجو ڪم ڪيو ۽ اهڙي طرح مير بجار خان شهادت جي درجي تي وڃي پهتو ۽ (چوڌاري) هُل ٿي ويو.

ميان عبدالنبي قلعي جي دروازي کي مضبوط ڪيو. پاڻ ميان صاحب، مير بجار خان جي مصاحب الهداد گوجر ۽ ڪجهہ پنهنجن خاص ماڻهن سان گڏ دروازي تي آيو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. هوڏانهن بلوچ بہ اچي گڏ ٿيا.

ميان عبدالنبي راتو واهہ درياءَ ٽپي، ڪوهستان وڃڻ جو ارادو ڪيو.

مير بجار خان جي شهادت جي تاريخ منشي ٻالچند هن ريت لکي آهي:

"بمحفل شهداء جلوه کرد مير بجار"...

[مير بجار وڃي شهيدن جي ڪچهري جو جلوو ماڻيو....]

## مير بجار خان جو نائبي دور، شڪارپور لڳ افغان نور محمد بابر سان لڙائي ۽ فتح:

مير بجار خان چار سال نائبي حڪومت هلائي. مير بجار خان جي حياتيءَ ۾ شيخ محمد محفوظ خان وڪيل ۽ احمد يار خان ڪلهوڙي جو پٽ عزت يار خان ڪابل ۾ هئا. انهن سنڌ جي سرداريءَ ۽ حڪومت جو پروانو ان(عزت يار خان) جي نالي حاصل ڪيو. نور محمد بابر افغانن جي لشڪر سان – جو امين الملڪ تيمور شاهہ بادشاهہ جو وزير هو– مدد واسطي جنگي ساز سامان کڻي شڪارپور (سنڌ) ۾ آيا.

هن طرف کان مير بجار ۽ ميان عبدالنبي بلوچن جي لشڪر سان گڏ افغانن خلاف لڙائي لاءِ سامهون ٿيا. ڪوسن جا ماڻهو بہ بادشاهي يعني

افغانن جي لشڪر سان گڏجي پيا. شڪارپور جي ويجهو سخت جنگ لڳي.

انهي وقت مير بجار خان بلوچن جي جٿي سان گڏ مضبوط جبل وانگر بيهي لڙيو. افغاني بادشاهہ جي لشڪر شڪست کاڌي. انهن مان جيڪي ماڻهو بچيا، انهن پنهنجي جان بچائي ۽ نور محمد خان بابر شڪارپور قلعي ۾ اچي ويهي رهيو. بلوچن جي لشڪر بہ قلعي جو گهيرو ڪيو. شڪارپور جي آسپاس ڪي بلوچن خوب لٽيو ڦريو ۽ پڙپانگ ڪري ڇڏيو.

نور محمد خان بابر پنهنجن وڪيلن کي مير بجار خان جي خدمت ۾ موڪليو تہ هن کان پوءِ مهربان بادشاهہ جي دربار ۾ سنڌ جو وڪيل ٿيڻ چاهيان ٿو ۽ قسم ياد ڪيو ۽ جنگ جي پڄاڻي تي پنهنجو سر سلامت بچڻ نعمت سمجهڻ لڳو:

اگر رستم از دست اين تير زن،
من و موش ويرانہ پير زن.

[جيڪڏهن رستم (پهلوان) هن جي هٿان تير هٽي، تہ منهنجي زندگيءَ ڪوئن جي ڪاتي ۾ پوڙهيءَ عورت جيان ويران ٿي ويندي.]

بادشاهہ[1] هن ڳالهہ ٻڌڻ سان ڪاوڙ مان گهٽا وٽ ڪاڏا، پر ان ڳالهہ ۽ ڪم کي ٻي وقت تي اچڻ ۽ سوچڻ لاءِ ڇڏيو ۽ چپ رهيو.

مير بجار شڪارپور کان سنڌ موٽي آيو ۽ ٻيو پيرو ڪڇ ولايت ڏي ويو. اتان بہ فتح ۽ ڪاميابيءَ سان سنڌ موٽي آيو.

## ديوان گدومل کي مير بجار طرفان معافي:

ديوان گدو مل، مير بجار جي نائبي حڪومت جي پهرئين وقت ڪو خون جو جرمانو ورتو يا ٻڏو ڪم ڪيو هو ان ڪري مير بجار قسم کنيو هو تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو گدومل جي لاءِ معافي واسطي

[1] غالباً تيمور شاھ افغان.

چوندو تہ اهو بہ اسان جو جاني دشمن آهي. نيٺ مير فتح علي ۽ ڪن بلوچن جي چوڻ تي ديوان گدومل جو ڏوهہ معاف ٿيو ۽ جان بخشي ٿي ۽ ديوان، مير صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ايئن خرچ جي بي احتياطي جي شروعات ۽ سنڌ ۾ نئون فتنو پيدا ٿيو.

قريب جهان قصه روشن است.
بہ بين تاچہ زايد شب آبستن است.

[عنقريب جهان جو قصو ظاهر ٿيڻ وارو آهي. ڏسي رهجي تہ ڇا ٿو ٿئي؟]

## ميان عبدالنبي جو بلوچستان ڀڄي وڃڻ ۽ بلوچستان جي حاڪم کان مدد وٺي، چالڪ بند وٽ مير سان لڙائي ڪرڻ ۽ ميرن جي فتح:

ميان عبدالنبي درياءُ ٽپي ڪوهستان طرف ويو ۽ بلوچستان جي حاڪم نصير خان جي خدمت ۾ پهتو. نصير خان جو نياٽو بيبرق بروهي پنهنجي مدد لاءِ لشڪر سميت وٺي سنڌ ۾ آيا. لاڪاٽ پرڳڻي جي تعلقي چالڪ بند وٽ جنگ لڳي. اوچتو مير فتح خان پنهنجي دستي سان جنگ ۾ حصو نہ ورتو. مير بجار جو پٽ مير عبدالله خان هٿيارن پهنوارن سان جنگ ۾ رڌل هو. پر ميان صاحب جي خاص جٿي وچ وانگر جنگ ۾ جلوو پي ڏيکاريو. تلوارن جي سخت لڙائي لڳي. ڪوسن ۽ ٻين ماڻهن جو لشڪر مخالفن جي رهڻ وارن تنبن تي وڃي ڪڙڪيا. انهن جو ساز سامان ڦريو. قضا الاهي جي حڪم سان بيبرق بروهي ۽ ان سان گڏ ٻين سيني ماڻهن شهادت جو شربت چکيو ۽ مير عبدالله خان ٽالپر ڪامياب ۽ فتح ياب ٿيو. ميان عبدالنبي پنهنجن ڪجهہ ماڻهن سان اتان موٽي ريگستان ڏر آيو. ميان صاحب حيدرآباد قلعو پنهنجي شالمين شيدي ٽالي غلام کي حفاظت لاءِ حوالي ڪيو ۽ ان همت ۽ مردانگيءَ سان قلعي جي حفاظت ڪئي.

## سوائي سنگهه ۽ ميرن جي لڙائي ۽ ميرن جي فتح:

ان دوران مهاراجه بجيسنگهه جي طرف کان سوائي سنگهه نالي راجپوت ٿر ريگستان ۾ چوٽياريءَ نالي جاءِ تي جنگ جي ارادي سان اچي سهڙيو ۽ هن طرف کان سڀ بلوچ گڏ ٿي ميرپور پهتا. لڙائي شروع ٿي وئي. هڪ متاهين دڙي يا مناري تي لڳ ڀڳ ڏيڍ سو راجپوت بندوقن سان مقابلي لاءِ ويٺا هئا. جنگ هلندي گهڻا بلوچ بندوقن سان ڏڪجي پيا. ان ڪري بلوچن جي لشڪر کي گهڻي تڪليف آئي ۽ خود مير فتح خان به بندوق سان زخمي ٿي پيو. نيٺ مٿي وينل سڀ راجپوت بلوچن هٿان مارجي ويا. سوائي سنگهه ڀڄي جان بچائي ۽ پنهنجي ماڳ موٽي ويو. فتح ۽ ڪاميابي بلوچن جي نصيب ۾ آئي.

## ميان عبدالنبي جي ڪابل جي بادشاهه کي مدد لاءِ درخواست ۽ مدد خان افغان جو سنڌ سان ڪلور:

جڏهن ميان عبدالنبي ڪٿان به پنهنجي لاءِ ڪا واهه ۽ واهر نه ڏٺي، ته لاچار ڪابل جي بادشاهه جي دربار ۾ امداد واسطي وڃي حاضر ٿيو. بلوچن جي طاقت ۽ زيادتي خلاف دانهن ڏنائين. مطلب ته بادشاهه کي بلوچن جي خلاف مدد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائين.

افغاني بادشاهه پنهنجا سردار مدد خان، پائنده خان، ارسلان خان ۽ ٻيو افغانن جو گهڻو لشڪر، جنگي ساز سامان تيار ڪري، ميان عبدالنبي سان گڏائي موڪليو. آخرڪار سال 1195هه/1780ع جي آخر ۾، ميان صاحب ۽ بادشاهي (افغان) لشڪر سنڌ ۾ پهتا. ميان صاحب افغاني لشڪر سان گڏ هو.

احتياط طور مير صاحب ٻارن ٻچن سميت، ٻي سڀ سامان سان ڪڇ روانا ٿيا.

افغاني لشڪر جي سردار مدد خان لشڪر کي سنڌ جي وسندين واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن کي ڦرلٽ ۽ مار ڌاڙ جي موڪل ڏئي ڇڏي. (موڪل ڏيڻ جي دير هئي، افغاني لشڪر سنڌ ۾ رڻ ٻاري ڏنو.) سڪين ستاين ڳوٺن کي ڦري لٽي ڀڙڀانگ ڪيائون. ساداتن ۽ ويچارن غريب مسڪين ماڻهن ۽ الله تعاليٰ جي عام خاص خلق کي ڦري ماري، اڌ مئو ڪري ڇڏيائون. ماڻهو

پينو فقيرن وانگر ماني ڳيپي لاءِ پريشان ۽ دربدر ٿي ويا. جڻ تہ سنڌ ۾ آسماني آفت اچي ڪڙڪي آهي. گويا ڪاري قيامت برپا ٿي هئي. مير صاحب اتان ڪوچ ڪري عمرڪوٽ ڏانهن رخ رکيو. بلوچن کي اجازت ڏنائون. چاڪاڻ تہ ڳوٺ "نصرپور" ۽ "سيدما" (؟) ۾ اتي ونن گهڻا ماڻهو هئا. مقصد تہ افغاني لشڪرين گهڻن ئي وسندين واهڻن کي خوب ڦريو لٽيو. غريب مسڪين ماڻهن سان طرحين طرحين جون تعديون ۽ ظلم ڪيا. ڪوبہ ماڻهو انهن جي ظلم زبردستي ۽ ڏاڍ ڏمر کان بچي نہ سگهيو.

## مير فتح خان جو عمرڪوٽ ۾ قيد ٿيڻ ۽ پڇي وڃڻ:

ان دوران مير عبدالله ٽالپر (ميان صاحب ۽ مدد خان افغاني لشڪر سان) لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. جيتوڻيڪ مير فتح خان ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪيو ٿي. مير پنهنجي ماڳ تان منزلون ماريندا عمرڪوٽ ڏانهن رخ رکيو پئي آيا. بادشاهي لشڪر ۽ سردار مدد خان افغان پاڻ سر ميرن جي پٺيان ڪاهيندا ۽ ڊوڪيندا پئي آيا. ميرن کي بہ لشڪر اچڻ جي خبر پئي، سو مير صاحب اتان ٻارن ٻچن سان ٿر ريگستان رستي دائودپوٽن جي ملڪ ويا. البت مير فتح خان عمرڪوٽ جي قلعي ۾ تيار ٿي ويٺو هو. هوڏانهن افغان لشڪر اتي پهچي قلعي جو اهڙو سخت گهيرو ڪيو ۽ مار ماران ڪئي، جو ٻي واهہ نہ ڏسي، (مير فتح خان) پنهنجو وڪيل، سردار مدد خان جي خدمت ۾ موڪليو. قلعو حوالي ڪري، پاڻ هٿ ٻڌي خدمت ۾ اچي پيش ٿيو. سردار مدد خان مير فتح خان کي قيد ڪيو. افغاني لشڪر مير سان گڏ رهيل ماڻهن کي ماري ڪُٽي اڌ مئو ڪري ٿي ڇڏيو.

مير فتح خان ڏاهپ ڪري گهنور نالي بلوچ کي پنهنجي ڪٽ تي سمهاري اٽڪل سان پاڻ ٻاهر نڪري ويو . ٻاهر سواري بيٺي هئي، ان تي چڙهي پنهنجي واٽ ورتائين. جڏهن صبح جو پهريدارن کي مير فتح خان جي پڇي وڃڻ جي پروڙ پئي، تہ ٻوڙي وجهي سردار مدد خان کي ٻڌايائون. ڪاوڙ مان گهنور بلوچ جا ٻئي پير گوڏن تائين وڍي ڇڏي ڏنائون. افغاني لشڪر

عمرڪوٽ جي آسپاس ڦرلٽ شروع ڪري ڏني. گهڻن مردن، زالن ۽ ٻارن کي ڪٽي قيد ڪيائون ۽ گهڻن کي ماري ڇڏيائون.

عمرڪوٽ قلعي ۾ شيخ محمد محفوظ خان وڪيل جو پٽ شيخ قمر الدين خان قيد ٿيل هو. ان کي اتان ڪڍي، سردار مدد خان جي لشڪر سان گڏ ٺٽي شهر ۾ آندائون.

ديوان گدومل پنهنجن ماڻهن، مال اسباب ۽ مير صاحبن سان گڏ ٻهاولپور ويو. سنڌ ملڪ مدد خان جي لشڪر جي ڦرلٽ هٿان ويران پريشان ٿي ويو. البت درياءَ جو ٻيو ڇاڀلو پاسو - جيئن چاندڪي پرڳڻي جي منڍ کان وٺي سيوهڻ کان وينديون ننگر ٺٽي تائين ۽ شاهه بندر - الله تعاليٰ جي مدد ۽ حفاظت سان ڦرلٽ ۽ مار ڌاڙ کان محفوظ رهيا.

ميان عبدالنبي سنڌ ۾ تعلقن جا عملدار نهايت سخت ظالم ۽ بي رحم مقرر ڪيا. جن ننگر ٺٽي ۽ شاهه بندر ۽ انهن جي آسپاس زوري ظلم زبردستي سان محصول ٿي اڳاڙيو ۽ مٿي حڪومت جي خزاني ۾ ٿي پهچايو.

## مدد خان جو خدا آباد اچي ويهڻ، ميان کان خرچ طلبڻ ۽ پنهنجي ملڪ موٽي وڃڻ:

اهڙي طرح پاڻ مدد خان عمرڪوٽ فتح ڪرڻ کان پوءِ رهيل سنڌ ڏي متوجه ٿيو. اتان هلي هالا ڪنڊيءَ جي ويجهو خدا آباد ۾ ميان صاحب (عبدالنبي) جي رهڻ واريءَ خاص جاءِ ۾ اچي ويهي رهيو. ڪجهه ڏينهن اتي هئا. مدد خان ملڪ ۾ ايذي ظلم ۽ ستم، ڦرلٽ ڪرڻ کان پوءِ به ماٺ نه ڪئي ۽ ميان صاحب عبدالنبي کان واعدي موجب لکيل ٻيا پيسا ڏوڪڙ به گهريا. (ملڪ ۾ باقي بچيو ڇاهو؟) جڏهن ميان صاحب کان مدد خان سان واعدي موجب خرچ ڏيڻ جي سرانجامي يا پورائو نه ٿي سگهيو ته لاچار ميان صاحب، سردار مدد خان کي موڪل ڏني ۽ پاڻ داؤد پوٽن جي سرحد تائين ساڻس گڏيو ويو ۽ اتان موڪلائي سنڌ موٽي آيو.

## ميان عبدالنبي جي اُجڙيل سنڌ تي بادشاهي ۽ ميرن سان ناهه:

ميان صاحب خدا آباد جي پراڻي شهر کي نئين سر آباد ڪرڻ جي رٿا ڪئي. پنهنجي لشڪر کي هرطرف کان گڏ ڪرڻ ۽ موڪلڻ جو بندوبست ڪيو. مير عبدالله ۽ مير فتح خان کي لکيو تہ:

"خدائي تقدير پٽاندر اهو جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي گذريو
ان تي ڪنهن جو وس ڪونہ هو."

پوءِ پنهي ڌرين جي وچ ۾ وڪيل اچي پيا. قرآن شريف تي قسم کڻي واعدو ڪيائون، تہ پنهي طرفن کان الله جي ڪلام قرآن شريف جي قسم تي عمل ڪندا.

ان ناهہ ڪري مير عبدالله، مير فتح خان، مير مرزو ۽ ڪجهہ بلوچ اڳواڻ خدا آباد ۾ آيا ۽ ٻيا بلوچ پنهنجن ديرن ڏي روانا ٿي ويا. رڳو ميرن جا اڳواڻ خدا آباد ۾ رهيا. اهي روزانو ميان عبدالنبي جي دربار ۾ ويندا هئا ۽ قسم تي پورو ڀروسو ٿي رکيائون.

## ميان عبدالنبي جو ٻُڍي دربان جي چوڻ تي ميرن جي اڳواڻن کي مارائڻ:

ميان صاحب جو نالي ٻُڍو دربان هو. ان ميان صاحب کي صلاح ڏني تہ: "اهڙو وقت وري هٿ نہ ايندو ڇاڪاڻ تہ بلوچن جا لشڪر پنهنجن ماڳن ڏي روانا ٿي ويا ۽ هتي رڳو اڳواڻ حاضر آهن. سيني کي مارائي ڇڏجي، تہ جيئن هنن جو فتنو هميشہ لاءِ ختم ٿي وڃي." انهي ڳالهہ کي ڳجهو رکيائون.

هڪ ڏينهن مير صاحب تہ قسم جي ڪري بنا ڳڻتي اتي ويٺا هئا. پر آسماني غضب جي تلوار مٿان آئي; جنهن سيني ميرن کي شهادت جي درجي تي پهچايو. ان ڪري فتنو ڪڙو ٿي ويو. بلوچ هن درد ناڪ واقعي جي ڪري اچي گڏ ٿيا. وڏو لشڪر وٺي اچي پهتا. مير سهراب، مير ٺارو پٽ مير فتح خان ۽ مير مرزي جو پٽ مير باگو ۽ ٻيا بلوچ لشڪر وٺي جنگ لاءِ

تيار ٿي آيا. ڇاڪاڻ تہ هن درد ناڪ واقعي جي ڪري، ڇڻ تہ سنڌن وات رت سان پرجي ويا هئا.

## هالاڻي واري جنگ (ڪلهوڙن جي هار ۽ ميرن جي فتح):

قضا الاهيءَ سان هن دکدائڪ واقعي کان پوءِ حڪومت سنڌ جي تخت تي ويهڻ واسطي مير فتح علي خان لاءِ اهي سڀ اسباب موجود ٿيا.

محمد حسن ڪهاوڙ ڪلهوڙن جي طرفان بلوچن جي هن جنگ ۾ اهم ذميواري سنڀالي ۽ تلوار ڪلنگي، خلعت وغيره عزت طور مليس. ڪنڊياري (ويجهو) هالاڻي جو ماڳ لڙائي جو ميدان مقرر ٿيو ۽ خوفناڪ لڙائي شروع ٿي. محمد حسن ڪهاوڙ لڙائي ۾ مڙسيءَ سان وڙهيو ۽ زبردست لڙائي لڳي. محمد حسن ڪهاوڙ شهادت جو شربت پيتو يعني جنگ ۾ مارجي ويو.

جنگ هلندي ساڳيو ٻڍو دربان (جنهن ميان صاحب کي ميرن کي يڪجاءِ مارڻ جي صلاح ڏني هئي) ميان عبدالنبي کي چوڻ لڳو تہ : "محمد حسن ڪهاوڙ بلوچن جي لشڪر سان ملي ويو." — هتي هيءَ ڳالھ چوڻ ئي مناسب ناهي — هتي ڪلهوڙن جي ماٺهن جنگ هارائي، رات جو ڀڄڻ جي واٽ ورتي. فتح ۽ ڪاميابي مير صاحبن کي نصيب ٿي.

## ميرن هٿان حيدرآباد قلعو فتح ٿيڻ:

(مير صاحبن هالاڻي جي جنگ کٽي) اچي حيدرآباد جي قلعي کي گهيرو ڪيائون.

منو نظاماڻي بلوچن جي لشڪر سان قلعي کان ٻزي ٿي ويٺو. شالمين شيدي قلعي ۾ اندر قيد ٿيو. قلعي ۾ اندر جيڪي توبون پيل هيون. انهن جو اڳواڻ مرڙاڻي نولي ملان هو. ان نمڪ حرامي ڪري قلعي جي ديوار جي پير ۾ جنهن ڪوٺيءَ ۾ بارود پيل هو ان کي باھ ڪٽي ڏني، تہ (بارود جي ڌماڪن سان) قلعي جي ديوار ڪري پئي. ان قلعي جي ديوار

ڪرڻ جو ايڏو زوردار ڌماڪو ٿيو. جو ان ڌماڪي جو آواز ٽن ڪوهن تائين ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ايئن حيدرآباد قلعو فتح ٿيو. قلعي مان تمام گهڻو مال ملڪيت، ساز سامان بلوچن جي خدمتگار حاجي احمد ۽ ٻين ڪي هٿ آيو.

## سنڌ ۾ ڏڪار:

هن دوران آسمان مان مصيبت تي مصيبت نازل ٿي. سنڌ ملڪ ۾ اهڙو ڏڪار پيو جو وڏي ڄمار جي جهونن ماڻهن بہ پنهنجي عمر ۾ اهڙو ڪارو ڏڪار نہ ڏٺو هو. هزارين ماڻهو بُک وگهي مري ويا ۽ اناج تمام گهڻو مهانگو ٿي ويو جو ريئي نويو وڃي لڳو. مطلب تہ اناج ٿي اڻ لڀ ٿي ويو.

## مياں صادق علي ۽ مياں عطر خان

### ميرن طرفان ميان "صادق علي" جي تخت نشيني ۽ ان کان پوءِ ميان "عطر خان" جي مٿي تي پڳ رکڻ:

سال 1196هه/1782ع ۾ هالاڻي جي جنگ ڪلهوڙن هارائي ۽ ميرن جنگ کٽي ۽ مير صاحب حيدرآباد ۾ اچي گڏ ٿيا. هالاڻي جي جنگ کان پوءِ ميرن، ميان صادق علي ڪلهوڙي کي بادشاهي جي تخت تي ويهاريو. (ميان صادق علي ڪلهوڙو غالباً ميان يار محمد جي اولاد مان ميان غلام حسين جو پٽ هو.) ميان صادق علي هڪ سال کان ڪجهه وڌيڪ حڪومت جي تخت تي ويٺو پر هو هٿراڌو پڙهايل طوطي وانگي ٻين جي چوڻ تي پيي هليو. نيٺ ان کي لاهي ميان عطر خان جي مٿي تي حڪومت جي پڳ رکيائون، جيڪو ننڍي عمر جو هو.

### ديوان گدومل ۽ سيني بلوچن طرفان مير فتح علي خان کي سنڌ جو حڪمران مقرر ڪرڻ:

آخرڪار ديوان گدومل ۽ سيني بلوچن صلاح مشورو ڪيو ته هاڻي ڪلهوڙن مان بلوچن کي ڀلائي نه پهچندي، سو مناسب آهي ته، مير فتح علي خان رياست سنڌ جو حڪمران مقرر ٿئي.

# باب ڇهون

## ميرن جي صاحبي

### ميرن طرفان قسمر تي سنڌ جي ورهاست:

ميرن سنڌ کي حصن ۾ ورهائي، وچ ۾ قرآن مجيد جي قسمر تي چيائون تہ: "هڪ ٻئي جي صلاح مشوري سان حڪومت پيا هلائيندا." هر هڪ جو حصو الڳ ڪيائون.

لوهري پرڳڻو ۽ ان سان مليل جاگيرون مير سهراب خان جي حوالي ٿيون.

پرڳڻو چاچڪان ۽ ڪجھہ ڪڪرالي پرڳڻي جو حصو ۽ ڏاريجا جاگير واري حصي تي مير ٺارو خان ۽ مير باگو خان مقرر ٿيا.

باقي سڄي سنڌ جون جاگيرون مير فتح علي خان، مير غلامر علي خان، مير ڪرمر علي خان ۽ مير مراد علي خان جي حوالي ٿيون. هنن چئني ياٺرن ملڪ ورهائي، پنهنجين جاگيرن تي قبضو ڪيو ۽ چئني پنهنجن جدا جدا جاگيرن تي لشڪر وغيره مقرر ڪيو ۽ هڪ ٻئي جي صلاح ۽ ٻڌيءَ سان رهڻ ۽ حڪومت هلائڻ لڳا.

### دستور موجب ميرن جا افغان دربار ۾ وڪيل:

ميرن طرفان مير ابراهيم شاهہ وڪيل مقرر ٿي، (افغان) بادشاهي دربار ۾ روانو ٿيو جيڪو (ميرن لاءِ) سنڌ حڪومت جو فرمان حاصل ڪري ۽ خراج پيسن وغيره جو ضامن پيو.

اهڙي ريت قيصر خان نظاماڻي پڻ ڪجھہ وقت وڪالت جي عهدي تي رهيو. ان کان پوءِ ديوان گدو مل جو پاءُ جسبت راءِ، افغان بادشاهي ۾ وڪيل مقرر ٿيو. واعدي موجب هر سال جيڪو خراج وغيره موڪليائون ٿي، اهو افغان بادشاهہ قبول ٿي ڪيو.

## مير بجار جي نائبي دور ۾ غياز الدين جو سنڌ اچڻ ۽ ان جو مير بجار سان قرب ۽ سنڌ بابت ڏکايل شعر:

هندستان جي وزير نظام الملڪ جي اولاد مان غياز الدين خان (ڪلهوڙن جي زماني ۾) جڏهن مير بجار خان ڪلهوڙن جو نائب ۽ منتظم هو ان وقت اهو سنڌ ۾ آيو هو. مير بجار خان سان قرب ۽ مجلسون رهيس. ان سنڌ جي تباهي، بربادي ۽ مشڪل صورتحال بابت احوال لکيو هو. ان جا ڪجھ بيت هتي مختصر نموني طور ڏجن ٿا.

در سنده چہ فتنه و بلا شد
گوئي کہ قيامتي برپا شدا

چون سنده کہ مامن جهان بود
اي آه چہ گويمت چها شد؟

هرخانہ بہ خاک شد برابر
هر صاحب دولتي گدا شد

هر تاجوري برهنه برگشت
هر پاکاري برهنه پا شد

تا ناموران بہ بند رفتند
سر رشته صبر دل رها شد

مادر ز پسر پسر ز مادر
سر از تن و تن ز سر جدا شد.

منعم پي مشت آرد يک سير
سرگردان همچو اسيا شد

گل رويان را ز خار صحرا
خون کف پائي خود حنا شد

هر پرده نشين کنج عصمت
بي برقع مفجر و روا شد

زر ها بہ نثار حفظ جان رفت
جان ها بر آبرو فدا شد

رفت از همه هرچه درگرد بود
زين کونہ فلک گرہ کشا شد
يک ظلم نہ شد کہ شد دو صد ظلم
يک کار نہ شد کہ کارها شد
چيزي کہ بہ مومين روا شد
باالله کہ کار نا روا شد
براهل زمين عجب بلائي
يک مرتبه نازل از سما شد
دل خون شد زين ستميگر چند
هرچند کہ جمله از قضا شد
بي ستري طرفه آه صد آه
برسيدهائي پارسا شد
از امت مصطفي چه ظلمي
امروز بر آل مصطفي شد
امسال پس از هزار صد سال
احوال عراق رونما شد
جستم چو نظام سال تاريخ
از هاتف غنيم ندا شد
گاهي بنده اهليت بشنو
سلطنيک سنده کربلا شد.

[* سنڌ ۾ کھڙو فتنو فساد پيدا ٿيو آهي؟ ڄڻ تہ قيامت برپا ٿي آهي.

* جيئن تہ سنڌ جهان ۾ امن امان جو گهوارو هو. ڇا چوان، افسوس! جو ڇا مان ڇا ٿي ويو؟

* هر جُهگو جهڻ، هر گهر ڍهي سڙي مٽي پَٽ برابر ٿي ويو آهي. هر دنيا دولت وارو گداگر بنجي ويو.

* هر تاج ۽ ڇٽ رکندڙ پڳدار مٽي ۽ پيرين اگهاڙو ٿيو.

* ماڻهن جي دل مان صبر نڪري ويو.
* ماءُ، پٽ کان ۽ پٽ ماءُ کان، سس ڌڙ کان ۽ ڌڙ سر کان جدا ٿي ويا.
* هر ماڻهو اَن جي داڻي ڪڻي لاءِ سرگردان ٿيو.
* گلن جهڙن نازڪ بدن ماڻهن جا صحرا جي ڪنڊن سان هٿ پير بہ مينديءَ وانگر رت سان ڳاڙها ٿي ويا.
* اهڙي دکدائڪ صورتحال ٿي، جو پردي دار عورت جي مٿي تان پردو يا برقعو بہ لهي ويو.
* سون چاندي پيسو پنجڙ جان جي حفاظت تان گهور ٿي ويا ۽ جانيون وري عزت آبرو تان قربان ٿي ويون.
* هڪ ظلم تہ نہ ٿيو پر تمام گهڻا بہ سو ظلم ٿيا.
* هڪ ٿهري ڪم نہ ٿيو پر ڪيئي ڪم ظلم ٿيا.
* جيڪي ڳالهيون مومنن لاءِ روا هيون، الله جو قسم تہ ناجائز ڪم ٿيڻ لڳا.
* زمين وارن تي عجب مصيبتون جڻ تہ هڪڙو ئي دفعو آسمان تان اچي ڪڙ ڪيون.
* هن ظلم ستم کان دل خون ٿي وئي، جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهہ تقدير سان ٿيو.
* نيڪ پارسائن اهڙي بي پردگيءَ کان سوين آهون دانهون ٿي ڪيون.
* مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي امت کان هي ڪهڙو ظلم آهي؟
* جو اڄ مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي آل اولاد تي ٿي رهيو آهي،
* جڻ تہ يارهن سو سال اڳ وانگر عراق وارو واقعو رونما ٿيو آهي.
* "نظام" جڏهن هن احوال يا واقعي جو سال ڳوليم، تہ غيبي آواز ٿيو: سلطنت سنڌ جڻ تہ ڪربلا ٿي.]

## ميان عبدالنبي(؟) جو آخرڪار جوڌر پور ضلعي ۾ رهڻ ۽ زماني جي رنگا رنگي ڏسڻ:

هالاڻي جي جنگ ۾ شڪست، حيدرآباد جي قلعي فتح ٿيڻ ۽ ميان عبدالنبي جي مال ملڪيت برباد ٿيڻ کان پوءِ واهر واسطي وري افغان بادشاهہ جي خدمت ۾ ويو ۽ ڪجهہ ڪلهوڙا ديرن ۾ هئا.

ميان صاحب جي پٽ محمد عارف ديره جات يا ديرن ۾ ملتان جي افغانن جي جنگ ۾ شهادت جو درجو ماڻيو. (؟)

ان کان پوءِ ميان صاحب ملڪ جوڌپور ۾ مها راجه بجي سنگهہ جي خدمت ۾ آيو. ميان صاحب سيني جي زور تي گهڻو ئي زندگي جي ٻيڙي کي خشڪي تي ڌِڪيو ۽ گهڻو حيلو هلايو پر جڏهن غيبي امداد واهر نہ ڪئي، تہ لاچار سڪوت ۽ صبر ڪيو يعني قضا جو ڪم سمجهي، رضا تي راضي رهيو. جوڌرپور ضلعي ۾ ئي رهائش پذير ٿيو. زماني جي رنگارنگي گردش ۽ بي وفائي کي ڏسڻ لڳو:

آن قصرکہ باچرخ همي زد پهلوي،
بر درگه او شهان نهاندي رو.

ديديم کہ کنگره اسن فاختہ،
نبشت و همي گفت کہ کوکو کوکو.

*

اي عزيز دنيا گرداب فنا است،
و اهل دنيا حباب آن گرداب!

[اها ماڙي محلات جيڪا بلندي ۾، چڙ تہ آسمان سان ٻهچي ٿي؛ ان جي حضور يا بارگاهہ ۾ بادشاهہ بہ جهڪي سلام ڪن ٿا. ڏٺم تہ ان محلات جي ڪُنگري تي ڳيرو ويهي، گهو گهو گهو گهو ڪري چوڻ

لڳو: "اي پيارا! دنيا فنا جو ڪُن آهي ۽ دنيا وارا ان ڪُن جو ٻوڙيو يا پاٽي جو ڦوٽو آهن."]

هيءَ دنيا آرام ۽ قرار جي جاءِ نہ آهي. جڏهن تہ وڏو لشڪر سپاهہ رکندڙ صاحب اقتدار وڏي شان مان وارا بادشاهہ قافلي در قافلي وانگر رات ڏينهن روان دوان آهن، تہ ٻين سيني شين ۽ ماڻهن کي بہ ايئن فنادر فنا ڄاڻڻ گهرجي. هن فاني جهان جي ڳالهہ کي سمجهہ. جو وقت پاڇي وانگر جلد لڙندڙ ۽ فرصت بہ ٿوري آهي.

## رومي جي رهاڻ:

مولوي رومي بہ مثنوي ۾ چيو آهي:

هرکہ باشد دائما در ياد او
ياد حق هر دم بود ازشاد او

گر تو در ياد خدا باشي مدام
ميشوي اي جان من مرد تمام

آفتابي هست پنهان از بر ابر
بگذر از ابرونما رخ همچو بدر

اين تنت ابري است دري آفتاب
ياد حق مي دان همين باشد جواب

هرکہ واقف شد ز اسرار خدا
هر نفس جز حق ندارد مدعا

حق چه باشد باد آن يزدان پاک
کي نداند قدر او بر مشت خاک

داروئي هر درد را ياد خدا ست
زانکہ در هر حال ياد حق دوا ست

مرشد کامل همه را آرزو
غير مرشد کس نيابد ره بدو

بندگي کن بندگي کن بندگي
زندگي بي بندگي شرمندگي

شرم کن ها شرم کن هاشرم کن،
اين دل چون سنگ خود رانرم کن.

[* سڀ جيڪو هميشه ان الله تعاليٰ جي ياد ۾ هوندو تہ حق جي ياد مان بہ کيس هر دم شادماني خوشي ملندي.

* جيڪڏهن تون هميشه الله تعاليٰ جي ياد ۽ ذڪر ۾ مشغول هوندين تہ اي پيارا ! تون مرد ڪامل بنجي ويندين.

* سچ، جُهڙ ۾ لڪل آهي، جهڙ کان اڳتي نڪري، چوڏهين جي چنڊ جهڙو مُنهن ڏيکار.

* هي تنهن جو بدن جُهڙ يا بادل آهي، ان ۾ روح سج وانگر مخفي آهي.

* الله تعاليٰ جي ياد بہ ان وانگر چاڻ، اهو ئي ان جو جواب آهي.

* جيڪو بہ الله تعاليٰ جي رازن کان باخبر واقف ٿيو تہ ان جو هر پساهہ الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ياد کان سواءِ نہ کڄندو....

* هر درد جو دارون الله تعاليٰ جي ياد ۽ ذڪر آهي.

* چاڪاڻ تہ هر حال ۾ الله تعاليٰ جي ياد دوا بہ آهي.

* سيني ۾ ڪي ڪامل مرشد جي تلاش ۽ آرزو هجڻ گهرجي، جو مرشد کان سواءِ ڪنهن بہ ان جي وصال جي واٽ نہ لڌي آهي.

* پانهپ ۽ عبادت ڪر عبادت ۽ بندگي ڪر. بندگي ۽ عبادت کان سواءِ زندگي شرمندگي واري آهي.

* شرم حيا ڪر ادب احترام ڪر پنهنجي پٿر جهڙي سخت دل کي ذڪر ۽ عبادت سان نرم ڪر!]

## ميان عبدالنبي جي ڪوڙي وڏائي:

جنهن وقت مير عبدالله ٽالپر، مير فتح خان ٽالپر ۽ مير مرزي ٽالپر حيدرآباد ۾ شهادت جو رتبو ماڻيو. ميان صاحب (عبدالنبي) ٻُڌي ناليءَ دربان کي چيو ته: "هينئر دل جي مراد ماڻيم. جو بلوچن جي اڳواڻن مان ڪوبه باقي نه ڇڏيو اٿئون، باقي به ٽي چار بچيا آهن، انهن کي به بنا ڏڙڪ جي مارائيندس."

وڏائي الله واحد کي جڳائي، جيئن شاعر چيو آهي:

مر او را رسد کبريا و مني،
ڪه ملڪش قديم است ذاتش غني.[1]

[وڏائي ۽ ڪبريائي خاص الله تعاليٰ خالق مالڪ کي جڳائي ٿي، جو ان جو ملڪ يا بادشاهي به قديم ۽ ذات شاهوڪار بي پرواهه آهي.]

---

[1] هن شعر تي ڊاڪٽر غلام محمد لاکي ۽ محمد پنهل ڏهر جا عڪسي نسخا پورا ٿيا. اهي ٻئي نسخا مرحوم مرزا عباس علي بيگ، ٽنڊو آغا حيدرآباد جي قلمي نسخي جا عڪس آهن.
محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اصل عڪسي نسخي ۾ ڪاتب جي نوٽ کان علاوه پنج صفحا وڌيڪ شامل آهن. انهن صفحن ۾ ميرن ۽ انگريزن جي جنگ جو احوال شامل آهي- مترجم

## ميرن جي پهرين چوياري

### 1. مير فتح علي خان ٽالپر:

مير فتح علي خان ٽالپر سن 1194هه/1780ع(؟) ۾ سوتياري (؟) جي جاءِ تي دستار ٻڌي. سنڌ حڪومت جي تخت تي ويٺو ۽ سال 1217هه/ 1802ع ۾ هن جهان مان موڪلائي ويو.

### 2. مير غلام علي خان ٽالپر:

ان کان پوءِ مير غلام علي خان ٽالپر، محرم مهيني 1217هه/ 1802ع ۾ حيدرآباد سنڌ جي حڪومت جي تخت تي ويٺو ۽ ربيع الثاني مهيني 1227هه/ 1811ع ۾ وصال ڪيو.

### 3. مير ڪرم علي خان ٽالپر:

ربيع الثاني مهيني 1227هه/ 1811ع ۾ ٺي مير ڪرم علي خان ٽالپر حيدرآباد سنڌ جي تخت تي ويٺو. مهيني جمادي الثاني سال 1244 هجري/ 1828ع ۾ هن فاني دنيا مان گذاري ويو.

### 4. مير مراد علي خان ٽالپر:

مهيني جمادي الثاني 1244هه/ 1828ع ۾ ٺي مير مراد علي خان ٽالپر سنڌ حڪومت جي تخت تي ويٺو ۽ مهيني جمادي الثاني 1249هه/ 1833ع ۾ وصال ڪيو. ان کان پوءِ مير موصوف جو لائق فرزند مير نور محمد خان مهيني جمادي الثاني 1249هه/ 1833ع ۾ حيدرآباد سنڌ جو تخت نشين ٿيو.

## ميرن جي ٻي چوياري

(جيئن ته مير ڪرم علي خان ٽالپر کي اولاد ڪونه هو ان ڪري باقي ميرن جي ٻي چوياريءَ جو احوال هتان شروع ٿئي ٿو.)

1۔ مير صوبدار خان پٽ مير فتح علي خان ٽالپ

2۔ مير محمد خان پٽ مير غلام علي خان ٽالپر

3۔ مير نور محمد خان پٽ مير مراد علي خان ٽالپر

4۔ مير محمد نصير خان پٽ مير مراد علي خان ٽالپر.

هِنن چئني ميرن قَسم سان قرآن شريف وچ تي رکي، سنڌ ملڪ کي چئن حصن ۾ ورهايو ۽ هر هڪ مير صاحب کي علحده سرڪار يا بادشاهي هئي ۽ لشڪر به پنهنجو پنهنجو الڳ هو.

### مير نور محمد ٽالپر جو احوال:

جيئن ته مير نور محمد خان فهم فراست وارو تمام سمجهدار ڏاهو ۽ داناءُ هو. ان ڪري ٻاهرين سوال جواب ۽ ڪم ڪار بابت ٻين حڪومتن جي بادشاهن يا والين سان لڳ لاڳاپو ۽ اختيار به ميان نور محمد خان ٽالپر کي مليل هو. چاڪاڻ ته هر ولايت ۾ مير صاحب جو نالو سج وانگر روشن ۽ گهڻو مشهور هو. ان پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن شاهي شان ۽ بادشاهي مان سان حيدرآباد سنڌ جي تخت تي ويهي گذاريا. مير صاحب مهيني شوال 1256 هه – 1840ع ۾ هن فاني دنيا مان موڪلائي، هميشه واري جهان ڏي هليو ويو.

### مير شهداد خان پٽ مير نور محمد خان ٽالپر:

ان کان پوءِ مير نور محمد خان ٽالپر جي وڏي پٽ مير شهداد خان ٽالپر والد جي دستار پنهنجي مٿي تي ٻڌي.

### مير محمد نصير خان ٽالپر:

مير محمد نصير خان ٽالپر مهيني شوال 1256 هجري – 1840ع ۾ حيدرآباد سنڌ جي بادشاهي تخت تي ويٺو (مير نور محمد خان ٽالپر وانگر) ٻين حڪومت جي بادشاهن سان بادشاهي جي ٻاهرين ڪم ڪار

۽ سوال جواب، لڳ لاڳاپو ۽ اختيار بہ مير محمد نصير خان ٽالپر جي ناليِ هو. چاڪاڻ تہ پاڻ نهايت ناميارو مير هو.

## مير علي مراد خان پٽ مير سهراب خان ٽالپر خيرپوري:

جڏهن تہ مير سهراب خان عليه الرحمة جو پٽ مير علي مراد خان پنهنجي برادريءَ سان دشمني رکندو هو.

## نيپئر جو سنڌ اچڻ:

(شايد ان ڪري) اتر طرف کان جرنيل نيپئر صاحب بهادر پنهنجي فوج سوڌو مير (علي مراد خان ٽالپر) جي مدد گيريءَ لاءِ سهيو سنبريو ٿي آيو.

انهيءَ ڪري خيرپور جا (ٻيا) مير صاحبان خوف ۽ هراس کان مُنهن ڪري وٺي ڀڳا ۽ سڌو اچي مير محمد نصير خان وٽ حيدرآباد پهتا. سنڌ جا سڀيئي امير همت ٻڌي، انگريزن سان جنگ لڙڻ لاءِ سنبري تيار ٿيا. جيئن تہ جرنيل نيپئر حيدرآباد جي ميرن ڏانهن پڻ فوج سان گڏ منزلون هٽندو پي آيو.

## ميرن جو اندروني اختلاف ۽ مير محمد نصير خان جو لڙائي ڪرڻ کان احتياط:

جڏهن تہ مير محمد نصير خان، بلوچن جي (اندروني اختلاف ۽) احوال جي پيش نظر لڙائي ڪرڻ جي حق ۾ نہ هو.

الله تعاليٰ جي تقدير ايئن هئي، جو انگريز بهادر جي فوج، مير برادريءَ جي اندروني اختلاف ۽ مير علي مراد خان ٽالپر جي مدد سان (جنگ ۽ قبضي لاءِ تڪڙيون) منزلون ماريندي پي آئي. ٻين مير صاحبن پڻ تلوار، سواري ۽ ٻي جنگي ساز سامان جو نالو بہ زبان تي نہ آندو.

## نيٺ مير محمد نصير خان ۽ مير شھداد خان ٽالپر جو نيپئر سان لڙائي لاءِ حيدرآباد قلعي کان ٻاھر اچڻ ۽ ڪاٽڙي وٽ منزل انداز ٿيڻ:

نيٺ مير محمد نصير خان ۽ مير شھداد خان ڏٺو تہ دشمن (انگريز) سندن دريا گھر ڏانھن ڊوڙندو ڏوڪيندو ٿو اچي ۽ (ٻين) بلوچن بہ همت ٻڌي. نيٺ لاچار (حيدرآباد جي) قلعي کان ٻاھر آيا ۽ حيدرآباد جي قلعي کان ٽن ڪوھن جي مفاصلي تي ڪاٽڙي (؟) جي جاءِ تي اچي لڙائي واسطي منزل انداز ٿيا.

## مير صوبدار خان ۽ مير مير محمد خان جو نيپئر انگريزسان ڳجھو رابطو:

مير صوبدار خان ۽ مير مير محمد خان جو ڳجھي طرح جنرل(نيپئر) صاحب بھادر سان رابطو هو ان ڪري اهي ٻئي قلعي کان ٻاهر بہ نہ نڪتا. (انگريزن سان ڳجھي نموني ساز باز ڪرڻ جي عيوض) مير صوبدار خان ٽالپر تہ ايئن ٿي سمجھيو تہ سرڪار انگريز بھادر جي طرفان سنڌ ملڪ جي پڳ اجھو ٿي منھنجي نالي مقرر ٿئي يعني ٻين ميرن کان حڪومت ڦُرجي، سنڌ جي بادشاهي مون کي ٿي ملي.

## ننڍن ميرن جي جنگي ناتجربيڪاري:

نيٺ چئني مير صاحبن جي سرڪارن طرفان مڙسي ڪري لڙائي واسطي فوج گڏ ڪيائون، پر وڏن جنگجو ميرن جي پونير مان، هنن ننڍن ميرن شھزادن پنھنجي ڄمار ۾، ڪڏهن بہ دشمن سان جنگ وڙهندي اکين سان تہ نہ ڏٺي هئي، پر لڙائي ڪنن سان بہ نہ ٻڌي هئي.

## ميرن ۽ انگريزن جي دوبدو لڙائي:

لڙائي وقت ٻنهي فوجن جو دوبدو مقابلو شروع ٿيو. جنگ جي شروعات ۾ سنڌ جي ڪجهه اميرن مهاڏو اٽڪايو ۽ مقابلو ڪيو پر شهادت جو رتبو ماڻيائون.

## ٻين ميرن اميرن ۾ ڀاڄ ۽ مُک ميرن جا سڏ واڪا:

سنڌ جا ٻيا سڀ امير پُٺي ڏئي وٺي ڀڳا. (مُک) مير صاحبن پنهنجن اميرن کي گهٽائي سڏ واڪا ڪري چيو تہ:

"اي بلوچو! ستن پيڙهين کان ڀائرن وانگر جاگيرون پي کاڌيون اَٿوَ ۽ انعام اڪرام ورتا ۽ مددون پي طلبيون اَٿوَ. ان ڪري هينئر بلوچي گهگهي جو ننگ رکي، تلوارن سان وڙهي ڏيکاريو ۽ اچي مقابلو ڪريو."

پر انهن نمڪ حرامين تڪي جو بہ لحاظ نہ ڪيو. وٺي ڀيرن تي زور رکيو ۽ پٺي جِند ڇڏاياڻون.

## ميرن طرفان جنگ هارائڻ جا سبب ۽ ميرن جِي هار ۽ انگريزن جي فتح ۽ ميرن جو قيد ٿي ولايت وڃڻ:

مقصد تہ الله تعاليٰ جي تقدير ۽ ميرن جي (پاڻ ۾ نااتفاقي) جنگي حڪمت عملي جي ڪمزوري ۽ سيني اميرن جو جنگ هلندي پُٺي ڏئي ڀڄي وڃڻ ڪري، سنڌ جي فوج شڪست کاڌي ۽ جنگ هارائي. سنڌ ملڪ جون واڳون سرڪار انگريز بهادر کي مليون. باقي سيني مير صاحبن کي قيد ڪري ولايت موڪلي ڇڏيائون.

# پُڇاڙي ۽ موڪلاڻي

## [ مصنف ۽ ڪاتب جو نوٽ ]

هيءُ نسخو (تاريخ سنڌ جو ڪتاب) ڪمزور بي مقدار نو پڻ مل پٽ منشي تنور سنگهه ٽنڊي مرحوم آغا اسماعيل شاهه تعلقي حيدرآباد جي رهاڪو هٿان لکجي پورو ٿيو.

هيءُ ڪتاب جناب نواب فتح محمد خان پٽ نواب حاجي ميان محمد خان لغاري تاجپوري جي ارشاد ۽ چوڻ تي تاريخ 26 مهيني جمادي الثاني 1292 هجري مطابق 18 جولاءِ 1876ع ۽ برابر سنڌي مهيني اڪاڙ سنبت 1926(؟) ۾ لکيو ويو.

دريغا ڪہ بي ما بسي روزگار
برويد گل و بشگفد نوبهار

[افسوس! جو پوئتي اسان جي تمام گهڻي اهڙي زندگي گذري، جو گلن جي ڦوٽن ڪي ڦُٽندي ۽ نئين بهار جي مُکڙين کي بہ ظاهر ٿيندي ڏٺوسون. مقصد تہ اهو سڀ ڪجهہ ڏسندا رهياسون، پر ان مان ڪجهہ نہ پرايوسون.]

بسا نيرودي ماه و اردي و بهشت
بيايد ڪہ ما خاڪ باشم و خشت

[مطلب تہ اسان کي گهڻو نوراني بڻايو ۽ بهشت پهچايو. هاڻي توهان بہ اچو جو اسان توهان لاءِ مٽي ۽ سرون ٿيون يعني نيڻ وڇائڻ ۽ توهان کي پليڪار چوڻ لاءِ سڪي رَهيا آهيون.]

تمت تمام شد، ڪارمن نظام شد

[مطلب تہ پورو ٿيو. منهنجو ڪم انتظام سان مڪمل ٿيو.]

# ڪتابيات

مصنف منشي نوپڙ مل تنور سنگهه ڪتاب "تاريخ سنڌ" فارسي ۾ هنن 25 ڪتابن جو حوالي طور ذڪر ڪيو آهي. هيٺ انهن ڪتابن جي الف – ب وار فهرست ڏجي ٿي:


1. اقبال نامه (فارسي) — از معتمد خان
2. اڪبر نامه (فارسي) — ابوالفضل
3. بوستان (فارسي) — از شيخ سعدي
4. پندنامه (فارسي) — فريد الدين عطار
5. تاريخ......
6. تاريخ ڏهه سالہ عالمگيري — (عالمگير نامه) منشي محمد ڪاظم
7. تاريخ طاهري (فارسي) — سيد طاهر محمد نسياني ٺٽوي
8. تاريخ معصومي (فارسي) — مير محمد معصوم بکري
9. تحفة الڪرام (فارسي) — مير علي شير "قانع" ٺٽوي
10. ترخان نامه (فارسي) — سيد مير محمد بن جلال ٺٽوي
11. جهان گير نامه (فارسي) — صادق خان/ ڀڳوان داس
12. چچ نامه (فارسي) — علي بن حامد ڪوفي
13. حاشيه جهانگير نامه (فارسي) — معتمد خان
14. ديوان حافظ (فارسي) — خواجہ شمس الدين شيرازي
15. ديوان شاهي (فارسي)
16. رقعات عالمگيري (فارسي)
17. سابق غزني جي تصنيف (فارسي)
18. ظفر نامه (فارسي) — فيضي
19. غياز الدين هندستاني جي شاعري (فارسي)

| | | |
|---|---|---|
| 20. | گلستان (فارسي) | شيخ سعدي |
| 21. | مثنوي رومي (فارسي) | جلال الدين رومي |
| 22. | مجمع البحرين | دارا شڪوه |
| 23. | منهشور الوصيت (فارسي) | ميان نور محمد ڪلهوڙو |
| 24. | نادر نامه (فارسي) | منشي نوپت مل تنور سنگهه |
| 25. | يوسف زليخا (فارسي) | عبدالرحمن جامي |

# ڏسٽي

## ماڻهو، ماڳن، مڪانن، ادارن،
## ڪتابن ۽ نسخن جي

# ماڻهن جا نالا


آ

آدم شاهہ ڪلهوڙو 85
آدم عليه السلام 48
آڙو 133

ا

ابراهيم خان 115
ابوالفضل 47
ابوسمند خان 115
ابوشيخ 34
احمد خان لغاري، نواب 21
احمد خراساني، ميرزا 115
احمد شاهہ ابدالي 23، 67، 68، 117
احمد شاهہ دراني 98، 99
احمد يار خان ڪلهوڙو 91، 123
اختيار ڪهاوڙ 93، 110
ارسلان خان 137
ارغون 24، 37، 51، 52، 80، 82
اعظم خان، امير 88، 89، 90، 125
افغان 35، 36، 99، 107، 116، 134، 135، 137، 138
اڪبر بادشاهہ 42، 43، 44، 45، 46، 47، 48، 50، 52، 81
الله بخش (پاٽنيو راڄو ليکي) 123
الهداد چشتي 115
الهداد گجر 115، 134
الياس ڪلهوڙو 85
امام موسيٰ رضا ؓ 40
انگريز 17، 19، 22، 24، 68، 154، 155، 156
اوڊيجا 104
اورنگزيب عالمگير 33، 54، 55، 56، 57، 58، 59، 87، 88، 99
اُورنگ قزلباش 65

ب

بابر 34، 43
باگو، مير 144
بجار خان، مير 122، 130، 131، 132، 133، 134، 135، 145
بجسينگهہ راڄا 68، 131، 133، 137، 148
بروهي 93
برهمڻ 77
بلوچ 93، 99، 107، 112، 113، 114، 120، 122، 123، 125، 126، 130، 131، 134، 135، 136، 137، 138، 140، 141، 142، 143، 151، 154، 155، 156

بهادر خان دائودپوٽو 106، 107
بهادر شاهہ 59
بهاول خان دائودپوٽو 68
بهرام، مير (مير بهرام ٽالپر) 93، 106، 107، 110، 112، 113، 114، 117، 119، 120، 122، 123، 124، 126
بيبرق بروهي 136
بيرم خان 48، 49

ٻ

ٻالچند ٺٽوي 124، 131، 134
ٻالڪ رام، منشي 110، 133
ٻيو دربان 140، 141، 151
ٻيلومل، ديوان 118

ڀ

ڀانومل، ديوان 103، 118

ت

تاجو سامٽيو 129، 130
تاجو کهاوڙ 130
تاجو ليڪي 129، 131
ترخان 24، 37، 80، 82
تنور سنگهہ منشي 18، 21، 22
توڏرمل 47
تيمور شاهہ 22، 23، 24، 33، 117، 134، 135

ٽ

ٽالپر 23
ٽوپڻ مل، منشي 17، 18، 21، 22، 23، 65، 69، 96

ٿ

ٿارو غلام 126
ٿارو ڪاسائي 103
ٿارو، مير (بن مير فتح علي خان) 140، 144

پ

پائنده خان 137
پنهور 85، 86
پيروز، ڄام 122، 125
پيروز پتافي 129، 130، 131

ج

جاڙيجا 68، 112
جامي 18، 24
جانوري 127
جت 93، 112
جسبت راءِ 144
جسونت سنگهہ راجپوت، مهاراجہ 55، 57
جمالي 120
جوکيا 92، 100، 112

ڄ

ڄام 80
ڄام بجار 100
ڄام تماچي 70، 71، 72
ڄام جوڻو 70، 71
ڄام ننڍو 70
ڄام ننڍو ٽالپر 93

جهہ

جهانگير 52، 53

### چ

چچ 24
چچ برهمڻ 73، 74
چليتي راجا 100
چنيسر 69
چيلارام سيوهاڻي، ديوان 110

### ح

حاجي احمد 142
حاجي عطائي افغان 107
حافظ 18، 24، 58
حجاج بن يوسف 76، 78، 79
حسام الدين راشدي، سيد 23
حسن علي 106، 111
حسن ڪهاوڙ 130، 141
حسين مرزاڻي 123، 126
حضرت پير دستگير رح (شيخ عبدالقادر جيلاني) 76
حڪيم عبدالهادي 112
حميده بيگم 42، 44

### خ

خان خانان وزير ثاني 50، 51، 52، 81، 82
خان دوران 61، 62
خداداد خان ڪلهوڙو 91

### د

داراشڪوه 54، 55، 56، 57
داني راءِ 43
دائود پوٽا 106، 107، 111، 138، 139
دائود ڪلهوڙو، ميان 94، 95، 96
دل 104
دلوراءِ 23، 24، 72، 73
دودو 69
دين محمد ڪلهوڙو، ميان 86، 87

### ڏ

ڏاهر راجا 24

### ر

راجا بيربل 47
راجا راءِ گوهر 113
راجپوت 55، 56، 57، 72، 73، 137
راڄو ليڪي 93، 110، 111، 120، 125، 127، 128، 129
راڻو اجمال 100
راءِ سهاسي 73، 74
رحيم بخش قمر لاڪو 25
رستم (پهلوان) 135
رفيع الدرجات 59، 60
رفيع الدولہ 59، 60
رومي 24

### س

سابق غزني 43
سادات 137
سرائي 89، 93، 96، 104، 105، 106، 110، 127
سرفراز ڪلهوڙو، ميان 117، 118، 119، 120، 122، 123، 124، 125، 126، 127، 131

سعدي شيرازي 18، 24، 67
سلطان سامٽيو 92
سلطان محمد 34
سليم افغان 35
سليم شاهہ 44، 45
سما 20، 23، 24، 69، 72، 73، 80
سوائي سنگهہ راجپوت 136، 137
سومرا 20، 23، 24، 69، 80
سوهندي راڻي 73
سهراب خان، مير 144
سهسي راءِ 72

ش

شاهہ الله بخش 110، 131
شاهہ بهارو 93، 94، 106
شاهجهان 53، 54، 56
شاهہ حسن ارغون 24، 80
شاهہ شجاع 54
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي 25
شاهہ عنايت الله، صوفي 88، 89، 90
شالمين شيدي 136، 141
شاهل محمد 85
شاهہ مراد شيرازي 70
شاهہ ولي خان 108
شهادت خان 61، 62
شهداد خان ٽالپر، مير 87، 89، 90، 93، 155
شهداد خان ٽالپر، مير (بن مير نورمحمد خان ٽالپر) 153
شيخ شڪرالله سيوهاڻي 99، 100
شيخ عزيزالله سيوهاڻي 99
شيخ قمرالدين خان (بن شيخ محفوظ) 139
شيخ محفوظ 116، 134
شير خان 35
شير شاهہ افغان 37، 44، 45

ص

صادق علي خان ڪلهوڙو، ميان 83، 91، 99

ع

عباس علي 106، 111
عبدالله خان ٽالپر، مير (بن ميربجار) 136، 138، 140، 151
عبدالرسول قادري 25
عبدالنبي، ميان 91، 130، 131، 132، 133، 134، 136، 137، 139، 140، 141، 148، 151
عرب 23، 24، 76، 77، 80
عزت يار خان 134
عطر خان ڪلهوڙو 91، 106، 107، 108، 127، 131، 143
عظيم، سيد 116
علي مراد خان، مير 154
علي مراد خان، مير (بن مير سهراب خان ٽالپر) 154
عمر شيخ 34

غ

غازي خان 115

غلام حسين ڪلهوڙو، ميان 143
غلام حيدر سنديلو 125
غلام رسول مهر 111
غلام شاهه ڪلهوڙو، ميان 19، 91، 97، 105، 107، 108، 109، 110، 111، 112، 113، 114، 115، 116، 117، 118، 119، 120، 121، 127، 131
غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر 21، 22، 28، 29، 151
غلام علي خان ٽالپر، مير 19، 144، 152
غلام نبي ڪلهوڙو، ميان 91، 106، 129، 130، 131، 133
غيازالدين خان 145
غيبي خان چانڊيو 126

**ف**

فتح علي خان ٽالپر، مير 19، 125، 126، 136، 137، 138، 140، 141، 143، 144، 151، 152
فتح محمد خان لغاري تاجپوري، نواب 17، 19، 21، 23
فرخ سير 59، 60
فردوسي 24
فريد بن صديق 120
فيضي (سنڌي) 47

**ق**

قيصر خان نظاماڻي 144

**ڪ**

ڪلمتي 92
ڪلهوڙا (عباسي) 17، 18، 19، 22، 23، 24، 83، 85، 86، 87، 88، 91، 93، 94، 98، 99، 101، 127، 130، 131، 132، 141، 143، 145، 148

**ک**

کوسا 126، 134، 136

**گ**

گدومل، ديوان 98، 107، 110، 114، 116، 118، 119، 120، 127، 135، 136، 139، 143، 144
گدومل، ديوان (پيو) 118
گروگوبند سنگهه 68
گل محمد خراساني 100
گنج بخش، پير 115
گندرا ملاح 70

**گھ**

گھنور بلوچ 138

**ل**

لطف الله، مير (عرف مير متارو) 97
ليليٰ 44

**م**

مبارڪ دائود پوٽو 111، 117
مٺو نظاماڻي 141
مجنون 44
محمد بن قاسم 23، 76، 77، 78، 79

محمد پنهل ڏهر 30، 31، 151
محمد خان (بن غلام شاهہ کلهوڙو) 127، 128، 129
محمد خان لغاري تاجپوري 21
محمد شاهہ 60، 61، 62، 63، 66، 68، 83
محمد عارف (بن ميان عبدالنبي خان کلهوڙو) 148
محمد مرادياب خان 91، 97، 101، 103، 104، 105، 106، 111، 121، 126
مخدوم نوح (هالہ کنڊي) 50، 51
مدد خان 137، 138، 139
مراد بخش 52
مراد گنجو 93، 94
مرزا باقي خان ترخان 80، 81، 82، 91
مرزا ڪامران شهزادو 43، 44
مري 106، 107
مصطفيٰ ﷺ 147
معتمد خان 52
معزالدين 86
مغل (چغتہ) 23، 91، 92
مقصود شاهہ 106
ملا شاهہ ڪشميري 54
ممونہ 113
منصور 90
مونومل، ديوان 87، 88
مير 17، 18، 19، 22، 24، 125، 136، 138، 140، 141، 143، 144، 152، 153، 154، 155، 156
مير ابراهيم شاهہ 144
ميران شاهہ 33
ميرزا غازي ترخان 80
ميرزا محمد ذکي بيگ 22
مير سهراب 140
مير صوبدار 123، 155
مير صوبدار خان (بن مير فتح علي خان ٽالپر) 153
مير عبدالله بروهي 93، 94
مير عبدالرزاق (مير حڪيم عبدالرزاق) 94، 95، 96
مير علي شير قانع ٺٽوي 52
مير ڪرم علي خان ٽالپر 144، 152
مير نصير خان بروهي 68، 130، 136
مير نورمحمد ٽالپر 153
مير محسن ٺٽوي 102
مير محمد خان 155
مير محمد خان (بن مير غلام علي خان ٽالپر) 153
مير محمد، ميان (بن ميان سرفراز ڪلهوڙو) 127، 131
مير محمد نصير خان (بن مير مراد علي خان ٽالپر) 153
مير مراد علي خان 144، 152

مير مرزو 140
مير مرزو (بن مير باگو)، 140، 151
مير نورمحمد خان (بن مير مراد علي خان ٽالپر) 153
ميمون بقال 44، 45، 46

**ن**

نادر شاھ 18، 20، 23، 60، 61، 62، 63، 64، 65، 66، 67، 83، 97، 98، 101
نارھ سين (تانسين) 47
ناصرالدين وڪيل 115
نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 18، 21، 22، 23، 26، 27، 151
نصير خان ٽالپر، مير 153، 154، 155
نصير محمد ڪلهوڙو، ميان 86، 93
نظام الملڪ 60، 61، 145
نورجهان بيگم 52
نورمحمد بابر 134، 135
نورمحمد ڪلهوڙو، ميان 64، 85، 88، 91، 92، 93، 94، 95، 96، 97، 98، 99، 101، 102، 103، 152
نوري 70
نومڙيا 92
نيپئر، جرنيل 154، 155

**و**

وريو درس 100
وڪرما جيت 45
ولي محمد خان لغاري، نواب 21، 22، 23

**ھ**

همايون 34، 35، 36، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 43، 44، 45، 46، 47، 48، 50

**ي**

يارمحمد ڪلهوڙو، ميان 86، 87، 88، 89، 90، 96، 143
ياور حسين بيگ ميرزا 22

# ماڳن، مڪانن ۽ ادارن جا نالا


**ا**

احمد آباد 105، 106
اروڙ (الور) 73، 76
اڪبرآباد 68
انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي 23
اوڊيجا 107
ايران 20، 40، 60، 64، 65، 68

**ب**

بخشو مگسي، ڳوٺ 25
برندا درياهه 55
برهمڻ آباد 74، 75، 76، 77، 78
بغداد 20، 65، 76، 77، 78، 79
بلوچستان 93، 130، 136
بمبئي 68
بنگال 48، 53، 54
بهاول پور 68، 106، 139
بهرام پور 92

**ٽ**

ٽنڊو آغا اسماعيل شاهه 18، 21، 22

**ٺ**

ٺٽو 50، 51، 64، 67، 68، 70، 72، 76، 77، 80، 81، 82، 83، 88، 90، 91، 92، 99، 100، 101، 102، 116، 124، 139

**پ**

پارڪر 122
پاٽيپٽ 56
پڪو قلعو (حيدرآباد) 115
پنجاب 85
پنجاب يونيورسٽي لائبريري، لاهور 17
پيرسوائي 126

**ج**

جبل جارهه 112
جمنا ندي 36
جوڌپور 131، 133، 134، 148
جوريجي تلاءُ 71
جوڻ تعلقو 37، 42

**جھ**

جهوڪ 88، 89، 90

**چ**

چاچڪان پرڳڻو 37، 42، 118، 119، 144
چالڪ بند 136
چانڊڪو پرڳڻو 85، 93، 103، 139
چونيياري 137

**ح**

حيدرآباد 18، 21، 22، 23، 77، 115، 116، 117، 118، 126، 143، 151، 152، 153، 154
حيدرآباد قلعو 78، 115، 116، 118

حجاز مقدس (حرمين شريفين، مڪو ۽ مدينو) 48، 122، 130

### خ

خداآباد (دادو) 90، 92، 103، 126، 127، 139، 140
خراسان 33، 34، 37، 38، 39، 40، 41، 42، 43، 44، 64، 68، 93، 98، 99
خيرپور 154

### د

دادو ضلعو 92
درپيلو 80
دڙي مگسي (ديهہ) 25
دکن 53، 54، 55
دولت پور تعلقو 102
دهلي 23، 34، 35، 41، 45، 52، 56، 62، 71، 72
ديبل 76
ديرو اسماعيل خان 114، 115، 116
ديرو خاڻوٽ 113
ديرو غازي خان 114، 115، 116
ديري ڪاهہ 130
ديوي ڪوٽ 131

### ڏ

ڏاريجا 100، 144

### ر

راهمہ 92
روپاهہ 103، 115
روم 20، 65، 68
روهڙي 73
ريگستان 68، 99، 101، 131، 136، 137، 138

### س

سامتاڻي 92
ساموئي 77
سانگهڙ ضلعو 74
سرو 93
سڪرنڊ تعلقو 25
سکر (بکر، جو قلعو) 37، 52
سنڌ 16، 17، 19، 20، 22، 23، 24، 25، 33، 37، 50، 52، 64، 67، 68، 69، 70، 71، 72، 76، 77، 78، 79، 80، 81، 82، 83، 87، 88، 91، 92، 95، 96، 97، 98، 99، 101، 107، 108، 112، 115، 117، 119، 122، 130، 131، 133، 134، 135، 136، 137، 138، 139، 140، 141، 142، 143، 144، 145، 146، 147، 152، 153، 154، 155، 156
سنڌو درياهہ 121
سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 17، 23، 101
سوتياري 152
سورت بندر 68، 109
سيدما 138
سيوستان (سيوهڻ جو قلعو) 52
سيوهڻ 96، 99، 103، 128، 139

### ش

شام 65، 68

شاهه بندر 139
شاهه پور 113، 116
شاهپور جهانيان 102
شاهجهان آباد 54، 55، 56، 57، 63، 64، 65، 66، 68، 70، 71، 82، 83، 86، 87، 97، 110
شاهجهان آباد جو قلعو 37، 61، 63
شاهه ديرو 116
شاهه ڳڙهه 108، 129، 130
شڪارپور 134، 135
شهپور قلعو (ديبل) 76
شهدادپور 64، 74، 106، 113، 130، 131

## ع

عراق 147
عمرڪوٽ 37، 42، 43، 64، 97، 138، 139

## ق

قلعو برهمڻ آباد 78
قلعو پيچ نگر 113
قلعو پچم 122
قلعو پلهاري 120
قلعو حيدرآباد 126، 127، 129، 131، 136، 141، 142، 148، 155
قلعو خداآباد (هالا) 126
قلعو ڍادر 94
قلعو سيوي 94
قلعو شاهجهان 54
قلعو شاهه ڳڙهه 107
قلعو شڪارپور 135
قلعو عالم شاهه (ڪچو قلعو) 115، 116
قلعو عمرڪوٽ 42، 138، 139
قلعو ڪانجو 120
قلعو ڪيچ مڪران 76
قلعو گنجابه 94
قلعو نيرون ڪوٽ 115
قنڌار 37، 42، 43، 44، 45، 67، 68، 98، 99، 107، 110، 116

## ڪ

ڪابل 37، 42، 43، 45، 67، 68، 98، 99، 107، 110، 116، 117، 134، 137
ڪانڙي 155
ڪاڇو 85، 93، 94
ڪچ 68، 112، 113، 135، 137
ڪراچي بندر 76
ڪشمير 53، 68
ڪڪرالي 107، 115، 121، 131، 144
ڪلري درياهه 77، 80
ڪلهوڙا سيمينار ڪميٽي، ڪراچي 101
ڪنڊيارو 141
ڪنعان 79
ڪوهستان 134، 136
ڪهڻاڪوٽ 122
ڪيچ يا ڪڇي ڪوهستان جو قلعو 68، 76
ڪيچ مڪران 76

**ڪ**

ڪاٺوٽ 108

**گ**

گجرات 37، 48، 53، 54، 64، 68، 80، 120

گچيرو 128، 130

گنجو ٽڪر 118

گوجه 107

**ڳ**

ڳاڙهي واري 85، 88

**ل**

لاڙڪاڻو 64، 98

لاڪاٽ 92، 113، 114، 136

لوهري 144

لاهري بندر 100، 121

لهري ڏنڊ 107

لاهور 110

لاهور جو قلعو 36، 37، 45

لياري 131

**م**

مارواڙ ضلعو 68

ماروي (يونين ڪائونسل) 25

مالوه 55

مانڌر 92

متڙا 99

محمدآباد 102

مسقط 104

مشهد 40، 41، 42

مصر 68

مڪان ديوي ڪوٽ 131

مڪران جو قلعو 76

مڪلي 80

مڪو شريف 38، 49

ملتان 50، 51، 78، 81، 82، 95، 115، 148

ملتان جو قلعو 51، 68، 95

مهراڻ 25، 77

ميرپور 137

مقبرو مرزا جاني 80

مقبرو مرزا عيسيٰ (ترخان) 80

ميرپور بٺورو 89

**ن**

ناده رستو 131

نصرپور 103، 138

نواب بهاول خان، صوفي لائبريري 22

نوابشاهه ضلعو 25، 102

نُوٽ 92

نيرون ڪوٽ 77، 78

**و**

والڪري 100

ونگو 92

**هه**

هالا ڪندي ڳوٺ 51، 108، 113، 139

هالاڻي 141، 143، 148

هندستان (هند) 20، 23، 33، 34، 42، 44، 45، 47، 53، 59، 60، 61، 63، 68، 82، 83، 91، 94، 95، 99، 145

# ڪتابن جا نالا


**ا**

اقبال نامه (فارسي) 52
اڪبرنامو 18، 42، 44، 54

**ب**

بيگلارنامه 16

**ت**

تاريخ بلوچي 17
تاريخ تازه نواء معارڪ 17
تاريخ سنڌ 17، 18، 19، 20، 23، 24
تاريخ طاهري 16، 69
تاريخ ڪلهوڙا 111
تاريخ نادري 65
تاريخ معصومي 16، 18، 69
تحفة الڪرام 16، 18، 52
ترخان نامه 16، 69
تزڪ بابري 34

**جھ**

جهانگير نامو 18، 52، 53

**چ**

چچ نامو 18، 69

**ڏ**

ڏه سالہ عالمگيري تاريخ 54

**ر**

رتن جوت 17
رقعات بابري 34

**س**

سنڌ جي تاريخ (تاريخ ڪلهوڙا) 17، 21، 22
سنڌي هندن جي تاريخ 17

**ظ**

ظفر نامه 38

**ف**

فتح نامو عرف چچ نامو 16، 17

**ق**

قرآن مجيد 50، 57، 58، 64، 89، 90، 91، 105، 122، 123، 140، 144، 153

**ڪ**

ڪلام فقير نواب ولي محمد خان لغاري 23

**گ**

ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون 23

**ل**

لُبِ تاريخ سنڌ 17

**م**

مثنوي رومي 18، 61، 149
مجمع البحرين 55
مختصر تاريخ سنڌ 17
مظهرشاهجهاني 16
مقالات الشعراء 96
منشور الوصيت 18، 101

ن

نسخہ تاريخ سنڌ، منشي ٽوپڻ مل، پنجاب يونيورسٽي لائبريري، لاهور 20، 21
تاريخ سنڌ، منشي ٽوپڻ مل، نسخہ مرزا عباس علي بيگ 22
نادرنامہ 20، 65
نامہ نغز 16
نصرت نامہ ترخان 16

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

## سنڌي ادبي بورڊ جا تاريخ تي ترت ڇپيل ٿيندڙ ڪتاب

۱۔ تاریخ سندھ۔ عرب دور (سندھی) از: ڈاکٹر ممتاز پٹھان رتصحیح: ڈاکٹر غلام محمد لاکھو

۲۔ سندھ ایک عام جائزہ (اردو) از: ایچ۔ٹی۔ لیمبرک رمظہر یوسف

۳۔ سندھ قبل اسلام (اردو) از: ایچ۔ٹی۔ لیمبرک رمظہر یوسف

۴۔ تاریخ مظہر شاہجہانی (اردو) از: یوسف میرک رمظہر یوسف

۵۔ لُبِ تاریخ سندھ (اردو) از: خدادا خان رمختیار حاجانو

۶۔ تاریخِ طاہری (اردو) از: طاہر نسیانی رمختیار حاجانو

۷۔ مکلی نامہ (اردو)

از: میر علی شیر قانع ٹھٹوی تصحیح: سید حسام الدین راشدی رڈاکٹر نواز علی شوق

۸۔ میر معصوم بکھری (اردو) از: سید حسام الدین راشدی رڈاکٹر نواز علی شوق

9. History of Sindh- Soomra Period

by: Dr: Mumtaz Pathan

10. History of Sindh- Samma Period

by: Dr: Sarfraz Bhatti

11. History of Sindh- Talpur Period

by: Dr: Mumtaz Pathan